# مفصل سنڌي لغت

## جلد ٻيو (ب- ٻ)

چيف ايڊيٽر

**سرفراز راڄڙ**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

# مُفصل سنڌي لغت

جلد ٻيو

(ب _ ٻ)

چيف ايڊيٽر

**سرفراز راڄڙ**

ايڊيٽر

**تاج جويو**

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

حيدرآباد، سنڌ

2016ع

# مُفصل سنڌي لغت

(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل جامع سنڌي لغات جو وڌايل، سڌاريل ۽ سنواريل ڇاپو)

## جلد پيو

(ب — پ)

چيف ايڊيٽر

**سرفراز راڄڙ**

ايڊيٽر

**تاج جويو**


ايڊيٽوريل بورڊ

- ڊاڪٽر غلام علي الانا
- امداد حسيني
- ڊاڪٽر آفتاب ابڙو
- نوراحمد جنجهي
- اختر درگاهي

سنڌي ڊڪشنري بورڊ جو تحقيقي عملو

- سيد شير شاهه بخاري (لغت ساز)
- حافظ غلام سرور برڙو (ريسرچ آفيسر)
- ضراب حيدر (ريسرچ اسسٽنٽ)
- عبدالله 'ناصر' قاضي (ريسرچ اسسٽنٽ)
- راز محمد لغاري (ڪمپيوٽر آپريٽر)
- محمد بخش ٽيهو



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ

2016ع

# ارپنا

مرزا قليچ بيگ،
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي،
۽
ڊاڪٽر غلام قادر سومري
جي نالي

# پنهنجي پاران

الله سائينءَ جا لک شڪرانا جو **’سنڌي ڊڪشنري بورڊ‘** جي ڪارڪنن جي لڳاتار محنت ۽ جانفشانيءَ سان **’مفصل سنڌي لغت‘** جو ٻيو جلد سنڌي الف-ب جي ٻن اکرن **’ب-ٻ‘** تي مشتمل اهلِ سنڌ جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون.

**’سنڌي- سنڌي لغت‘** جي سوچ ۽ ابتدا, اسان جي سنڌ جي ڏاهن ۽ عالمن 1940ع ڌاري ڪئي هئي, ۽ اُن جو محرڪ سنڌي ادبي بورڊ هو. پهرين **’جامع سنڌي لغات‘** تيار ڪرڻ جو ڇڳُ **ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ** جي سِر تي جُهليو. **’جامع سنڌي لغات‘** جي پنجن جلدن جي تياريءَ ۾ هن صاحب سنڌ جي اڻ ڳڻين عالمن, استادن ۽ پورهيت ڪارڪنن جي محنت سان سنڌي ٻوليءَ جي هزارين لفظن کي سهيڙي, سنڌي ٻوليءَ جي پهرين ’جامع سنڌي لغات‘ تيار ڪئي, جنهن کي سنڌ, هند ۽ پاڪستان ۾ وڏي مڃتا ملي.

ڊڪشنرين جو عمل هڪ هنڌ بيهڻ جو نہ آهي, ۽ ان ۾ هميشہ واڌارا, سڌارا ۽ اضافا ٿيندا رهندا آهن. قدرت پاران شايد ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي تسلسل ۽ رهيل خواب کي پوري ڪرڻ جي سعادت **سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ** کي ملڻي هئي, حڪومت سنڌ جي ثقافت کاتي, **’سنڌي- سنڌي ڊڪشنري‘** جي ويهن جلدن جي تياريءَ جي اسڪيم منظور ڪئي, ۽ اها بہ رب پاڪ جي مهرباني آهي, جو اُن جو پهريون جلد, مون ناچيز جي وقت ۾ اٿارٽيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ ٻئي جلد جي سرانجامي بہ مون فقير جي هٿان ٿي رهي آهي. اها سعادت بہ رب سائينءَ مون کي ڏني آهي. ۽ اُن تي آءٌ الله پاڪ جا لک شڪرانہ بجا آڻيان ٿو.

**’مفصل سنڌي لغت‘** جي هن ٻئي جلد ۾ اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ **سنڌي, اردو فارسي ۽ انگريزي** ۽ ٻين زبانن جي اهم لغتن کي سامهون رکي, اهي سمورا لفظ جيڪي ٻين ٻولين کان اسان جي ٻوليءَ اڌارا ورتي,

پنهنجي دامن کي وسيع ڪيو آهي، ۽ موجوده دور جي سائنسي علمن توڙي عام زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ سمورا ڪتب ايندڙ لفظ پڻ اسان هن جلد ۾ شامل ڪيا آهن، جيڪي 'ب' اکر سان شروع ٿين ٿا.

اسان جي ڪوشش آهي تہ جڏهن **'مفصل سنڌي لغت'**اکر 'ي' تائين مڪمل ٿي ويندي تہ اسان سنڌي ٻوليءَ جي دامن ۾ 'لکين نوان لفظ' وجهي چڪا هونداسون. اُن ڏس ۾ اسان کي سنڌ جي سمورن عالمن، ساجاهہ وندن ۽ مختلف علمن جي ڄاڻن ۽ ماهرن جي مدد، سهڪار ۽ رهنمائيءَ جي هر ممڪن ضرورت آهي.

اسان هن ٻئي جلد جي تياريءَ ۾ سنڌي ادب جي سرموڙ عالم ڊاڪٽر **غلام علي الانا** صاحب جي شفقت ۽ رهنمائيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي سهڻن محققن ۽ اديبن: **ڊاڪٽر آفتاب ابڙي**، محترم **نور احمد جنجهي**، ۽ نوجوان دوست **اختر درگاهيءَ** جي سهڪار جا ٿورائتا آهيون، جو هنن **'سنڌي ڊڪشنري بورڊ'** جي ڪارڪنن جي تيار ٿيل هن جلد کي پنهنجيءَ نظر مان ڪڍيو درستيون ڪيون ۽ اسان کي نهايت سهڻن مشورن سان نوازيو.

آءٌ 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر محترم تاج جويي، لغت نويس سيد شير شاهہ صاحب، ريسرچ آفيسر حافظ غلام سرور ٻرڙي صاحب ۽ ريسرچ اسسٽنٽن: محترم ضراب حيدر، محترم ناصر قاضي، محترم محمد بخش ٽيبي ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر محترم راز محمد لغاريءَ جو بہ ٿورائتو آهيان، جن پنهنجي دل ۽ جان سان محنت ڪري، هن جلد کي تڪميل تائين پهچايو. مون کي پڪ آهي تہ سنڌي پڙهندڙ اسان جي هن محنت تي دل کولي داد ڏيندا.

26 اپريل 2016 ع

**سرفراز راڄڙ**
چيئرمئن
سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
حيدرآباد

# ايڊيٽر پاران

**’مفصل سنڌي لغت‘** جو ٻيو جلد (ب-ٻ) پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي. هن جلد جي نظرثاني پڻ اڳئين جلد وانگر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، ڊاڪٽر آفتاب ابڙي صاحب، نور احمد جنجهي صاحب ۽ محترم اختر درگاهي صاحب تي مشتمل ايڊيٽوريل بورڊ ڪئي آهي. ان کان پوءِ ’ڊڪشنري بورڊ‘ جي محنتي آفيسرن، ڪارڪنن ۽ مون، مختلف سنڌي، اردو فارسي، عربي ۽ انگريزي لغتون ڇاڻي، لفظن جي بڻ بڻياد، ڌاتن ۽ گرامر تي خاص ڌيان ڏنو آهي، ۽ ڪيترن سون لفظن جو واڌارو ڪيو آهي. هن لغت جي خاص خوبي اها آهي ته انگريزي ۽ ٻين ٻولين جا [خاص ڪري ’ب‘ سان لاڳاپيل] سنڌيءَ ۾ عام وهنوار ۾ ڪم ايندڙ مروج لفظ به ڏنا ويا آهن. ان ڏس ۾ خاص طور ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، سائنسي علمن، ايجادن، ميڊيڪل سائنس، موسيقي، فلڪيات، براڊ ڪاسٽنگ، ڪارخانن ۽ هنرن لاءِ مستعمل لفظ، دفتري ۽ ٻئي ڪاروهنوار جا لفظ وغيره داخل ڪري، لغت جي هن جلد کي مفصل ۽ جامع ڪيو ويو آهي. سنڌيءَ جي واحد مستند ’جامع سنڌي لغات‘ [مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ] جي ’الف- ب ۽ ٻ‘ تي مشتمل پهريون جلد [پهريون ڇاپو] 516 صفحن تي مشتمل آهي، جڏهن ته سنڌي ڊڪشنري بورڊ جي تيار ڪيل **’مفصل سنڌي لغت‘** پهريون جلد (الف) ۽ هي ٻيو جلد (ب-ٻ) يعني سنڌي **الف-ٻ** جي ٽن اکرن وارا ٻئي جلد، 895 صفحن تي مشتمل آهن.

هن **’مفصل سنڌي لغت‘** ۾ **الف- ب** جي پٺي ’جامع سنڌي لغات‘ [مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ] واري ساڳي رکي ويئي آهي، جنهن موجب مختلف اکرن تي لغت جو ڪم تيزيءَ سان جاري ۽ ساري آهي:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٺ | ٽ | ٿ | ت | ڀ | ٻ | ب | ا |
| ڇ | چ | ڃ | جھ | ڄ | ج | پ | ث |
| ذ | ڍ | ڊ | ڏ | ڌ | د | خ | ح |
| ط | ض | ص | ش | س | ز | ڙ | ر |
| ک | ڪ | ق | ڦ | ف | غ | ع | ظ |
| ڻ | ن | م | ل | ڱ | گھ | ڳ | گ |
| | | | | ي | ء | ه | و |

**'مفصل سنڌي لغت'** جي هن ٻئي جلد ۾ سنڌي **'الف-ب'** جي ٻن اکرن **(ب ۽ ٻ)** سان شروع ٿيندڙ لفظ، فقرا، اصطلاح، ترڪيبون، محاورا ۽ چوڻيون شامل ڪيون ويون آهن.

**'مفصل سنڌي لغت'** جي پهرئين جلد ۾ لغت کي سمجهڻ لاءِ جيڪي اصول ۽ سمجهاڻيون ڏنيون ويون هيون، سي هن جلد ۾ به ساڳيون برقرار رکيون ويون آهن، جهڙوڪ:

لـ هر بنيادي لفظ لاءِ (•) نشاني ڏني وئي آهي. لفظن جي وياڪرڻي جوڙجڪ 'جامع سنڌي لغات' کان وڌيڪ واضح ۽ جامع رکي وئي آهي. بنيادي لفظ کانپوءِ اُن مان نڪرندڙ/ ڦٽندڙ سمورن لفظن کي (ـ) نشانيءَ سان درج ڪيو ويو آهي.

لـ لفظن جي وياڪرڻي صورت ظاهر ڪرڻ لاءِ هيٺينءَ ريت 'لفظي مخفف' ڏنا ويا آهن:

**وياڪرڻي مخفف:**

- اسم تصغير **(ا – تصغير)**.
- اسم حاليه **(ا – حاليه)**.
- اسم خاص **(ا – خاص)**.
- اسم عام **(ا – عام)**.
- اسم ذات **(ا_ذات**
- اسم فاعل **(ا_ فاعل)**.
- اسم مصدر **(ا – مص)**.
- اسم مفعول **(ا – مفعول)**.
- حالت جري **(ح – ج)**.
- حالت فاعلي **(ح – ف)**.
- حالت مفعولي **(ح – م)**.
- حرف جر **(ح – جر)**.
- حرف جملو **(ح – جملو)**.
- حرف ندا **(ح – ندا)**.
- صفت **(صفت)**.
- فعل **(فعل)**.
- فعل لازمي **(فعل لازمي)**.
- فعل متعدي **(فعل متعدي)**.
- فعل متعدي بالواسط **(فعل متعدي بالواسط)**.
- فعل مجهول **(فعل مجهول)**.
- مذڪر **(مذ)**.
- مؤنث **(مث)**.
- واحد **(و)**.
- جمع **(ج)**

لـ 'مفصل سنڌي لغت' ۾ مختلف ٻولين ۽ لهجن جون نشانيون هيٺينءَ ريت ظاهر ڪيون ويون آهن:

- اترادي لهجو **(ات)**.
- اپڀرنس **(اپ)**.
- سنسڪرت **(سن)**.
- انگريزي **(انگ)**.
- عربي **(ع)**.
- براهوي/ بروهڪي **(بر)**.
- سنڌي **(س)**.
- ٿري **(ٿ)**.
- قديم سنڌي **(ق - س)**.
- ڪڇي **(ڪ)**.
- ڪوهستاني
- فارسي **(ف)**.

- بلوچي (ب).
- ترڪي (تر).
- پراڪرت (پرا).
- پشتو (پش).
- پنجابي (پنج).
- جپاني (جپ).
- چيني (چ).
- روسي/رشين (رش).
- يوناني (يو)
- لئٽن (لاطيني)
- جتڪي لهجو (جت).
- لاڙي لهجو (س.ل).
- لاسي لهجو (لس).
- مارواڙي (ما).
- هندڪو (ها).
- هندي (هند).
- سرائيڪي (سرا).
- لهجو (ڪوه).
- گجراتي (گ).

هي سڀ مخفف، ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبرن ۽ ٻين ماهرن سان ڪيترين ئي گڏجاڻين بعد طئي ڪيا ويا آهن.

لسانيات جي هر لغت ۾ وقت وقت اضافا، واڌارا ۽ دُرستيون ٿينديون رهنديون آهن، ۽ نوان لفظ داخل ٿيندا رهندا آهن. اسان به اُن اصول کي آڏو رکي، هن جلد ۾ نون لفظن جو جديد تقاضائن موجب جيڪو اضافو ڪيو آهي، اُهو اميد ته پڙهندڙن، خاص ڪري شاگردن، اُستادن، عالمن، ڪمپيوٽر ۽ مختلف ٽيڪنالاجين ۽ علمن سان لاڳاپيل فردن کي پسند ايندو ۽ اُهي ضرور اُن مان لاڀ پرائيندا.

هن لغت جي ٻئي جلد جو انتسابُ، اسان سنڌي لغت جي پهرئين وڏي ماهر مرزا قليچ بيگ [جنهن 'لغات قديمي' ۽ 'لغات لطيفي' تيار ڪيون هيون]، لغت ۽ لوڪ ادب جي وڏي عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عبدالڪريم سنديلي [جنهن 'تحقيق لغات سنڌي'، 'سچل لغات' ۽ 'سامي ڏاتو ڪوش' - لغتون تيار ڪيون هيون] ۽ نامور تعليم دان ۽ ٻوليءَ جي سچاڻ عالم، ڊاڪٽر غلام قادر سومري [جنهن 'ٻٽن لفظن جي لغت'، 'انگن جو سماجي ڪارج'، ۽ 'ساهتي لغت' جهڙا ڪتاب تيار ڪيا هئا.] جي نالي ڪيو آهي. اِن حوالي سان اسان جو ته پنهنجن عالمن ۽ لغت نويسن جي پورهيي جي مڃتا ڪئي آهي، جيڪو اسان جو فرض پڻ آهي.

[نوٽ: 'مفصل سنڌي لغت' جي ٻئي جلد لاءِ جيڪي ڪتاب ۽ لغتون ڪم آنديون ويون آهن، تن جي ببليوگرافي به شامل ڪئي وئي آهي.]

**تاج جويو**
پراجيڪٽ ڊائريڪٽر
سنڌي ڊڪشنري بورڊ

# مددي ڪتاب ۽ لغتون


| | | |
|---|---|---|
| (1) ڊڪشنري [انگريزي – سنڌي] | جارج اسٽئڪ | [1849ع] |
| (2) ڊڪشنري [انگريزي - سنڌي] | جارج اسٽئڪ | [1855ع] |
| (3) شاهه جو رسالو | ارنيسٽ ٽرمپ | [1866ع] |
| (4) وڻپتي ڪوش | نارومل وسناڻي | [1886ع] |
| (5) گل شڪر [ڀاڪا] | ديوان ڪيولرام آڏواڻي | [1905ع] |
| (6) سنڌي -- انگريزي ڊڪشنري | پرمانند ميوارام | [1910ع] |
| (7) لغات لطيفي | مرزا قليچ بيگ | [1914ع] |
| (8) شاهه جو رسالو | ڊاڪٽر اي. م. گربخشاڻي | [1931-33ع] |
| (9) انگريزي- سنڌي ڊڪشنري | پرمانند ميوارام | [1933ع] |
| (10) سنڌي - انگريزي لغت | آنند ٽي. شهاڻي | [1942ع] |
| (11) ڪامل جو ڪلام | جهمٽمل خوبچند پاوناڻي | [1951ع] |
| (12) شاهه جو رسالو | غلام مصطفيٰ قاسمي | [1951ع] |
| (13) بيلاين جا ٻول | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1951ع] |
| (14) شاهه جو رسالو [منتخب] | ڪلياڻ آڏواڻي | [1952ع] |
| (15) تحقيق لغات سنڌي | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | [1955ع] |
| (16) شاهه جو رسالو [مڪمل] | ڪلياڻ آڏواڻي | [1958ع] |
| (17) رسالو سچل سرمست [سنڌي ڪلام] | عثمان علي انصاري | [1958ع] |
| (18) سچل سرمست جو سرائيڪي ڪلام | محمد صادق رانيپوري | [1959ع] |

| | | |
|---|---|---|
| (19) سنڌي ـ اردو لغت | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ | [1959ع] |
| | ڊاڪٽر غلام مصطفیٰ خان | |
| (20) اردو ـ سنڌي لغت | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ | [1960ع] |
| | ڊاڪٽر غلام مصطفیٰ خان | |
| (21) جامع سنڌي لغات (جلد پهريون) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1960ع] |
| (22) ميين شاهه عنات جو ڪلام | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1960ع] |
| (23) خليفي صاحب جو رسالو | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1966ع] |
| (24) شاهه جو رسالو | علامه آءِ آءِ قاضي | [1967ع] |
| (25) لاڙ جي لغت | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | [1975ع] |
| (26) سامي ڏاتو ڪوش | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | [1978ع] |
| (27) جديد سائنٽفڪ ڊڪشنري | ڊاڪٽر شمس الدين تنيو | [1978ع] |
| (28) جامع سنڌي لغات [جلد: ٻيو] | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1981ع] |
| (29) سنڌي زبان جي بنيادي لغت | پير حسام الدين شاهه راشدي ۽ ٻيا | [1982ع] |
| (30) جامع سنڌي لغات [جلد: ٽيون] | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1984ع] |
| (31) سچل لغات | ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو | [1984ع] |
| (32) جامع سنڌي لغات [جلد:چوٿون] | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1985ع] |
| (33) جامع سنڌي لغات [جلد: پنجون] | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1988ع] |
| (34) عربي ـ سنڌي لغت | غلام حسين جلباڻي | [1988-90ع] |
| (35) ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري | مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | [1990ع] |
| (36) لغات سنڌي مخففات | مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ | [1991ع] |
| (37) جديد سائنٽفڪ ڊڪشنري | ڊاڪٽر ايم. اي قاضي | [1991ع] |
| (38) سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت | ڊاڪٽر غلام قادر سومرو | [1992ع] |
| (39) شاهه لطيف جي موسيقي | ڊاڪٽر درشهوار سيد | [1992ع] |
| (40) سبيءَ جي ٻولي | ڊاڪٽر داد محمد 'خادم' بروهي | [1992ع] |
| (41) ماٿيلي ۽ اوٻاوڙي جي ٻولي | پروفيسر شيخ محمد فاضل | [1992ع] |
| (42) آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه<br>[دريا خان ڪنڊڙيءَ واري جو ڪلام] | مرتب: نياز همايوني | [1992ع] |

(92) ساميءَ جا سلوڪ (3 جلد) — بي. ايڇ ناگراڻي ۽ عبدالڪريم سنديلو — [ٽيون ڇاپو:2015ع]

(93) ميڊيڪل ڊڪشنري [انگريزي ـ سنڌي] — ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي — [2015ع]

(94) ميڊيڪل ڊڪشنري [سنڌي ـ انگريزي] — ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي — [2015ع]

(95) اکر اکر ۾ اسرار — محمد فقير ۽ محمود فقير کٽياڻ جي ڪلام جي لغت — [2015ع]
مرتب: عنايت اُنڙ

(96) ٿلواڙي [ڀهاڪا] — مرتب: محمد صديق منگيو — [2015ع]

(97) شاهه جو راڳ[ٻه ڀاڱا] — استاد امير علي خان — [2015ع]

## عربي، اردو، فارسي ۽ پنجابي لغتون

(98) اردو – انگلش ڊڪشنري — ڊاڪٽر مولوي عبدالحق — [طبع سوم: 1985ع]

(99) فيروز اللغات [اردو] — الحاج مولوي فيروزالدين — [1989ع]

(100) المنجد عربي ـ اردو — جديد ايڊيشن — [اشاعت يازدهم: 1994ع]

(101) پنجابي – اردو لغت — تنوير بخاري — [2008ع]

(102) اردو – سنڌي لغت — عبدالستار بلوچ — [2009ع]

(103) 9 زباني لغت — پروفيسر عبدالعزيز مينگل — [2009ع]

(104) جهانگير اللغات (فارسي - اردو) — - — -

(105) اردو لغت (تاريخي اصول پر جلد دوم: 22 جلد) — اردو لغت بورڊ، ڪراچي — [2010ع]

## انگريزي لغتون

(106) The Concise Oxford Dictionary (5th Edition) [1964]

(107) Webster's New world Dictionary [1968]

(108) Practical Dictionary — By: Prof: Shir Ahmed Qureshi [1978]

(109) New Webster's Dictionary (For Home, School, and office [1999]

(110) English — Sindhi Dictionary [2003]

(111) Scientific Dictionary [انگلش ـ سنڌي] — Dr. Shamsuddin Tunio [2003]

(112) Dream Dictionary — Pamela Ball [2004]

(113) Oxford English to Sindhi Dictionary [2012]

(114) Sindhica Dictionary [انگلش ـ سنڌي] [2013]

(115) The Dictionary of Phrase & Fable — By: E. Cobham Brewer.

The Dictionary: English- Arabic — Dar-Al- Kotob Al- Ilmiyah Beriut Lebanon [2003]

# ب

• **ب:** [اـمث] سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي ’الف – ب‘ جو ٻيو اکر، ديوناگري جو ٽيويهون ۽ هنديءَ جو ٽيهون اکر

* اُچار ’بي‘، ابجد موجب عدد ٻه (2)

* نجوم ۾ ’ب‘ اکر برج جوزا ۽ رجب مهيني جي علامت آهي

* سائنس ۾ حياتين ’ب‘ (Viamin ‘B’) جو نالو

* صوفين جي اصطلاح ۾ ’ب‘ وجود جو ٻيو درجو آهي ۽ اولين موجود ممڪن جي نمائندگي ڪري ٿو. شطارين وٽ برزخ جي علامت آهي.

* مطلب بيان ڪرڻ ۽ ڳُٺپ جي قسمن ۾، جنهن مفهوم جون ٻه يا وڌيڪ شقون هجن ته ان ۾ ٻيءَ شق جي بيان جي علامت آهي.

* ’ب‘ سنڌيءَ جو بنيادي آواز (صوتيو) آهي

* [ع: بيت (= گهر) جو اختصار قديم زماني ۾ اندر جو مفهوم ’بيت‘ (= گهر) △△ جي تصوير سان ظاهر ڪيو ويندو هو. جيڪو ’تصويري خط‘ هو؛ بعد ۾ ’صوتي خط‘ ۾ ان جو پهريون حرف ’ب‘ کڻي ان جو نالو ’بيت‘ تان ’بي‘ رکيو ويو]

* سنسڪرت ۽ هنديءَ جي واهپي موجب بعضي ’و‘ سان بدلجندڙ اکر (جيئن: ’ويد – بيد، وير – بير، وار – بال، ول – بيل وغيره)

* فارسيءَ جي استعمال موجب بعضي ’پ‘ سان تبديل ٿيندڙ اکر (جيئن: ’بادشاهه – پادشاهه)

* ’بسم الله‘ جو پهريون اکر

* [ع]

• **بَ:** ’سان‘، ’۾‘، ’تي‘ ۽ ’کان‘ (حرف جر) وغيره جي معنيٰ ڄاڻائيندڙ هڪ اڳياڙي (جيئن: ’بخوشي – خوشيءَ سان‘، ’بهرحال – هرحال ۾‘، ’بشرطيڪه – انهيءَ شرط تي ته‘ وغيره)

* [اـمذ] قسم جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ (جيئن: ’بخدا‘ = خدا جو سنهن، ساڳيءَ ريت انگريزيءَ ۾ چئبو آهي: By God)

* [ع ـ جملو] سلسلو ڏيکاريندڙ اکر ’روز بروز، جا بجا‘

* تاڪيدي معنيٰ طور واهپي ۾ ايندڙ اکر ’ نوبنو، جابجا، هوبهو، روبرو‘ (مرڪب لفظ : جا + ٻه + جا)

* [ف]

– **بتاريخ:** [ظرف] تاريخ تي

– **بجانب:** [ظرف] ڀر ۾، پاسي، لڳ

– **بجنسي:** [صفت] ساڳيو، هوبهو، ٺس پس، بعينهٖ

– **بحساب:** [ظرف] حساب سان، ليکي سان

– **بحضور:** [ظرف] حضور ۾، بارگاهه ۾

– **بحضورِ سرورِ ڪائنات:** [ظرف] رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي حضور ۾، پاڻ سڳورن جي بارگاهه ۾

– **بحڪم:** [ظرف] حڪم موجب، فرمان سان، فرمودي موافق

– **بحيثيت:** [ظرف] حيثيت سان، رتبي سان

– **بخدمت:** [ظرف] خدمت ۾، حضور ۾ (گهڻو ڪري درخواست لکڻ وقت، تخاطب طور استعمال ٿيندڙ لفظ)

– **بخوبي:** [ظرف] چڱيءَ طرح سان، خوبيءَ سان

– **بخوشي:** [ظرف] خوشيءَ سان، مرضيءَ سان، رضا سان

– **بخير / بخيريت:** [ظرف] خير سان، سلامتيءَ سان

– **بدست:** [ظرف] هٿ سان، هٿ ۾

* وسيلي سان، ذريعي سان

– **بدست بدعا:** [اـمث] هٿ کڻي گهريل دعا

– **بدست مبارڪ:** [ظرف] مبارڪ هٿن سان، سڀاڳن هٿن سان

– **بدستور:** [ظرف] دستور سان، قاعدي موجب، ساڳيءَ طرح، حسب معمول

– **بدولت:** [ظرف] سبب سان، جي ڪري، ذريعي، رستي، وسيلي، ڀاڳين

– **بذاتِ:** [ظرف] پاڻ، خود

– **بذاتِ خود:** [ظرف] خودبخود، پاڻمرادو

– **بذريعي:** [ظرف] جي وسيلي، معرفت، طريقي سان، هٿان

* [ع: بالذريعه]

– **براهِ راست:** [صفت] سڌو سنئون، سڌيءَ ريت، Direct

— **بَراءِ:** [ظرف] لاءِ، واسطي، مطلب سان، ليکي
* وسيلي سان، برکت سان، طفيلي، صدقي
— **براءِ خدا:** [ظرف] خدا جي واسطي، خدا جي نالي تي، للهِ
— **بَراءِ مهربانِي:** [ظرف] مهربانيءَ لاءِ، نوازش ڪري، ازراه ڪرم
— **براءِ نام:** [ظرف] فرضي، ڏيکارڻ لاءِ، نالي ماتر، ٿورو، قليل
— **بَروز:** [ظرف] جي ڏينهن
— **بَروُءِ:** [ظرف] روبرو، منهان منهن، سامهون، آڏو
— **بَروءِڪار آڻڻ:** [اصطلاح] پيدا ڪرڻ، عملي جامو پهرائڻ
— **بروءِ زبان:** [ا_مث] حافظي ۾ محفوظ، چڱيءَ طرح ياد، حِفظ، ازبر
— **بَروزِ مَحشر:** [ظرف] قيامت جي ڏينهن تي، حشر جي ڏينهن تي
— **بَزور:** [ظرف] زور سان، جبراً، زوريءَ، زور زبردستيءَ سان
— **بَسَبَب:** [ظرف] سبب ڪري، ڪنهن ڪارڻ
* [ف: بہ + ع: سبَب]
— **بَشرطيڪ:** [ظرف] اِنهيءَ شرط سان تہ
* [بہ + شرطيہ + ڪ]
— **بَصَدِ احترام:** [ظرف] سون احترامن سان، وڏي احترام سان، وڏي مان سان
— **بَضِد:** [ظرف] ضد تي، هٺ تي
— **بَطور:** [ظرف] حيثيت سان
— **بَمِثل:** [ظرف] وانگر، طرح، جهڙو
— **بَمَع:** [ظرف] ساڻ، سوڌو، سميت، گڏ
— **بَمَع عَيال:** [ظرف] عيال سوڌو، آکهہ سميت، ٻارن سوڌو
— **بَمُوجِب:** [ظرف] پٽاندر، مطابق، طرح
— **بَنِسبَت:** [ظرف] بابت، واسطي، باري ۾، متعلق
* ڀيٽ ۾، مقابلي ۾
* [ف: بہ + ع: نسبت]
— **بہ لَب:** [ظرف] لبن تي، چپن تي
* ساهہ نڪرڻ وارو، دم پرواز ٿيڻ وارو، ٻاهر نڪرڻ وارو
'اِٿي مين مُٺڙي نِبِ جان بہ لب' (خواجہ غلام فريد)
• **بِ:** [ح_جر_ظرف] سان، 'بِسم الله (= بِ + اِسم الله) = الله جي نالي سان'
* [ا _ مذ] قَسمَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ (بالله = خدا جو قسم، الله جو سنهن)
* [ع]
'مي هلاچو هَل، بالله سندو سجڻين' (شاهہ)

— **بِالله:** [ا_مذ] الله جو قسم. خُدا جو سنهن
'بِالله ري پرين، سڀ اونداهي پانڌيان' (شاهہ)
* [ظرف] سچ پچ، تحقيق
'مُحبت ۽ مجازجي، بالله پيئِم جوءِ' (شاهہ)
— **بِالاتفاق:** [ظرف] اتفاق سان، يڪراءِ، متفقہ طور
— **بِالاِجماع:** [ظرف] سڀني جي راءِ سان، گڏيل راءِ، يڪراءِ
— **بِالاِجمالِ:** [ظرف] مجمل نموني ۾، مجموعي طور، ٿلهي ليکي
— **بِالاِراده:** [ظرف] ارادي سان، ڄاڻي واڻي، قصداً
— **بِالتَخصِيص:** [ظرف] خاص طرح، خصوصيت سان
— **بِالتَصرِيح:** [ظرف] چٽائيءَ سان، وضاحت سان، صاف صاف
— **بِالتَفصِيل:** [ظرف] تفصيل سان، وِچوڙ سان، شرح سان
— **بِالتَقدِير:** [ظرف] تقدير سان، موقعي سان، اتفاق سان اوچتو، قسمت سان
— **بِالتَمام:** [ظرف] پوريءَ طرح سان
— **بِالجَبر:** [ظرف] زور سان، زبردستيءَ سان، ڏاڍ سان
— **بِالجُملہ:** [ظرف] مجموعي طور، ڪل، جملي
* آخرڪار، نيٺ
— **بِالخَير:** [ظرف] خير سان، چڱيءَ طرح، سهڻي نموني
— **بِالذات:** [ظرف] ذاتي طور، شخصي طور، پنهنجي سِرِ
— **بِالضَرُور:** [ظرف] ضرورت موجب، ضرور، اوس
* پڪ، يقيناً
— **بِالعُمُوم:** [ظرف] عام طرح سان، عام طور، رواجي طرح
— **بِالفَرض:** [ظرف] فرض طور، فرض ڪريوتہ، ڪٿي قبول ڪجي
* مثال طور، مثلاً (supose)
— **بِالفِعل:** [ظرف] حال في الحال، هِينئر، هن وقت
* حقيقت ۾، سچ پچ، نِس پس

— بِالقُوَة: [ظرف] قوت يا زور سان، اِمڪاني صورت ۾

* [ضد: 'بالفعل']

— بِالڪُل / بِلڪُل: [ظرف] ڪلي نموني ۾، پوريءَ طور، پوريءَ طرح، تمام

— بِالمُشافَه: [ظرف] سامهون، روبرو

— بِالمُشاهَده: [ظرف] مشاهدي مطابق، تجربي پٽاندر

* اکين سان، روبرو، منهن مقابل

— بِالمَعني: [ظرف] سچ پچ، حقيقت ۾

* گجهو

— بِالمُقابِلہ: [ظرف] مقابلي ۾، ڀيٽ ۾، نسبت ۾، سامهون

— بِالمَقطَع: [ظرف] مقاطعي طور، ٺيڪي تي، علي الحِساب، ٺلهي ليکي

— بِالنسبِتِ: [ظرف] ڀيٽ ۾، بنسبت

— بِالواجِب: [ظرف] ضرور، بالضرور

— بِالواسِطہ: [ظرف] ڪنهن واسطي يا وسيلي سان، ٻئي جي معرفت، (c/o)

— بِاليَقِين: [ظرف] يقين سان، پڪ سان، پڪ ئي پڪ، ضرور، يقيناً، يقيني طور

— بِحَمدهٖ تَعاليٰ: [ظرف] ڌڻيءَ مٺانهين جي ساراهه سان

— بِربِ ڪعبہ: [ا _ مذ] ڪعبي جي رب جو قسم

— بِعَينِهِ: [ظرف] هوبهو، ساڳيو جيئن جو تيئن، نِس پِس

— بِغَير: [ظرف] ڪان سواءِ، ڌاران، علاوه

• بِہ: [ح _ جملو] ڀڻ، ٻي، سان

• با: [ح _ جر] 'سان'، 'ساڻ'، 'جي موجب'، 'گڏ'، 'وارو' _ جهڙن معنائون ڄاڻائيندڙ هڪ اڳياڙي (جيئن: 'باخبر = خبروارو، باادب = فضيلت وارو، باقاعدي = قاعدي موجب، با نصيب = نصيب وارو وغيره')

* [ف: (با)]

— باآبرو: [صفت] آبرو وارو، آبرودار، عزتدار

— با آرزو: [صفت] اميد سان، تمنا سان

— باآوازِ بُلند: [ظرف] بلند آواز سان، وڏي آواز ۾ (خاص ڪري ناڪر مجلس دوران حاضرين کي چوندا آهن ته: 'با آوازِ بلند صلواة')

— با اِتِفاق: [ظرف] يڪراءِ، متفق طور، اتفاق راءِ سان

— با اَثر: [صفت] اثر وارو، رسوخ وارو، رَسنديءَ وارو، پهچ وارو، پڄنديءَ وارو

— با اِحترام: [صفت] احترام وارو، محترم

* [ظرف] ادب سان، احترام سان

— با اِختيار: [صفت] اختيار وارو، رسائيءَ وارو، خودمختيار

_ با اِختيار اِدارو: [ا _ خاص] اهو اِدارو يا دفتر، جنهن کي پنهنجي دائره ڪار جا سمورا اِختيار حاصل هجن، (Authority)، [جيئن: 'سنڌي ٻوليءَ جو بااِختيار ادارو' Sindhi Language Authority]

— با اَدَب: [ظرف] ادب سان، احترام سان

* [صفت] ادب وارو، خليق، رلڻو مِلڻو، فضيلت وارو، فهميدو

* [ف: (با) + ع: (ادب)]

'باادب، بانصيب، بي ادب، بي نصيب' (چوڻي)

— با اُصول: [صفت] اُصول وارو، طور طريقي وارو، قائدي قانون وارو

— بااعتماد: [صفت] اعتماد وارو، ايماندار، اعتبار جوڳو

— بااعتقاد: [صفت] پختي عقيدي وارو، عقيدتمند، ويساهي، ڀروسي وارو، يقين وارو

— با اِيمان: [صفت] ايمان وارو، مؤمن

— بابَرڪت: [صفت] برڪت وارو، خير وارو، سڀاڳو، مبارڪ

_ بابَرڪت راتِ: [ا _ مث] برڪت واري رات، خير واري رات، مبارڪ رات (قدر جي رات، عيد برات وغيره)

_ بابَرڪت محفل: [ا _ مث] برڪت واري محفل، مبارڪ گڏجاڻي (قرآن خواني، مجلسِ عزا، نعتن جي محفل وغيره)

— باتَدبِير: [صفت] تدبير وارو، ڪوشش ڪندڙ، ڏاهو

— باتَرتِيب: [ظرف] ترتيب سان، منظم، ترتيبوار

— باتَميز: [صفت] تميز وارو، سمجهو، سلڇڻو، با اخلاق

— باتَهذِيب: [صفت] مهذب، تهذيب وارو

– با ثمر: [صفت] ڦلدار، ميوي وارو ميويدار (وڻ يا باغ وغيره)
* سٺو نتيجو ڏيندڙ (ڪم يا منصوبو وغيره)
* مسافر (جنهن جي کيسي خرچ سميت مڪمل تياري هجي ۽ جيڪو سفر دوران ڪنهن جو به محتاج نه هجي)
– با پرده: [صفت] پردي ۾ رهندڙ، ستر واري (عورت)
– باجماعت: [ظرف] جماعت سان، ٽولي سان
– باجماعت نماز پڙهڻ: [اصطلاح] جماعت سان نماز پڙهڻ، مسجد ۾ نماز پڙهڻ
– باحساب: [ظرف] حساب سان، ليکي سان
– باحياء: [صفت] حياء وارو، لڄارو، شرميلو، مريادا وارو
– باخبر: [صفت] خبر وارو، خبر رکندڙ، واقف، خبردار
* سڌير، هوشيار، سياڻو، ڏاهو
– باذوق: [صفت] ذوق وارو
* سليقي وارو
– بارعايت: [صفت] رعايت سان ملندڙ، سستي اگهه وارو، مناسب قيمت وارو (وکر سودو يا سامان وغيره)
– با رُعب: [صفت] رعب وارو، دٻدٻي وارو، شاهاڻي ڏِک وارو (Gentleman)
– با رِيش: [صفت –مذ] ڏاڙهيءَ سان
– باسليقه: [صفت] سليقي وارو، باتميز
– باشعُور: [صفت] سمجهه وارو، داناءُ، ڏاهو، سمجهو، ساڃهه وارو، ساڃهه وند
– با شعُور عوام: [صفت] ساڃهه وند ماڻهو، شعور وارا ماڻهو
– باصفا: [صفت] صاف، پاڪ، سچو
– باضمِير: [صفت] ضمير وارو، غيرت وارو، شناس وارو، اعلىٰ ظرف، وويڪ وارو
– باغَرض: [صفت] غرض وارو، حاجتمند، ضرورتمند
– با غَم: [صفت] غمگين، دلگير، ڏکايل

– بافَضِيلت: [صفت] فضيلت وارو، مُهذب
* [ظرف] فضيلت سان
– باقاعِده/ باقاعِدي: [ظرف] قاعدي سان، قانون مطابق، دستور سان، ترتيب سان، سِلسلي موجب
– باڪرامت: [صفت] ڪرامت جو صاحب (بزرگ يا اولياء وغيره)
– باڪمال: [صفت] ڪمال وارو، اوج تي پهتل، ماهر (ڪنهن هنر يا فن ۾)
– بامُروت: [صفت] مروت ۽ لحاظ وارو، فضيلت وارو، مرجاتِ وارو، لحاظي، مريادا وارو
– بامعنىٰ: [ظرف] معنىٰ سان، مطلب سان، معنىٰ خيز
* [صفت] فهم وارو
– باوُجود/ باوُجوديڪ: [ح۔ جملو] اِنهيءَ هوندي به، جيتوڻيڪ، اگرچه
– باوضع: [صفت] وضع وارو، ڍنگائتو، وضعدار
– باوضُو: [صفت] وضو سان، پاڪ، صاف
– باوَفا: [صفت] وفادار، نباهو نڀائيندڙ، نباهه ڪندڙ
– باوَقار: [صفت] وقار وارو، عزت مند، مان شان وارو
* گنڀير
– باهِمت: [صفت] همت وارو، دلير، بهادر
– باهَم: [ظرف] هڪٻئي سان گڏ، پاڻ ۾
– باهَمِي: [صفت] گڏيل، پاڻ ۾
– بايقين: [ظرف] يقين سان، پڪ سان، خاطريءَ سان
● بابِ: [ح۔جر] حرف جر جي حذف ٿيڻ واري اعرابي صورت، ['باب ۾' > (حرف جر '۾' ڪڍي ڇڏڻ ڪري) بابِ] باب ۾، باري ۾
'جيڪا بابِ ٻنديءَ جي بات ٻڌي' (لوڪ چوڻي)
* حق ۾، قسمت ۾، نصيب ۾
'سِڪان ٿي سنگهار کي، بابِ نه منهنجي ٻس' (شاهه)
– بابِ بَٽڻ: [اصطلاح] قسمت ۾ اچڻ، لِکيو ٿيڻ، حق ۾ ٿيڻ، باري ۾ ٿيڻ

• **بابُ ج بابَ:** [ا_مذ] درُ، دروازو، لنگهه

'بَرِلَلُهُون باب، اديون عشق مدام جو' (خواجه محمد زمان)

* داستان (ڪتاب جو)، ڪتاب جو حصو، فصل

* ڳالهه، بيان، قصو

'بُره کان پوءِ هو به هڪڙو باب هو' (استاد بخاري)

* قِسم

* دربار، بارگاهه (جيئن: بابِ عالي، بابِ حيدر)

* رستو

* ڏاج

* لائق، شايان، قابل، شائسته

* وڙ، ڪم ڪار، ڌنڌو

* ڪاسبيءَ جو ہنڌاڻ، لاڳ

* قسمت، نصيب

* [ع]

— **بابِ اِجابت:** [ا-خاص] دعا قبول ڪرڻ جو دروازو

— **بابُ الاسلام:** [ا-خاص] اسلام جو دروازو

* عربن جي ڪاهه کانپوءِ سنڌ جو لقب

— **بابُ الحَوائِج:** [صفت-مذ] حاجتن جو دروازو، اُميدن جي پورائيءَ جو در

* [ا _ خاص] غازي حضرت عباس علمدار جو لقب

* [ع: باب = دروازو + حوائج = حاجتون]

— **بابُ السَّماءَ:** [ا_مذ] تارن جو ميڙ (جيڪو آسمان ۾ رستي وانگر نظر ايندو آهي)، واٽ (تارن جي)، آسماني ندي، ڪير ڏارا، ڪهڪشان (Galaxy)

— **بابُ العِلم:** [صفت-مذ] علم جو دروازو

* [ا _ خاص] حضرت علي عليہ السلام جو لقب

* [ع: باب = دروازو + علم]

'انا مدينة العلم، و عليٌ بابها' (حديث)

'مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي' (ترجمو)

— **بابُ المَدِينه:** [صفت-مذ] شهر جو دروازو

* [ع: باب = دروازو + مدينه = شهر]

— **بابِ توبه:** [اصطلاح] توبهه جو دروازو

— **بابِ توبه بند ٿيڻ:** [اصطلاح] توبهه قبول نه ٿيڻ (مسلمانن جي عقيدي موجب جڏهن قيامت ويجهو ايندي، تڏهن ڪنهن جي به توبهه قبول نه ٿيندي ۽ توبهه جو دروازو بند ٿي ويندو)

— **بابِ پڙهڻ:** [اصطلاح] 'الف – بي' پڙهڻ، شروع ڪرڻ

— **بابِ پڙهائڻ:** [اصطلاح] ٻنيون پڙهائڻ، اشارن تي هلائڻ

— **بابِ خيبر:** [ا – خاص] دنيا جو مشهور خيبر لڪ (جيڪو 'پختونخوا' صوبي جي 'ڪوهه سليمان' ۾ پشاور کان اٽڪل 11 ميلن جي پنڌ تي 'جمرود قلعي' وٽ موجود آهي ۽ اهو لڪ 'تورخم' پاڪستان ۽ افغانستان جي سرحد تي اٽڪل 35 ميلن تائين پکڙيل آهي)

— **بابُ عالِي:** [ا_مذ] اوچي بارگاهه

* [ا _ خاص] ترڪي/عثماني دور جي حڪومت جي وزيرن جي دربار

— **باب وا ٿيڻ:** [اصطلاح] دروازو کلڻ

• **باب:** [ا—خاص] ايران جي بابي تحريڪ جي باني (سيد علي محمد) جو لقب

— **بابِي:** [ا – خاص] ايران جو هڪ مذهبي فرقو (جنهن جو باني علي محمد 'باب'، پاڻ کي امام حاضر جو نائب چوندو هو. مشهور ايراني عورت شاعره قرة العين به بابي فرقي سان واسطو رکندي هئي)

— **بابِيّت:** [ا – مث] ايران جي مذهبي تحريڪ (جنهن جو بنياد علي محمد 'باب' رکيو جنهن کي 'بابيه' به چيو وڃي ٿو)

• **بابا ج بابا:** [ا_مذ] بابو، پيءُ، پتا، والد، ڏاڏو، دادا

* [تر/ف: بابا = پيءُ]

* پوڙهي ماڻهوءَ جو خطاب

* ننڍڙي ٻار لاءِ استعمال ٿيندڙ لفظ

* سنياسي، جوڳي

* بزرگ، درويش، فقير

* تعظيم لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ (جيئن: بابا بلهي شاهه، بابا فريد شڪر گنج، بابا گرونانڪ وغيره)

– باد سَنجِي: [ا ـ مث] اجائي گفتگو
※ مغروري
– بادِ شُرطہ: [ا ـ مث] موافق هوا (جيڪا ٻيڙين کي هلڻ ۾ مدد ڪري)، سڌائو واءُ
– بادِ شُمال/ بادِشُمالي: [ا ـ مث] اُتر کان لڳندڙ خوشگوار هوا
– بادِ صَبا: [ا ـ مث] صبح جي وقت سِج اُڀرڻ کان اڳ اتر اوڀر کان لڳندڙ خوشگوار هوا (جنهن ۾ مُکڙيون ٽڙن)، صبح جي هِير، نسيمِ صبح، نسيمِ سحر
※ [ف: (باد) + ع: (صبا)]
– بادِ صَر صَر: [ا ـ مث] تيز هوا، جهَڪَ
– بادِ فِرنگ: [ا ـ مث] باد گولو، هڪ بيماري (جنهن ۾ بدن تي ڪارا، گول داغ ۽ ڦٽ ٿي پوندا آهن، يورپ کان پکڙيل هڪ مرض)
※ تاڪي، آتشڪ، جنسي بيماري
– باد فروش: [صفت] خوشامدي، ٻٽ، واترادو
– باد ڪردار: [صفت] ٻکو، تڪڙو، اُبهرو
– باد ڪَش: [ا ـ مذ] وِجڻو، جهَلي (ڪوري جي)، پکو مورچل
– باد گولو: [ا ـ مذ] تِلي سڄي پوڻ جي هڪ بيماري
※ پيٽ سور، بادي، وائي گولو
※ [سن: وات = هوا + گُلم = تِلي]
– بادگِيرُ ج بادگِيرَ: [ا ـ مذ] منگهہ، هوا دان، هوا ڇڪيندڙ، گهر جي ڇت ۾ هوا لاءِ ڇڏيل لنگهہ (جيڪو ڪاٺ يا سيمينٽ جو ٺهيل آهي)
– بادِ مُخالِفُ: [ا ـ مذ] اُٺائو واءُ (جيڪو ٻيڙين کي هلڻ ۾ روڪ ڪري) ابتڙ هوا، طوفان، جهَڪَ، واچ
※ [ف: (باد) + ع: (مخالف)]
– بادِ مخول/ بادِ مخولِي: [ا ـ مث] هڪ قسم جي بيماري، دماغ جي خرابي، ماليخوليا، سوداءُ
※ ٺٺول، مسخري
– بادِ مَشرق: [ا ـ مث] اوڀر جي هوا، (Eurus)

– بادِ مَغرب: [ا ـ مث] اولهہ جي هوا
– بادِ نَسِيم: [ا ـ مث] صبح جي ٿڌڙي هوا، ٿڌڙي هير
– بادِنما: [صفت] هوا جو طرف ڏيکاريندڙ اوزار
※ هوائي ڪکو، ٽنٽڪڻ
– بادِ نؤبهار: [ا ـ مث] نئين بهار جي هوا
'گلون مين رنگ ڀري، بادِ نؤبهار چلي' (فيض)
– بادوان: [صفت] بادبان، منگهہ، هوا دان، روشندان
※ [ف: بادبان]
– باد هَوائِي: [صفت] فضول، بي معنيٰ، فرضي، بي بنياد
※ ناڪاره، نِڪمو
• بادا: [ا ـ مث] باديا، گهوڙي جي هڪ بيماري (جنهن ۾ گهوڙي جا سُرَيا سڄي پوندا آهن)
※ [ف]
※ [ا-خاص] هڪ ذات جو نالو
• بادارُ: [ا-خاص] ڪاڇي جي جبلن ۾ هڪ ڏيوريءَ جو نالو
• باداش: [ا-مث] بدلو، پاڙو جهاڙو
※ [ف: پاداش]
• باداڻُ ج باداڻَ: [ا-مذ] مِقدار (ٻيگهہ ويڪرسان)
• بادامُ ج بادامَ: [ا ـ مذ] هڪ مشهور خشڪ ميوو (جيڪو اک جي مشابهہ هوندو آهي)، بادام جو وڻ
※ [ڪناية] معشوق جي اک
※ [ف: بادام؛ سن: واتام، ڦل]
– بادام چَشمِ: [صفت] بادام جهڙين اکين وارو، سهڻو، ملوڪ، ناهرڪو
– بادام روغَنُ: [ا-مذ] باداميِن جو تيل
– بادام سِيَہ/ بادام سِياھ: [ا-مذ] ڪارو بادام
※ معشوق جي اک

– **بادِشاهہ گَردِي:** [ا_مذ] طوائِف الملوڪي، وڳوڙ، انڌڌنڌ، داداگيري، لاقانونيت، آمريت

– **بادِشاهہ گَردِي لڳڻ:** [اصطلاح] بدانتظامي ٿيڻ

❊ بد امني ٿيڻ

– **بادِشاهہ ماڻهو:** [صفت _ مذ] وڏو ماڻهو، امير زادو

❊ [مجازاً] چريو، بيوقوف

– **بادِشاهِڻ:** [ا_مث] بادشاهہ جي زال، راڻي، پٽ راڻي

❊ مصريءَ جو هڪ قسم

– **بادِشاهہِ وَقت:** [ا _ مذ] وقت جو بادشاهہ

– **بادِشاهِي ج بادِشاهِيُون:** [ا_مث] سلطنت، حڪومت، راڄ، صاحبي، اقتدار

– **بادِشاهِي حَق:** [ا _ مذ] بادشاهہ جو حصو يا اختيار

– **بادِشاهِي حُڪم:** [ا _ مذ] وقت جي سلطنت يا حڪومت جو ڏنل حڪم، نادرشاهي حڪم، اهو حڪم، جيڪو ٽاري نہ سگهجي

– **بادِشاهِي خَرچُ:** [ا _ مذ] شاهہ خرچ، حيثيت کان وڌيڪ خرچ، اميراڻو خرچ

– **بادِشاهِي خَيالُ:** [ا _ مذ] شاهاڻا خيال، وڏيون رٿون

– **بادِشاهِي ڪرڻ:** [اصطلاح] حڪومت ڪرڻ، حڪومت هلائڻ

❊ عيش ڪرڻ، سکيو وقت گذارڻ، خوشين ۾ هئڻ

– **بادِشاهِي ڳالهيُون ڪرڻ:** [اصطلاح] وڏيون ڳالهيون ڪرڻ، حيثيت کان وڌيڪ احوال ڪرڻ

❊ بيوقوفيءَ واريون ڳالهيون ڪرڻ

– **بادِشاهِي مسجد:** [ا _ خاص] بادشاهہ جي تعمير ڪرايل مسجد، لاهور ۾ واقع هڪ مسجد، (جيڪا مغل شهنشاهہ شاهجهان تعمير ڪرائي هئي)

– **بادِشاهِي هَلائِڻ:** [اصطلاح] حڪم هلائڻ، حڪومت هلائڻ

– **بادشاهيءَ جو خير:** [محاورو] مان مرتبي جو خير، عزت عاقبت جو خير (دعائيہ جملو جيڪو گهڻو ڪري عام ماڻهو وڏن ماڻهن سان ملڻ وقت چون)

– **بادِشائِي:** [ا _ مث] بادشاهي

• **بادَلُ ج بادَلَ:** [ا_مذ] ڪڪر، ابر

❊ [سن: وارِد < وارِ = پاڻي + دا = ڏيڻ]

'بادل ڙي بادل وڃ! منهنجا نيڻ نہ تا بس ڪن' (شيخ اياز)

– **بادَلَ بَرسَڻ:** [اصطلاح] ڪڪر وسڻ، مينهن پوڻ، اِلاهي رحمت وسڻ

– **بادَلَ پِرجِي اَچڻ:** [اصطلاح] ڪڪر پرجي اچڻ، مِينهن چڙهي اچڻ

– **بادَلَ ڇانئِجَڻ:** [اصطلاح] ڪڪرن سان فضا گهيرجي وڃڻ

– **بادَلَ کُلڻ:** [اصطلاح] آسمان صاف ٿيڻ، ڪڪرن جو ٽڙي پکڙي وڃڻ، اوڪاڻڻ

– **بادَلَ وَسڻ:** [اصطلاح] مينهن پوڻ، وسڪارو ٿيڻ

• **بادِلو ج بادِلا:** [ا_مذ] زريءَ جي تار، زري، مقيس، ڪلابات، ريشم ۽ چانديءَ جي تارن سان اُڻيل ڪپڙو، زريفت، ڏماج

❊ هڪ قِسم جي پيتلي گهگهي (جنهن جي مٿان ڪپڙو چڙهيل هجي، جيڪا مسافريءَ ۾ پاڻي ٺڌي رکڻ لاءِ ڪتندا آهن)

❊ [صفت] لاڏلو، البيلو

❊ [ف: باديہ]

• **بادلو/ بادليو:** [صفت –مذ] سڄاڻ، سورهيہ

• **بادو ج بادا:** [صفت _ مذ] مست، سرَ ڦريو

❊ باديءَ جو مريض، پيٽ سڄيل

❊ [سن: واتولَ = هوا سان ڀريل باديءَ جو مريض، سنڌن جي سور ۾ ڦاٿل]

❊ نشي ۾ مخمور

❊ [ف: بادِيہ]

❊ [ا –مذ] وڻو، جَدن، ٻِالو

– **بادِيہ پيما:** [صفت] رڻ جو رولاڪ، مسافر، دشت نورد

❊ تِکو گھوڙو

– **بادِيہ پيمائِي:** [ا _ مث] جهنگ، دشت يا بيابان گهمڻ، دشت نَوردي

– **بادِيہ نَشِين:** [صفت] رڻ ۾ رهندڙ، رڻ واسي، بدوي، صحرائي

• **باڙِيو ج باڙِيا:** [صفت _ مذ] کدڙو، خصي

❊ [س/ٺ]

• **باڙِڻ:** [ا_مث] جوئر جو هڪ قسم

'باڙڻ کان مون بس ڪئي، ڪهڙي جڏي جوار' (جام خان)

❊ پنگ جو هڪ قسم

'پراڻي مڏ، باڙڻ پنگ، ڳانجي جي پهرين سوٽ' (چوٽي)

• **باڏھہ:** [ا_ خاص] تعلقي ڏوڪريءَ جي هڪ ديهہ ۽ شهر جو نالو

_ **باڏاهِي:** [صفت] باڏھہ شهر جو رهاڪو، باڏھہ واسي

❊ [ا – خاص] ناميارِي عوامي شاعر 'شيرل باڏاهيءَ' جو تخلص (جيڪو اصل باڏھہ جو رهاڪو هو)

• **باڊِي:** [ا _ مث] بدن، جسم، جُسو

❊ ڪنهن جماعت يا تحريڪ جي عهديدارن جو جٿو، ڪابينا

❊ ڪنهن مشين وغيره جو ٻاهريون حصو، (kessing)

❊ [انگ: Body]

– **باڊِي بِلڊَر:** [صفت] ڪسرت ڪري پنهنجي جسم کي مضبوط رکندڙ، پهلوان، ڪسرتي

❊ [انگ: Body builder]

– **باڊِي بِلڊِنگ:** [ا _ مث] ڪسرت، ورزش، جسماني مشق جو عمل

❊ [انگ: Body building]

– **باڊِي سرچ:** [ا _ مث] جسماني تلاشي

❊ [انگ: Body search]

– **باڊِي گارڊُ ج باڊِي گارڊ:** [ا_مذ] نگهباني ڪندڙ، خاص محافظ، جان جو رکوالو

❊ [انگ: Body guard]

_ **باڊِي لَئنگُئيج:** [ا – مث] ڳالهائڻ دؤران جسماني چرپر يا ڏيک، جسماني ٻولي (جيڪا اشارن سان ڳالهائي وڃي)، خاموشيءَ ۾ اشارن سان ڪا ڳالهہ سمجهائڻ جو عمل

❊ [انگ: Body language]

• **بارِ:** [ا – ذات] خدا پاڪ جو صفاتي نالو

❊ [صفت] جليل، بزرگ، نيڪ، برتر

❊ [ع: بار]

_ **بارِ الاهِي:** [ا_ذات] اي خداءِ بزرگ و برتر

_ **بارِ الاهِي:** [ا_ذات] بارگاھِ خدا

– **بارِ خُدا:** [ا_مذ] الله تعاليٰ (وڏو ۽ نيڪوڪار)

❊ [ع: (بار) + ف: (خدا)]

• **بار:** [ا_مذ] ڀيرو، ڦيرو، وارو، دفعو، گهمرو، نوبت

❊ وقت، عرصو

❊ [ف: (بار = وارو) _ سن: (واره = وارو)]

❊ بارگاھہ، دروازو (اهو دروازو يا گهٽي جيڪو هاٿيءَ جي شڪار ڪرڻ وقت هن جي آرام واري جڳهہ طرف ناهي ويندي آهي، جڏهن تہ باقي ٻن پاسن کان ڪاهيون کوٽيون وينديون آهن)

– **باربار:** [ظرف] وري وري، هر هر، ذري ذري، ڀيري ڀيري

– **بار بار بچڻ:** [اصطلاح] وري وري بچڻ، ڪنهن خطري يا مصيبت مان وري وري بچڻ

– **بارَگِي:** [ا_ مث] دفعو، ڀيرو، وقت (يڪ بارگي – هڪ دفعو)

– **باروبار:** [ظرف] هڪ جيترو، برابر

– **باروٻر:** [ظرف] بار بار

– **بارها:** [ظرف] ڪئين ڀيرا، اڪثر

• **بارِ:** [ا_مث] شرابخانو گُتو

❊ شراب ۾ ڪم ايندڙ گُتو

❊ [انگ: Bar]

• **بارانِ، بارڻِ:** [اـخاص ـ مث] هڪ نئِن جو نالو (جيڪا کيرٿر جبل مان نڪري ڪرڇي ۽ ڪان هيٺ سنڌو نديءَ ۾ پوي ٿي) نئِن باران

• **بارانُ:** [اـمذ] مينهن، برسات، بارش

'باران برس بادل، بشري بحال بازي' (محمد فقير کتياڻ)

— **باران پوش:** [ا ـ مذ] برساتي (ڪوٽ وغيره)

ـ **باران رَحمت:** [ا ـ مذ] رحمت جي برسات

— **بارانو:** [ا – مذ] مِينهن تي ٿيل پوک، مِينهاٽو

⁂ [س/ات]

— **بارانِي:** [اـمث] مِينهن تي ٿيل پوک، برسات تي ٿيل پوک

⁂ مينهن وسڻ، برساتي

⁂ مِينهن ۾ پسڻ کان بچائيندڙ ڪپڙو، برساتي

'بيخود بات، دي برڪات، ٻن برسات باراني' (محمد فقير کتياڻ)

• **باران گِير:** [اـمذ] ڇڄو، سائبان

• **باربَد:** [اـخاص] خسرو پرويز [ايراني بادشاهه] جو مشهور راڳيندڙ. هڪ ساز جو نالو. بَربَط

⁂ [ف]

• **باربَر:** [ا ـ مذ] حجام، نائي

⁂ [انگ: Barber]

• **باربڪ:** [ا - مث] شاهي دربار جو ناظر يا داروغو

⁂ [ف]

• **باربِي ڪِيو:** [ا – مذ] ڪليل ٻاهه يا ٽانڊن جي سيڪَ تي پڪل کاڌو (جنهن کي تيار ڪرڻ لاءِ هنديءَ يا ديڳڙيءَ جو استعمال نه ڪيو ويندو آهي ۽ سڌو سنئون ٻاهه يا ٽانڊي تي تيار ڪيو ويندو آهي جهڙوڪ: تڪي سيخ ڪباب وغيره)

⁂ سِڳري

⁂ [انگ: Barbecuc]

• **بارتالاب:** [ا - مذ] گفتگو، ڳالهه ٻولهه. ڪچهري

⁂ [سن: وارتالاب]

• **بارِ جاءِ ج بارِجايُون:** [اـمث] بخش ڪيل زمين

⁂ [ف]

• **بارجَه:** [اـمث] ٻيڙو، وڏي ٻيڙي، جنگي ٻيڙو

⁂ [ع: (بارجه) ـ هند: (بيڙهه)]

• **بارخانو ج بارخانا:** [اـمذ] گدام، پانڌو

⁂ [ف: بار + خانه]

• **بارِدُ:** [صفت] ٿڌو، سرد

⁂ [مجازاً] بي حس، جامد

⁂ [ع]

• **بارِدانو ج بارِدانا:** [اـمذ] بار رکڻ جو ٿانءُ، ڳُنوُن، ٻوري، وڏو ٿيلهو

⁂ زمين جي پيدائش (اَن، ڦلين وغيره) توري کڻڻ لاءِ ڳوٿيون، برڪيون، وغيره

⁂ سامان، ٻورچيخاني جو اسباب

⁂ [ف: بار + دان]

• **باردَو:** [اـمذ] ٻه چانگي ڪاني (جنهن سان ميويدار شاخ کي ٽيڪ ڏجي)

⁂ [ف]

• **باردو ج بارِدا:** [ا ـمذ] ٿانءَ جو هڪ قسم، ٽامي جو ٻهڳڻ، داٻلو

⁂ [س/ڪوهه]

• **بارڊَر:** [ا – مذ] حد، سرحد، سيما، ڪنارو

⁂ حصار، حاشيو

⁂ [انگ: Border]

ـ **بارڊَر لائين:** [ا – مث] سرحدي پٽي

⁂ [انگ: Border line]

• **بارِش ج بارِشُون:** [اـمث] برسات، مِينهن

⁂ [ف: باريدن (= وسڻ) > بارش]

ـ **بارِشِ آشڪ:** [ا ـ مث] ڳوڙهن جي برسات (شاعرانو اصطلاح)

ـ **بارشِ حُسن:** [ا ـ مذ] حسن جي برسات، محبوب جو ديدار

ـ **بارشِ رَحمت:** [ا ـ مث] رحمت جي برسات

ـ **بارشِ سَرما:** [ا ـ مث] سياري جي برسات

• بارُوتُ، بارُودُ ج بارُوتَ، بارُودَ: [اـمذ] گندرف. ڪوئلي ۽ شوري وغيره مان ٺهيل مصالحو، آتشي مادو (جيڪو آتشبازي ۽ هٿيارن، جهڙوڪ بندوقن، توپن وغيره ۾ ڪم ايندو)، دارون، آتشي مادو
٭ [تر/ف]

— بارُوتچِي: [صفت] بارود ٺاهيندڙ

— بارُوتخانو بارُودخانو: [اـمذ] بارود رکڻ جي جاءِ

• باره: [اـ مذ] ٻارنهن، 12
٭ [اردو]

ـ باره دَري: [اـ مث] ٻارهن دروازن واري ڪوٺي، عمارت يا پل وغيره، ٻارهن دري
٭ [اـ خاص] مغل بادشاهن ٻاران تعمير ڪرايل هڪ ماڳ مڪان (جنهن ۾ ٻارهن دروازا آهن ۽ اهو ماڳ هن وقت به شالامار باغ لاهور ۾ پنهنجي اصل حالت ۾ موجود آهي)

ـ باره ماسه: [اـ مذ] ٻارهن ماهه، شعر جي هڪ صنف

• باره: [اـمذ] وقت
٭ دفعو، ڀيرو
٭ معاملو
٭ تعلق، واسطو
٭ ديوار، شهر پناهه
٭ [ف]

— باري ۾: [ظرف] معاملي ۾، لاءِ، واسطي، بابت

• بارها: [ظرف] ڪيترائي ڀيرا، ڪئين دفعا
٭ [ف: بارج بارها]

• بارِي: [اـمث] ننڍي چوڪري
٭ [سن: بالا]
٭ واري نوبتَ

• بارِي: [اـ ذات] الله پاڪ جو صفاتي نالو
٭ [صفت] خالق، اُپائڻهار
٭ [ع: باريءَ = خلقيندڙ]

ـ بارِي تعاليٰ: [اسم ذات] الله تعاليٰ، خلقڻهار، اُپائڻهار

• بارِي: [اـخاص] ڏاڙهياري جبل تي هڪ درويش جي آستان جو نالو 'باري پير'

• بارِيابُ ج بارِيابَ: [صفت] اجازت ماڻيندڙ
٭ ملاقات ڪندڙ
٭ مجلس ۾ داخل ٿيندڙ، دربار ۾ پهچندڙ، درباري
٭ [بار + ياب < يافتن = لهڻ]

— بارياب ٿيڻ: [اصطلاح] صحبت جو فيض حاصل ڪرڻ، ملاقات ڪرڻ

— بارِيابِي: [اـمث] حاضري، داخلا، دربار ۾ حاضري

• بارِيچا: [اـخاص] سنڌ جي هڪ ذات

• بارِيڪ: [صفت] سنهو، نفيس، نازڪ، لطيف، سنهڙو، سوڪيم، جهيڻو
٭ [ف]

— بارِيڪ آواز: [صفت] سنهو آواز، لطيف آواز، ڌيمو آواز

— بارِيڪ بِين: [صفت] گهري نظر رکندڙ، باريڪيءَ سان سوچيندڙ، نڪته پرداز، رمز شناس، تيز فهم، پارکو، عيب ثواب ڪڍندڙ، چتر

— بارِيڪ بِينِي: [اـمث] مؤشگافي، تيزفهمي

— بارِيڪ خَيال: [اـمذ] نازڪ خيال، تيز فهم
٭ شاعر

— بارِيڪ راءِ: [صفت] اونهيءَ راءِ وارو، باريڪ فهم

— بارِيڪ مِيان: [صفت] سنهيءَ چيلهه وارو

— بارِيڪِي ج بارِيڪِيون: [اـمث] نفاست، سنهاڻ، سوڪميتا، لطافت، نزاڪت

ـ باڙدانو ج باڙدانا: [اـمذ] بار رکڻ جو ٿانءُ، باردانو، ڳُوڻ، ٻوري، وڏو ٿيلهو، زمين جي پيدائش (اَن، ڦلين وغيره) توري ڪٽڻ لاءِ ڳوٿيون، برڪيون، وغيره
٭ سامان، ٻورچيخاني جو اسباب
٭ [ف: بار + دان]

• **باڙِدي ج باڙِديُون:** [اِ_مث] بالٽي

٭ [ف: باديہ (= وڏو جمن، اونهو پيالو) > بادل، بادلو > بادلي > بالدي > باڙدي]

• **باڙِڪِي ج باڙِڪِيُون:** [اِ_مث] ڪَنن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهہ، والي

٭ [س/ت]

• **باڙو ج باڙا:** [اِ - مذ] اِحاطو، چوڏيواري، واڙ (جيئن: امام باڙو)

٭ مڪان، محل

٭ محلو، پاڙو

٭ ميدان

٭ تڪيو، قبرستان، فقيرن جي رهڻ جي جڳهہ

• **باڙو:** [اِ_مذ] جانورن جو هڪ قسم

٭ [اِ _ مث] پوڙهي ٻڪري

٭ [طنزاً] پوڙهي زال

٭ [س/ات]

• **باز:** [اِ_صفت] اسم جي پٺيان اچي فاعل جي معنىٰ ڏيکاريندڙ پڇاڙي: (جيئن: 'جان باز'، 'دغاباز'، وغيره)

٭ [ف: باختن = کيڏڻ]

• **باز:** [ڦا ف] ٻيهر، وري، مڪرر، نئين سر

٭ [صفت] کشادو، کليل

٭ دست بردار، منحرف، ڪناره ڪش

٭ [ف: باز]

• **بازَ ج بازُو:** [اِ_مث] ٻانهن، عضوو، پاسو، لڳ، پکيءَ جو پر، پنک

٭ [ف: بازو]

– **باز آڻڻ:** [اصطلاح] روڪڻ، ڪنهن ڳالهہ تان هٽائڻ، هٽ ڪٽائڻ

– **بازَ پِٽڻ:** [اصطلاح] بي طاقت ڪرڻ، بي ساهو ڪرڻ

– **باز اچڻ:** [اصطلاح] مڙي وڃڻ، پاسو ڪرڻ

٭ پشيمان ٿيڻ، پڇتائڻ

– **باز رَکڻ:** [اصطلاح] روڪڻ، جهلڻ، منع ڪرڻ

– **باز رَهڻ:** [اصطلاح] پري رهڻ، پاسو ڪرڻ

٭ هٽ ڪٽڻ

• **بازُ ج بازَ:** [اِ_مذ] هڪ قسم جو شڪاري پکي، شڪرو

٭ [اِ _ مث] شڪاري پکين جي خاص جنس جو نالو، باز (مادي)، ڏُرو (نر)

٭ [ف: باز]

'هتان چڙه م ٻان هاريا حقيقت جو' (شاهہ/ آسا)

– **باز بَحري:** [اِ_مذ] باز پکيءَ جو هڪ قسم

'برهہ جا باشا بحاٻٽي، باز بحري بيشمار' (نور محمد)

– **باز پَروري:** [اِ _ مث] باز پالڻ، بازن پالڻ ۽ ويڙهائڻ جو شوق

– **بازَ جون اکيون سبڻ:** [اصطلاح] باز جون اکيون سبي انهن تي ٽوپي چاڙهبي آهي، شڪار تي ڇڏڻ وقت ان جون اکيون کوليون وينديون آهن

– **بازدارُ ج بازدارَ:** [اِ_مذ] باز کي سنڀاليندڙ، باز ڌاريندڙ، باز سان شڪار ڪندڙ

– **بازداري:** [اِ_مث] بازن پالڻ ۽ تربيت ڏيڻ جو هنر، بازن جي نگهباني

– **باز خانو ج باز خانا:** [اِ - مذ] بازن کي پالڻ ۽ سيکارڻ لاءِ هڪ مخصوص جڳهہ

– **بازگِيرُ ج بازگِيرَ:** [صفت] باز جهليندڙ

٭ نوڪر، خدمتگار

٭ پوليس جو اهو گهوڙي سوار، جنهن وٽ گهوڙو پنهنجو نہ هجي

٭ [لفظاً] واپس آڻيندڙ، [مراد] مؤرخ، وقائع نگار

– **بازگيري:** [اِ –مث] ضبطي، واپس وٺڻ

– **بازگهاءِ:** [اِ_مذ] باز پکيءَ جو گهايل شڪار (جيڪو مٽي اڏامي نہ سگهندو آهي، پر هيٺ لڪڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندو آهي)

٭ [س/لس]

• **باسِڻُ:** [مص ـ فعل متعدي] ڏسڻ، ڀڏائڻ، سڃي ڪرڻ، مڃتا مڃڻ، قبول ڪرڻ، سِر تي کڻڻ

**'ڀي ڪير ڳهوندي قاف، هي ٻر ٻرهمڻ باسيو' (شاهه).**

※ [سن: ڀاس = ظاهر ڪرڻ، چمڪڻ، ظاهر ٿيڻ]

※ [مص] باسڻ

※ [امر] باس

※ [مضارع] باسيان (ج) باسيون، باسِين (ج) باسيو، باسي (ج) باسِين

※ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر، مونث جمع جا صيغا ڳنڍيا آهن]

※ [حال] باسي ٿو (ج) باسِين ٿا

※ [حال مث] باسي ٿي (ج) باسِين ٿيون

※ [ماضي] باسيو (ج) باسيا

※ [ماضي مث] باسي (ج) باسيون

※ [مستقبل] باسيندو (ج) باسيندا

※ [مستقبل مث] باسيندي (ج) باسينديون

※ [اسم مفعول] باسيلُ

– **باسائِڻُ:** [مصدر 'باسڻ' مان فعل متعدي بالواسطہ] قبول ڪرائڻ، مڃائڻ

※ [باسيو، باسيندو، باسيل]

– **باسِجَڻُ:** [مصدر 'باسڻ' مان فعل مجهول] ڀڏائجڻ، سڃي ٿيڻ

※ [باسيو، باسبو، باسيل]

• **باسَڻُ ج باسَڻَ:** [اـمذ] ٿانءُ، برتن

※ [سن: واسن]

• **باسِي:** [صفت] ٻاروٺو، راتوڪو ٻچيل (کاڌو وغيره)

ـ **باسي پڻو:** [ا – مذ] ٻاروٺائي، باسي هئڻ جي حالت، تازي نہ رهڻ جي ڪيفيت

ـ **باسِي خَبَرَ ج باسِي خَبرُون:** [ا – مث] پراڻي خبر، اها خبر جيڪا نئين نہ هجي

ـ **باسِي عيدَ:** [اـ مث] عيد جو ٻيو ڏينهن، ٻاروٺي عيدَ، گيدَ

• **باسِي ج باسِي:** [ا – مذ] واسي، رهاڪو، باشندو

• **باش:** [امر] مرڪب لفظن جي پٺيءَ جزَ طور ڪم ايندڙ لفظ (جيئن: 'خوش باش'، 'شاد باش' وغيره)

※ [ف: بودن > باش = هج، رهہ، ترس، ٿيءُ]

• **باشا ج باشا:** [اـمذ] بادشاهہ، ملڪ جو حاڪم

※ [س/ڪوهہ ـ ف: (بادشاهہ) ـ ترڪ: (پاشا)]

• **باشِندو ج باشِندا:** [صفت ـ مذ] رهاڪو، رهندڙ، رهواسي

※ [ف: باشِنده ج باشِندگان]

※ [مث: باشِندي ج باشِنديون]

ـ **باشِندگان:** [صفت] رهاڪو، رهندڙ، رهواسي، ('باشندي' جو جمع)

• **باشو/ بانشو ج باشا/ بانشا:** [اـمذ] هڪ قسم جو شڪاري پکي (جيڪو اصل ۾ 'ٻشين' باز جي مادي آهي، پر نالو مذڪر طور ڪم آندل آهي، اڪيون پيليون، باز کان ننڍو ٿئي)

※ [ف: باشہ]

※ چڙي باز: (accipiter nisus) sparrow hawk

**'جڪر ۾ ڳيرو آهي، جڪر ۾ ڪو باشو باز' (استاد بخاري)**

• **باشُو:** [ا – مذ] 'هائيڪو' (Haiku) جو مشهور جپاني شاعر، Bashu

• **باشِي ج باشِي:** [صفت] واسي، رهاڪو، باشندو (لفظ 'باسي' جو بگاڙ)

※ [سن: واسِي < وس = رهڻ]

※ سردار، سالار، (جيئن: ڪاروان باشي)، (ٻليٽس)

• **باشِين:** [ا ـ مث] باشِي (باز جي مادي)

• **باصِر:** [اـذات ـ صفت] ڏسندڙ، بصارت رکندڙ

※ خدا پاڪ جو صفاتي نالو

ـ **باصِرَه:** [اـمث] ڏسڻ جي سگهہ، بينائي، ديد (پنجن حواسن مان هڪ حواس)

※ [ع: بَصر = هن ڏٺو]

• **باصِري ج باصِري:** [صفت] بصر ۾ رڌل (چانور)، خشڪا

※ بصر وڪڻندڙ يا پوکيندڙ، پيازي (رنگ)

※ [بَصرُ > باصري]

• **باصُور:** [ا-مذ] اک کي روشن ڪندڙ هڪ دوا

• **باطِلُ:** [صفت] ڪوڙو، حقيقت جي خلاف، غير حق، (حق جو ضد)

☼ بيڪار، فاسد، بي اثر، بي نتيجي، ضايع

☼ رد، منسوخ، ڪالعدم، بلڪل ختم، ناقابلِ قبول

☼ لغو، بيهودو

☼ [ع]

– **باطِل پَرست:** [صفت] ڪوڙ جو پوڄاري، ڪافر، گمراهه

– **باطِل پَرستِي:** [ا-مث] ڪفر، گمراهي

– **باطل نگارِي:** [ا - مث] ڪوڙ تي ٻڌل يا اخلاق جي ابتڙ مضمون نگاري

• **باطِنُ ج باطِنَ:** [صفت] ڳجهو، مخفي، لڪل، پوشيده، پنهان

☼ [ضد: ظاهر]

☼ [ا- ذات] خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو

☼ قلب، روح، دل، نفس، ضمير

☼ روحاني قوت، روحانيت

☼ ڳجها راز (قلب جا، اندر جا، دل جا)

☼ [ع]

'نه تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا' (شاهه / سامونڊي)

– **باطِن آگاهه:** [صفت] دل جو حال ڄاڻندڙ، اندر جو ڳجهه ڄاڻندڙ

– **باطِن بِينُ:** [صفت] شين جو اندر پرکيندڙ، نفس پيما

– **باطِن پَرست:** [صفت] اهلِ تصوف، صوفي، طريقت تي عمل ڪندڙ

– **باطِن جو بانو ڏيکارڻ:** [اصطلاح] اندر جو رنگ ڏيکارڻ، اندر جا عجائب ڏيکارڻ

'تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا' (شاهه)

– **باطن ڪُلِ الحَقائق:** [ا - مذ] سمورين حقيقتن جو مخزن، وحدت جو مرتبو، تصوف

– **باطِنِي:** [صفت] باطن سان منسوب، ڳجهو، لڪل، مخفي، روحاني (ظاهريءَ جو ضد)

– **باطنيت:** [ا - مث] باطن سان منسوب، باطني تصوف، روحانيت، روحاني ڪمال

☼ باطنيه فرقي جو عقيدو

– **باطِنِي تَجربو:** [ا - مذ] داخلي تجربو، اهو تجربو جيڪو نفسياتي لاڙن جي اپياس ڪان پوءِ حاصل ٿئي

– **باطِنِي تَڪلُم:** [ا - مذ] خيالن جو لفظن جي صورت ۾ دماغ ۾ اچڻ، لفظن کي ذهني طور ڳالهائڻ، ٻڌڻ يا ڏسڻ

– **باطِنِي فعل:** [ا - مذ] ڳجهو عمل، اهو عمل، جنهن جو صرف تصور ڪري سگهجي، اهو ڪم جيڪو صرف تخيل تائين محدود رهي

– **باطِنِي معائنو:** [ا-مذ] ذهني خيالن ۽ وهمن جو تجزيو ڪري نتيجا ڪڍڻ جو عمل، خواهشن ۽ عقيدن جي جاچ پڙتال

• **باطِنيہ:** [ا-مذ] شيعہ اسماعيلي طريقي جي عقيدي موجب تصوف جو هڪ طريقو (جيڪي قرآن مجيد جي لفظن مان باطني معنائون ڪڍندا آهن)

☼ شيعن جو اهو فرقو جيڪو محمد بن امام جعفر صادق عليہ السلام کي سندس لاڏاڻي کانپوءِ بہ امام مڃيندو آهي

• **باطون/ بطون:** [ا-مذ] اندر، منجهه، ڳجهه، راز، ضمير

☼ [ع: باطن]

'ظاهر ۾ تون محمد، باطون ۾ پرور' (مهدي شاهه)

– **باطونِي:** [صفت] ڳجهو، مخفي، لڪل

– **باطونِي خبرُون ڪرڻ:** [اصطلاح] ڳجهه جون ڳالهيون ڪرڻ، الهامي خبرون ڪرڻ، اڳڪٿيون ڪرڻ

• **باعِثُ:** [ا – ذات – صفت] سبب پيدا ڪندڙ (الله پاڪ جو صفاتي نالو)

* [ع]

* [ا_مذ] سبب، ڪارڻ، وجهه

* پايو، مول

* اصل حقيقت، بنياد

* [صفت] باني، ايجاد ڪندڙ، موجد، شروع ڪندڙ

* [ع: بَعث = هن موڪليو]

_ **باعِثِ خوشي:** [صفت] خوشيءَ جو ڪارڻ

_ **باعِثِ سعادت:** [صفت] خوش نصيبيءَ جو سبب

_ **باعِثِ غَم:** [صفت] ڏک جو سبب

_ **باعِثِ فِڪر:** [صفت] فڪر جوڳو، ڳڻتيءَ جوڳو

_ **باعِثِ مُسَرت:** [صفت] خوشيءَ جو سبب

_ **باعِث هئڻ:** [اصطلاح] سبب ٿيڻ

• **باغُ ج باغَ:** [ا _ مذ] گلن ۽ ميويدار وڻن جو مجموعو، بستان، چمن

* [ف]

– **باغات:** [ا_مذ] گهڻا باغ ('باغ' جو جمع)

– **باغاتِي:** [صفت] باغ لڳائڻ جي قابل

– **باغِ اِرَم:** [ا_خاص] 'شداد بن عاد' (ڪافر) جو باغ (جيڪو استعاري طور 'باغ ارم' يعني 'بهشت جو باغ' سڏيو ويندو آهي)

– **باغائي ج باغائي:** [ا _ مذ] باغ پوکيندڙ ۽ سنڀاليندڙ، آرائين، مالهي

– **باغُ باغُ:** [صفت] خوش، سرهو، گد گد

– **باغ باغ ٿيڻ:** [اصطلاح] حد کان وڌيڪ خوش ٿيڻ، گد گد ٿيڻ

– **باغبانُ ج باغبانَ:** [ا_مذ] باغائي، آرائين، مالهي

* [ا_خاص] آڳاتي قديم هڪ تاريخي شهر جو نالو (جنهن جا آثار تعلقي دادوءَ ۾ آهن ۽ جتي مخدوم بلاول رح جو مقبرو آهي)

* [ا_خاص] شاهه حسن باغبان (ساماڻي ضلعي ميرپور خاص جي پير مشهور اوليا)

– **باغباني:** [ا_مث] باغ سنڀالڻ ۽ پوکڻ جو هنر، 'باغبان' جو ڌنڌو، مالهپ

– **باغ بُستان:** [ا – مذ] گلستان، چمن ڦلواڙي، باغيچو

* خوشبو جو آستان، سرهاڻ جو آستان

* [ف: باغ +بوستان]

– **باغ بَهار:** [ا_صفت] سرسبز، آباد، رونق وارو، خوش، سرهو، نوبنو، تازو

– **باغ بَهار ٿيڻ:** [اصطلاح] خوش ٿيڻ، گد گد ٿيڻ

* تروتازه ٿيڻ، آراسته هئڻ

– **باغِ بِهشت:** [ا – خاص] بهشت، جنت

– **باغِ جَنت:** [ا _ خاص] جنت، بهشت، جنت جو باغ

– **باغ جي مُوري هُئڻ:** [اصطلاح] ڪنهن جي ليکي يا ڳڻپ ۾ نه هئڻ

ڦلاڻو ڪهڙي باغ جي موري آهي' (عام چوڻي)

– **باغ جي موڙي:** [ا _ مث] باغ جي آمدني، باغ جي اُپت

– **باغِ خُلد:** [ا _ خاص] جنت، بهشت جو باغ

– **باغِ خَلِيل:** [ا _ خاص] باغ ابراهيم، گلزار ابراهيم

– **باغِ رِضوان:** [ا _ خاص] جنت، بهشت (اهو باغ جنهن جي منتظم جو نالو رضوان آهي)

– **باغِ شَدّاد:** [ا _ خاص] باغ ارم، شداد جو جوڙيل باغ

– **باغِ عَدن:** [ا_مذ] بهشت جو باغ، بهشت، جنت

– **باغِ فِدَڪ:** [ا – خاص] مديني منوره جي ويجهو خيبر وٽ واقع هڪ زرخيز علائقي جو نالو (جيڪو عيسائين پاران 9 هجريءَ ۾ مباهلي واري صلح وقت بنا ڪنهن جنگ جي رسول پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن کي تحفتاً نذر ڪيو ويو جنهن ڪري هي باغ حضور جن جي ذاتي ملڪيت قرار ڏنو ويو جيڪو پاڻ سڳورن پنهنجي نياڻيءَ بيبي فاطمة الزهرىٰ سلام الله عليها جن جي نالي ڪري ڇڏيو. پاڻ سڳورن جي وصال بعد بيبي فاطمة الزهرىٰ جي وارثيءَ جي دعوىٰ رد ڪئي وئي ۽ ان باغ جي آمدني بيت المال کي ملڻ لڳي. اڳتي هلي بنو اميه جي دور ۾ جڏهن حضرت عمربن عبدالعزيز خليفو ٿيو تڏهن هن هي باغ بني هاشم وارن کي واپس ڪري ڇڏيو)

– **بالائِي ج بالائِيُ:** [اـصفت] مٿيون، مٿانهون
* اُتل وارو، وڌيڪ، سرس، زياده
* [اـمث] جهڳڙ، تري، ملائي (کير جي)

– **بالائِي آمدنِي:** [اـمث] مقرر معاوضي کان وڌيڪ آمدني، واڌو اپت، مٿين ڪمائي

– **بالائِي دُنيا:** [اـمث] مٿين دنيا، (Supramundance)

– **بالائِي طاقُ:** [اـصفت] پري، الڳ، ڏار، پاسيرو

– **بالائِي طاقُ رکڻ:** [اصطلاح] خيال نـ ڪرڻ، وساري ڇڏڻ، پلاڻي ڇڏڻ

– **بالائِي لِکت:** [اـمث] پتو، سرنامو، مٿان لکت (لفافي يا ڪتاب تي)، Superscription

– **بالا يافت:** [اـمث] بالائي آمدني، مٿين ڪمائي

• **بالاچُ ج بالاچَ:** [اـخاص] بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو
* مردن جو هڪ نالو
* [اـخاص] بلوچستان جو قومي شاعر 'بالاچ خان'

• **بالادي:** [اـخاص] هڪ ذات جو نالو (جنن جي هڪ قبيلي جو نالو)
* مشهور استاد غلام حسين 'بالادي'

• **بالتِي/بَلتِي:** [صفت] بلتستان جو

• **بالتِي/ باڙدي ج بالتِيون/ باڙديون:** [اـمث] ڏسو 'باڙدي'

• **بال پُوائنٽ:** [اـمث] ڳوري وارو قلم، ڳوري واري پين
* [انگ: Ball point]

• **بال پين ج بال پينيُون:** [اـمث] ڳوري واري پين
* [انگ: Ball pen]

• **بال رومر:** [اـمذ] ناچ گهر
* [انگ: Ball room]

• **بالسٽر:** [اـمذ] 'بئرسٽر' جو عوامي اُچار
* [انگ: Barrister]

• **بالِش:** [اـمث؛ 'بالشت' جو مخفف ۽ عوامي اُچار] وهاڻو، تڪيو، مسند
* باڪُو، گرانٽ
* [ف]

• **بالِشتَ:** [اـمث] ڳوڪُو، باڪُو، پالُو، گرانٽ
* [ف]

• **بالشويت:** [اـمث] بالشوزم، روسي ڪميونسٽن جي اڪثريتي ڌر جي تحريڪ

• **بالشوزم:** [اـخاص ـمث] روسي ڪميونسٽن جي اڪثريتي ڌر جي تحريڪ
* [انگ: Bolshevism]

• **بالشويڪ:** [اـمذ] بالشوزم تي يقين رکندڙ، ڪميونزم جي مسلڪ جا مڃيندڙ، روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا اڪثريتي ڪارڪن [روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ٿورائيءَ وارن ڪارڪنن کي 'منشويڪ' چيو ويندو هو]

• **بالِغُ ج بالِغَ:** [اـصفت] جوانيءَ کي رسيل، سامايل، جوان، ارڙهن سالن کان مٿي عمر جو
* سمجهدار، هوشيار، تجربيڪار، سياڻو
* صوفي (جيڪو پنهنجي خودي ۽ خود نمائيءَ کان پري هجي)
* [ع]

– **بالغ العُلوم:** [صفت] علمن ۾ ڪامل

– **بالغ پڻو:** [اـمذ] بالغ عمر، بلوغت

– **بالِغ نظر:** [صفت] دوررس يا گهري نگاهه واري، پختي راءِ رکندڙ، تجربيڪار، نُڪته شناس، باريڪ بين، حقيقت کي ڄاڻيندڙ

– **بالغ نظري:** [اـمذ] دوررس نگاهه
* تجربيڪاري، مهارت

– **بالِغِي:** [اـمث] بالغ ٿيڻ واري عمر، بلوغت، جواني

– **بُتُ چَنبڙڻ:** [اصطلاح] بدن ۾ هلڪو ٿيڻ. ٿولهه گهٽائڻ

٭ جماع ڪرڻ

– **بُتُ ڪاندارِجَڻ:** [اصطلاح] سيءَ يا ڊپ کان لڱ ڪاندارجڻ. وار اڀا ٿيڻ. بدن ۾ سياندا پوڻ

– **بُتَ ۾ خارش هڻڻ:** [اصطلاح] گهري مار کائڻ. موچڙن کي سڏ ڪرڻ

• **بُتُ ج بُتَ:** [اـمذ] مجسمو. مورتي. اها مورت. جيڪا پٿر مٽيءَ ڌاتوءَ يا ڪاٺ وغيره مان ٺاهي وڃي (**گهڻو ڪري پوڄا لاءِ**)

٭ ديوتا يا ڀڳوان جو مجسمو (**جنهن جي پوڄا ڪئي وڃي**)

٭ [**مجازاً**] محبوب. معشوق

٭پٿر يا مٽيءَ وغيره مان ٺاهيل ڪنهن ماڻهوءَ جو بوتو (**جيڪو ڪنهن جي خلاف ڪاري جادوءَ طور قبرستان يا سڃيءَ جاءِ ۾ پورين**)

٭ خاموش. گم سم. بي حس ۽ حرڪت. حيران. ماٺ ڪري ويٺل. نه ڪڇندڙ

– **بُتُ ٺاهڻ:** [اصطلاح] مجسمو ٺاهڻ. مورتي گهڙڻ

– **بُتُ بڻجڻ، بُتجي ويهڻ، ٿِي ويهڻ:** [اصطلاح] گم سم. هڪو ٻڪو يا مبهوت ٿيڻ. بي حس ۽ حرڪت ٿي وڃڻ. بلڪل ماٺ ڪري ويهي رهڻ. ڪجهه به نه ڪڇڻ

– **بُتُ تَراش:** [صفت] بت ٺاهيندڙ. مورتيون جوڙيندڙ. مجسما ساز. بت ساز. بت گر

٭ [ف: بت + تراشيدن = تراشڻ. ٺاهڻ]

– **بُتُ ٽُٽڻ:** [اصطلاح] ڪنهن تمام خراب رسم يا روايت جو بند ٿيڻ. فرسوده رسمن جو ختم ڪرڻ

– **بُت پرست:** [صفت] بتن جي پوڄا ڪندڙ. پٿر جي مورت کي پنهنجو معبود سمجهندڙ. فرضي خدائن جي مجسمن کي پوڄيندڙ

– **بُت پرَستِي:** [اـمث] بتن جي پوڄا. مورتيءَ پوڄا

– **بُتَ پوڄا:** [اـ مث] بت پرستي. بتن جي پوڄڻ جو عمل

– **بُتخانو ج بُتخانا:** [اـمذ] اها جاءِ. جتي بتن جي پوڄا ٿئي. مندر

– **بُت خانہ آذَر:** [اـخاص] آتش پرستن جي عبادتگاهہ

– **بُت شِڪَن:** [صفت] بت ڀڃندڙ. بتن کي ڀڃي اُڇلائيندڙ

٭ [اـخاص] حضرت علي عليہ السلام جن جو لقب

٭ [**ف: بت + شڪستن = ٽوڙڻ**]

– **بُت فَروش:** [اـمذ] بُتَ وڪڻندڙ. مجسما وڪڻندڙ

– **بُت ڪار:** [صفت] پوڄا لاءِ مورتي ٺاهيندڙ. مجسمي ساز. بتن جي خريدو فروخت ڪندڙ

– **بُت ڪدو:** [اـمذ] بتخانو. مندر

– **بُت ڪده:** [اـمذ] بتخانو. مندر

– **بُت گر:** [صفت] بت تراش

– **بُتُ وِجهڻ:** [اصطلاح] ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪاري جادوءَ جي ذريعي تڪليف پهچائڻ لاءِ ان جو پتلو اتي مان ٺاهي قبرستان يا مقام ۾ پورڻ. پڙهيا وجهڻ. ڌوهہ ڪرڻ

• **بَتاشو ج بَتاشا:** [اـمذ] پتاشو. کنڊ جي چاش مان ٺهيل گول ٽڪي (**جيڪا مٺائيءَ طور ڪم اچي**)

٭ [**سن: 1. واتاسهہ وات = هوا 2. ٻُت + آش (= چاش) وارو**]

٭ انب جو هڪ قسم

٭ ڪجيءَ جو هڪ قسم (**زرد ڏوڪر**)

• **بَتالُ ج بَتالَ:** [صفت] پليل. گمراهہ

٭ حواس باختہ ٿي ويل

٭ توائي باز. ڪاوڙيل. بخيل

٭ وائڙو. موڳو. حيران

٭ [**ع: بَطال = بيڪار نڪمو**]

– **بَتال ٿِيڻ:** [اصطلاح] پلجڻ. گمراهہ ٿيڻ. توائي ٿيڻ. حواس باختہ ٿيڻ. منجهي پوڻ. رستو وڃائڻ

• **بَتالِجَڻُ:** [**مصدر 'بتالڻ' مان فعل مجهول**] بتال ٿيڻ. مٿو ڦرڻ

٭ مغرور ٿيڻ

٭ خراب ٿيڻ (دل). بَتِلجڻ

٭ [**بتاليو بتالبو بتاليل**]

• **بُڇو ڄ بُڇا:** [صفت ـ مذ] بچڙو، خراب، مدو، گنهگار، گندو، گندلو

'بڇا پسندا بڇيون، نيڪيون لڳ نيڪن' (گرهوڙي)

• **بُڇي ڄ بُڇيُون:** [اـمث] بڇڙائي، بدي

'مرڇاري محمد صہ وڻي، ڇڇيان بيزاري' (گرهوڙي)

• **بِڇيا ڄ بِڇياڻون:** [اـمث] بکيا، خيرات

• **بُڇيو ڄ بُڇيا:** [صفت ـمذ] بچڙو، خراب (ماڻهو)

* [س/ل]

* [مث: بُڇي ڄ ڇڇيون]

– **بُڇيان:** [ظرف] بڇڙائيءَ کان، بَديءَ کان، خراب ماڻهن کان

• **بُڇيرِي:** [اـخاص] ضلعي [نوابشاهہ] شهيد بينظيرآباد جي هڪ شهر ۽ اسٽيشن جو نالو

• **بَحال:** [ظرف] برقرار، قائم

* صحيح، درست، نيڪ

* [ف: (بہ) +ع: (حال = چڱيءَ حالت ۾) ]

* بدستور، حسبِ معمول

* قبول، منظور

* وري نوڪريءَ تي قائم (برطرف ٿيل ملازم)

– **بَحال رَکڻ:** [اصطلاح] قائم رکڻ، بدستور رکڻ

– **بَحال ڪرڻ:** [اصطلاح] بيهر ساڳئي عهدي تي مقرر ڪرڻ، برطرف ٿيل ملازم کي وري ساڳئي ڪم تي قائم رکڻ

* بدستور اجازت ڏيڻ، منظور ڪرڻ، مباح ڪرڻ

– **بَحال هُئڻ:** [اصطلاح] منظور هئڻ، درست هئڻ، ساڳي صورت ۾ قائم هئڻ

* وري مقرر ٿيڻ

* تندرست ٿيڻ، چاق ٿيڻ

– **بَحالِي ڄ بَحاليُون:** [اـمث] اجازت، منظوري، قبوليت

• **بَحثُ ڄ بَحثَ:** [ا ـ مذ] مباحثو، مناظرو، سوال جواب، لفظي مخالفت، زباني تڪرار

'توکي چاهيون ٿا، توکي چاهيون ٿا، بحث ان تي ڪرڻ اجايو آ' (امداد حسيني)

* دليل بازي (عدالت جي سامهون مقدمي جي وڪيلن جي جج جي سامهون ڪيل گفتگو يا دليل بازي)

* ردڪد، هوڙ

* تعلق، مطلب، واسطو

'تون ڳالهہ کي ٻئي طرف وٺي وڃين، اسان جو ان سان بحث نہ آهي' (جملو)

* [ع]

• **بَحثابَحثِي:** [اـمث] بحث مباحثو هڪٻئي سان دليلبازي، رد ڪد، باهمي تڪرار، ڪيل ۽ ڪال

ـ **بَحَث اُٿارڻ:** [اصطلاح] ڪنهن موضوع کي بحث هيٺ آڻڻ، بحث ۽ تڪرار جو سلسلو شروع ڪرڻ

ـ **بَحثائِتو ڄ بَحثائِتا:** [صفت ـ مذ] بحث ڪرڻ جهڙو، بحث ڪرڻ جي لائق، نڪتہ چِينيءَ جوڳو

– **بَحث ڇِڙڻ:** [اصطلاح] ڪنهن مسئلي تي بحث ڪرڻ، ذڪر ڪيڻ، بحث ۽ تڪرار شروع ڪرڻ

– **بَحث طلب:** [صفت] بحث جوڳو، جنهن ۾ بحث مباحثي جي ضرورت هجي

– **بَحث ڪرڻ:** [اصطلاح] ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ، حجت ڪرڻ

'شاگردن مضمون بابت استاد سان بحث ڪيو' (جملو)

* جهڳڙڻ، مقابلو ڪرڻ

– **بَحث مباحِثو ڄ بَحثَ مباحِثا:** [اـمذ] هڪٻئي سان بحث، مذاڪرو، دليلبازي، مناظرو

– **بَحثَ ۾ پوڻ:** [اصطلاح] ڪنهن ڳالهہ جو آغاز ڪرڻ، ڪنهن ڳالهہ ٻولهہ ۾ حصو وٺڻ

– **بَحثَ نہ هئڻ:** [اصطلاح] تعلق نہ هئڻ، مزاحمت نہ هئڻ، حجت نہ هئڻ

- **ٻحر رُباعِي:** [ا - مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ [جيڪو 'بحر هزج' مان نڪتل آهي. چوويهه وزن، جن مان ڪنهن هڪ ۾ رباعيءَ جي هر سٽ (مصرع) ڇٺي ويندي آهي. ان لحاظ کان هر رباعيءَ ۾ ڇهن وزنن جون سٽون يا مصراعون ٿي سگهن ٿيون]

- **ٻحر رَجز:** [ا - مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'مستفعلن مستفعِلن مستفعِلن مستفعِلن' (چار پيرا) جي وزن تي مشتمل هجي، ته ان کي 'بحر رجز، مثمن سالم' چئبو آهي (هي 'بحرزحاف' جي صورت ۾ به ڪم ايندو آهي)

※ [ع: رجز = اضطراب، ترپ، سرعت (تڪڙ)]

- **ٻحر رملُ:** [ا - مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'فاعِلاتن فاعِلاتن فاعِلاتن فاعِلاتن' (چار پيرا) جي وزن تي مشتمل هجي، ته ان کي 'بحر رمل، مثمن سالم' چئبو آهي (هي 'حذف' ۽ 'مقصور' صورتن ۾ به ڪم ايندو آهي)

※ مثال طور: فاعِلاتن فاعِلاتن فاعِلاتن فاعِلات (محذوف)

※ فاعِلاتن فاعِلاتن فاعِلاتن فاعِلن (مقصور)

※ [ع: رمل = ٿلهي جي اٽت]

- **ٻحر سَرِيع:** [ا - مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'مستفعِلن مستفعِلن مفعولات' جي وزن تي مشتمل هوندي آهي ('بحر سريع' سالم ڪتب نه ايندو آهي، پر 'مسدس' يا 'زحاف' سان ڪم ايندو آهي)

※ [ع: سريع = جلدي ڪندڙ]

- **ٻحر طويلُ:** [ا - مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'فعولن مفاعِيلن فعولن مفاعِيلن' جي وزن تي مشتمل هوندي آهي (هي بحر ٻه رڪني آهي، ان ڪري ان کي 'مرڪب بحر' به چئبو آهي. هي بحر 'زحاف' طور به مستعمل آهي)

※ [ع: طويل = ڊگهو، دراز]

- **ٻحر قرِيبُ:** [ا - مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'مفاعِيلن مفاعِيلن فاعِلاتن' جي وزن تي مشتمل هوندي آهي (هي بحر 'زحاف' طور به ڪتب ايندو آهي)

※ [ع: قريب = ويجهو]

- **ٻحر ڪامِلُ:** [ا ـ مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'مُتفاعِلن مُتفاعِلن مُتفاعِلن مُتفاعِلن' (چار پيرا) جي وزن تي مشتمل هوندي آهي (هي بحر 'زحاف' جي صورت ۾ به ڪم ايندو آهي)

※ [ع: ڪامل = مڪمل، پورو]

- **ٻحر متدارِڪ:** [ا ـ مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'فاعِلن فاعِلن فاعِلن فاعِلن' (چار پيرا) جي وزن تي مشتمل هوندي آهي (هي بحر 'حذف' ۽ 'مقصور' جي صورت ۾ به ڪتب ايندو آهي)

※ [ع: متدارڪ = پٺي ڏانهن پهچندڙ اچي ملندڙ]

- **ٻحر متقارِبُ:** [ا ـ مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'فعولن فعولن فعولن فعولن' (چار پيرا) جي وزن تي مشتمل هجي ته ان کي 'بحر متقارب، مثمن سالم' چئبو آهي (هن بحر کي عام طور 'بحر تقارب' به چئبو آهي. هي بحر 'حذف' ۽ 'مقصور' جي صورتن ۾ به ڪتب ايندو آهي)

※ مثال طور: فعولن فعولن فعولن فعول (محذوف)

※ فعولن فعولن فعولن فعو (مقصور)

※ [ع: متقارب = هڪٻئي جي ويجهو]

- **ٻحر مجتث:** [ا ـ مذ] منظوم ڪلام يا شعر جو هڪ عروضي آهنگ، جنهن جي هر سٽ يا مصرع: 'مستفعلن فاعِلاتن مستفعِلن فاعِلاتن' جي وزن تي مشتمل هوندي آهي. (هي ٻه رڪني بحر آهي، ان ڪري هن کي 'مرڪب بحر' به چئبو آهي. هي بحر 'زحاف' سان مستعمل آهي)

※ [ع: مجتث = پاڙ کان اکيڙيل]

• **بُخارِي:** [ا ـ خاص] علم حديث جو هڪ مشهور ڪتاب: 'صحيح بخاري' (جيڪو 'صحاح ستہ' ۾ شامل آهي ۽ جنهن جو مؤلف امام بخاري آهي)

• **بُخارِي:** [صفت] بخارا جو رهاڪو. بخارا شهر مان آيل سيدن جو قبيلو

※ [ا ـ خاص] ساداتن جي مشهور قبيلن مان هڪ قبيلي جو نالو (جهڙوڪ: لڪياري، مٽياري، بخاري)

[سنڌي ۽ اردوءَ جا مشهور اديب ۽ شاعر هن قبيلي سان تعلق رکن ٿا، جن جي نالن سان 'بخاري' نسبت شامل آهي: مثال طور: 'استاد بخاري'، 'امير بخاري'، 'ڊاڪٽر مخمور بخاري'، 'ممتاز بخاري'، 'سيد شيرشاهہ بخاري' (سنڌي)، 'زيڊ. اي بخاري'، 'پطرس بخاري'، 'ڊاڪٽر سهيل بخاري' (اردو)]

• **بُخالت:** [ا - مث] ڪنجوسي، بُخل، بخيلي

• **بَخائِڻُ:** [مص – فعل متعدي بالواسطہ] بخيو هڻائڻ، تروپو هڻائڻ، سبائڻ

※ [ف: بخيہ]

※ [بخايو بخائيندو بخايل]

• **بَختُ ج بَختَ:** [ا ـ مذ] ڀاڳ، نصيب، قسمت، طالع، اقبال

※ حصو، ڀهرو، ونڊ

※ [ف]

ـ **بَخت آزما:** [صفت] قسمت آزمائيندڙ، خدا جي ڀروسي تي ڪم ڪندڙ

※ [ف: بخت + آزمودن = آزمائڻ]

ـ **بَختُ آزمائِڻ:** [اصطلاح] ڀاڳ آزمائڻ، قسمت جي آزمائش ڪرڻ، خدا جي توڪل تي ڪم ڪرڻ

ـ **بَخت آزمائِي:** [ا ـ مث] نصيب آزمائي، قسمت آزمائي

ـ **بَختاور/بَخت آور:** [صفت] بخت وارو، ڀاڳوارو، خوش نصيب، سڀاڳو

– **بَختاوري:** [ا ـ مث] سڀاڳائي، خوش قسمتي

– **بَخت بازي:** [ا ـ مث] قسمت آزمائي، تقدير آزمائي، بخت آزمائي

– **بَخت بَرگَشتہ:** [صفت] بدنصيب، بد قسمت، جنهن جو قسمت ساٿ نہ ڏئي، نڀاڳو

※ [ا ـ مذ] بد نصيبي، بد قسمتي، نا موافق قسمت

※ [بخت + برگشتہ = ڦريل]

– **بَخت بُلند:** [ا ـ مذ] خوش قسمتي، بلند نصيبي، مٿانهون بخت، اعليٰ نصيب

– **بَخت بيدار:** [صفت] سڀاڳو، خوش نصيب، بختاور

– **بَخت پِڙائِڻ:** [اصطلاح] ڀاڳ ورڻ، نصيب جو وارو ورڻ، وارو لڳڻ، موقعو ملڻ

– **بَخت پريشان:** [ا - مذ] بُري قسمت، بدنصيبي

– **بَخت جاڳڻ:** [اصطلاح] قسمت چمڪڻ، نصيب اوج تي رسڻ

– **بَخت جُوان:** [صفت] خوش نصيب، چمڪندڙ ڀاڳ وارو، ترقي ڪندڙ

– **بَخت چمڪڻ:** [اصطلاح] بخت جاڳڻ

– **بَخت خُفتہ:** [ا ـ مذ] ستل نصيب، نڀاڳ، اڀاڳ، بدقسمتي

※ [صفت] بدبخت، بدنصيب، بدقسمت، نڀاڳو

– **بَختَ رسا:** [محاورو] بخت/ڀاڳ جو جاڳڻ

※ [ا – مث] خوشنصيبي

ـ **بَخت رَسيده:** [ا – مذ] بدقسمتي، خراب قسمت

– **بَخت زَبُون:** [ا – مذ] بد قسمتي، بد نصيبي، برو نصيب

– **بَختُ ساڃو ٿيڻ:** [اصطلاح] ڀاڳ پڙائڻ، قسمت جاڳڻ، بخت کُلڻ، وارو ورڻ، اقبال وڌڻ

– **بَخت سازگار:** [ا - مذ] بيدار بخت

※ [ف: بخت + ساز، ساختن = بنائڻ]

– **بَخت سَعِيد:** [ا - مذ] سعادت ڀري قسمت، سٺي تقدير، سڀاڳي قسمت

– **بَخت سُفيد:** [ا ـ مذ] اڇو بخت، نيڪ بخت، سڀاڳ

※ [صفت] سڀاڳو

– **بَخت شُمھڻ:** [اصطلاح] قسمت جو ناموافق هجڻ، بخت ناسازگار ٿيڻ

– **بَخت سياهه:** [ا_مذ] نياڳ، چنڊائي، نحوست، ڦِٽل نصيب

* [صفت] نياڳو، بدبخت

– **بَخت شُوم:** [ا - مذ] بدقسمتي، نياڳ، ڦِٽل قسمت

– **بَخت ڦِرڻ:** [اصطلاح] ناڪامي ٿيڻ، قسمت جو ناموافق ٿيڻ

* ڪامياب ٿيڻ، قسمت موافق ٿيڻ

– **بَختُ کُلڻ:** [اصطلاح] خوشقسمتيءَ جو ڏينهن اچڻ، قسمت جو موافق ٿيڻ

– **بَختَ کي اِٺُون هڻڻ:** [اصطلاح] ڀاڳ کي لتون هڻڻ، ناشڪري ڪرڻ

* مناسب آڇ کي نڪرائڻ

– **بَخت مسعُود:** [ا - مذ] بيدار بخت، سڀاڳو بخت

– **بَخت مند:** [صفت] خوش قسمت، نصيب وارو، ڀاڳوند

– **بَخت نارَسا:** [محاورو] بد نصيبي، خراب بخت، ڦِٽل ڀاڳ

– **بَخت وَر:** [صفت] بخت وارو، نصيب وارو، ڀاڳ وارو، اقبال مند، خوش قسمت

– **بَخت ورڻ:** [اصطلاح] ڀاڳ ورڻ، ڀاڳ کلڻ

– **بَختِيارُ ج بَختِيارَ:** [صفت] بخت وارو، بختاور، سڀاڳو، خوش نصيب، ڀاڳوند

– **بَخت ياري:** [ا – مث] خوش بختي، خوش نصيبي

• **بُختاورَ پُور:** [ا_خاص] تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو

• **بَختر:** [ا - مذ] باختر/بلخ (لفظ 'باختر' جي تخفيف)

• **بُخت نَصرُ:** [ا_خاص] قديم زماني جي هڪ سرڪش بادشاهه جو نالو (جيڪو بابل جو بادشاهه هو ۽ جنهن يروشلم کي ٻه دفعا ناس ڪيو هو)

• **بَختِي، بُختِي:** [ا_مذ] خراساني، باختري يا بلخ جو وڏو ٻن ٿوهن وارو اُٺ

* [ڪناية] پلوراٺ، مهري اٺ، بغدي اٺ

* [ف]

• **بَختِيارپور:** [ا_خاص] تعلقي سيوهڻ جي هڪ مشهور ڳوٺ جو نالو (جتي جا قاضي ۽ ڪاتب مشهور ٿي گذريا آهن)

• **بُخچِي:** [ا - مث] گنجيءَ يا شميز جي قسم جو لباس (جيڪو عورتون چولي يا ڪرتي جي هيٺان پائينديون آهن)

• **بَخرو/ بُخرو:** [ا_مذ] حصو، ڀاڱو، ڀتي

* نصيب، بخت، انعام، بخشش

'رمضان واڌو روز گهري ٿي بخرو مون کي ڏات ڏيو' (رمضان)

* عام طور تي راڳيندڙن کي محفلن ۾ انعام طور پوندڙ گهور جي پيسن جو حصو يا ڀتي، جيڪو راڳي ۽ سازندا پاڻ ۾ ورهائي ڪٺندا آهن (منگهارڪو اصطلاح)

'ڇهون بخرو بيءَ کي، جان ست پٽ پوتا' (گرهوڙي)

* [ف: بهره]

– **بُخريتُ ج بُخريتَ:** [صفت] ڀتيار، ڀائيوار، حصيدار، شريڪ

• **بَخش:** [ا_مذ] حصو، جزو، ڀاڱو

* معافي، بخشش، امداد، انعام، ڏاڻ

'لڳو لام الف سين، بي سنديءَ بخشا' (گرهوڙي)

* [صفت] بخشيندڙ، ڏيندڙ

* اسم ۾ لفظي ترڪيب جو پويون حصو (جيڪو 'بخشيندڙ' يا 'عطا ڪندڙ' جي معنيٰ طور ڪم اچي، جيئن: 'رحمت بخش'، 'قوت بخش'، 'امام بخش' وغيره)

* [ف]

– **بَخشائِي ج بَخشائِيُون:** [ا_مث] بخش ڪرائڻ جي حالت، معافي

* پرچائي، پرچاءُ

* [ا – خاص] هڪ نک/ذات جو نالو

* رام بخشائي مشهور سنڌي ليکڪ (جنهن جي آتم ڪٿا 'آڪيرا آڪاس ۾' ڇپيل آهي)

– **بَخشائِش:** [ا_مث] بخشش، بخشڻ جو عمل، معافي

* ڏاڻ، انعام، امداد

* [ف: بخشائيدن = بخشائڻ، بخشڻ]

– **بَخشائنده:** [صفت] بخشش ڪرڻ وارو، 'الرحمان' جو مترادف

• **بَدِ:** [اِـصفت] خراب. ڪِنو. بڇڙو. گندو. مدو. وِتلُ. ڇَٽ.
نِڪمو. بيڪار. پليد. ڪوڙو. منحوس
* شرير. فسادي. ڏٺيڙي. دنگئي
* ناڪاريءَ طور مستعمل لفظن جي اڳياڙي (جيئن: بداخلاق، بدڪردار بدنام وغيره)
* [ف]

– **بَد آموز:** [صفت] غيرمهذب. بدتميز (جنهن جي تربيت سٺي نہ ڪئي وئي هجي)
* [ف: بد + آموز آموختن = سکڻ، سيکارڻ]

– **بَد آواز:** [اِ ـ مذ] خراب آواز. بڇڙو آواز. اڻ وڻندڙ آواز
* [صفت] جنهن جي آواز ۾ دلڪشي نہ هجي، بي سرو

ـ **بَد آوازِي:** [اِ - مث] بي سُرائي

– **بَد آئِين:** [صفت] بي اصولو. جيڪو ڪنهن اصول جو پابند نہ هجي، بد وضع

– **بَد اِتفاقُ:** [اِـمذ] خراب واقعو. خراب حادثو
* [ف: (بد) + ع: (اتفاق)]

– **بَد اَختَرُ:** [صفت] بدقسمت. جنهن جي قسمت جو سِتارو خراب هجي، نياڳو. ڀَدو ڀڳو
* شرير. ظالم
* [ف]

– **بَد اَخلاقُ:** [اِـصفت] خراب اخلاق وارو. بد لڇڻ. ڪُلڇڻو. غير مهذب. بدفضيلت
* [ف: (بد) + ع: (اخلاق)]

– **بَد اَخلاقِي:** [اِـمث] بڇڙي عادت. بدفضيلتي نالائقي بي ادبي

– **بَد اِراده:** [اِـصفت] بڇڙي اِرادي وارو. بدنيت
* [ف: (بد) + ع: (اراده)]

– **بَد آساس:** [صفت] بد اصل. بد نسل

– **بَد اُسلوبُ:** [اِـمذ] بدنما. بي ڍنگو. بي ترتيب. بي ڍول. بدشڪل. بد صورت
* [ف: (بد) + ع: (اسلوب)]

– **بَد اُسلوبِي:** [اِـمث] بدنمائي. بدفضيلتي. بي ڍنگائي
* گمراهي ذلالت

– **بَد اَصلُ:** [اِـصفت] بدنسل. بدذات. بي بنياد. ڪميڻو
* [ف + ع]

– **بَد اُصولُ ج بَد اُصولَ:** [صفت] بي اُصول. بد نصيب. بدصورت

– **بَد اَطوارُ:** [صفت] اوباش. آواره. خراب عادتن وارو. جنهن جا طور طريقا نيڪ نہ هجن
* [ف + ع]

– **بَد اَطوارِي:** [اِ - مث] بد لڇڻائي، آوارگي

– **بَد اِعتِقادُ ج بَد اِعتِقادَ:** [صفت] خراب عقيدي وارو. جنهن جو اعتقاد درست نہ هجي (مذهب کان منحرف)
* [ف + ع]

– **بَد اعتِقادِي:** [اِ - مث] عقيدن کان انحرافي. بي عقيدگي. بي ايماني

– **بَد اعتِماد:** [صفت] ناقابل اعتبار شخص. جنهن تي ڀروسو نہ ڪري سگهجي. جيڪو واعدو پورو نہ ڪري. وعده شڪن

– **بَد اعتمادِي:** [اِ - مث] بي اعتمادي. بي اعتباري

– **بَد اَعمالُ ج بَد اَعمالَ:** [صفت] بدڪار. بد چلن. بڇڙن ڪمن وارو. فاسق. گنهگار. رشوت خور
* [ف + ع]

– **بَد اَعمالِي:** [اِ - مث] بدڪاري. بد چلني

– **بَد اَفعالُ. بَد اَفعالو ج بَد اَفعالَ. بَد اَفعالا:** [صفت] بدڪار. برا ڪم ڪندڙ. بدتهذيب. بدفضيلت. بي راهه
* [ف + ع]

– **بَد اَفعالِي:** [اِـمث] بدلڇڻائي. بدفضيلتي. بد اخلاقي. بد تهذيبي

– **بَد اِقبالُ ج بَد اِقبالَ:** [صفت] بد بخت. نياڳو. بد قسمت. ناڪام زندگي بسر ڪندڙ

– بَدِاِقبالِي: [اـ مث] نڀاڳ، بدقسمتي، بد بختي
– بَد آمنِي: [اـ مث] بي سلامتي، وِڳوڙ، عدم تحفظ، ڳڙ ٻڙ، وِڳوڙ واري حالت، فساد، انتشار
* [ف:(بد) + ع:(امن)]
– بَد اِنتظام: [صفت] غير منتظم حاڪم (جنهن ۾ ضابطي رکڻ جي صلاحيت نہ هجي)
– بَد اِنتِظامِي: [اـ مث] بدنظمي، بي بندوبستي، اندڌند، خراب حالت
* [ف:(بد) + ع:(بد+انتظام)]
– بَد اَنجام: [صفت] بڇڙي پڇاڙي، بدعاقبت، جنهن جي پڇاڙي خراب هجي
* وعدي جو ڪوڙو
* [ف]
– بَد انجامِي: [ا - مث] وعدي خلافي
* بڇڙي پڇاڙيءَ واري حالت
– بَد اندازِي: [ا - مث] خراب انداز اختيار ڪرڻ جو عمل، ڪج روي
– بَد اَندامُ: [صفت] بي ڊول جسم وارو، بي ڍنگو، جنهن جا عضوا مناسب نہ هجن
– بَد اندامِي: [ا - مث] بي ڊولائپ، اڻ سنوت
– بَدآنديشُ ج بَدآنديشَ: [صفت] منگهرو، بدخواه، بروگهرندڙ، ڪنهن جو نقصان گهرندڙ، مخالف، دشمن، ويري، ڪِيني وارو، بغضي
* [ف: بد + انديشدن = سوچڻ]
– بَدآنديشِي: [اـ مث] منگهرائي، بدخواهي، دشمني، وير، بغض، حسد، ڪِينو، چاوت، بيخيالي، غلطي، ڀل، ڪوتاه بيني
* [ف]
– بَد اِنصافُ ج بَد اِنصافَ: [صفت] انصاف ۽ عدل نہ ڪندڙ، غيرعادل، حق جي خلاف فيصلو ڪندڙ، فيصلي ۾ ڌانڌلي ڪندڙ

– بَد انصافِي: [ا - مث] نا انصافي
– بَد اوسانُ ج بَد اوسانَ: [صفت] بد حواس، گهبرايل
– بَد اوسانِي: [ا - مث] بد حواسي، گهبراهٽ
– بَد اوصافُ ج بَد اوصافَ: [صفت] بد اخلاق، بدلڇڻو خراب وصفن وارو
– بَد اوصافِي: [ا - مث] بد اخلاقي، ڪُلڇڻائپ
– بَد اوقاتُ ج بَد اوقاتَ: [صفت] بدحال، مفلس، بدروزگار
– بَد اوقاتِي: [ا - مث] بدحالي، مفلسي، بي روزگاري
– بَد باتِ: [ا - مث] عيب جي ڳالهہ، خواريءَ جي ڳالهہ، بدناميءَ واري ڳالهہ
– بَد باطِن: [صفت] دل جو پليد، ڪوڙو، منافق، بدنيت، ڪيني پرور
* [ف + ع]
– بَد باطنِي: [ا - مث] دل پليتي، منافقي، بدنيتي، ڪيني پروري
– بَد بَختُ ج بَد بَختَ: [صفت] بد نصيب، نڀاڳو، چنبو
* مصيبت زده، جنهن جي قسمت ۾ تڪليف ۽ ڏک هجي
* [ف]
– بَدبَختِي: [اـ مث] بدقسمتي، بدنصيبي، نڀاڳ، چنڊائي
– بَد بُنيادُ ج بَد بُنيادَ: [صفت] بد نسل، بد ٻُنيادو
– بَدبُودارُ ج بَدبُودارَ: [صفت] ڌپارو، بدبوءِ وارو
– بَدبُوءِ: [اـ مث] خراب بوءِ، خراب بانس، ڌپ، عفونت
* [ضد:خوشبوءِ]
* [ف: بدبو]
– بَدبوءِ بڇڻ: [اصطلاح] اڻ وڻندڙ شيءِ اچڻ
* پانءِ نہ پوندڙ ڳالهہ چوڻ
'مون کي ڪنهن غير جي بدبوءِ جو بڇيو ٿا زوريءَ' (استاد بخاري)
– بَدبوءِ ڪرڻ: [اصطلاح] اڻ وڻندڙ بڻائڻ، خراب ڪرڻ
'هي باغ بڻائيءَ جو آهي، بدبو نہ ڪريو خوشبوءِ سنگهو' (استاد بخاري)

**– بَدبوءِ ڪندڙ:** [اصطلاح] ڏَپ ڏهلائڻ، گند کي پکيڙڻ
⊛ نا انصافي پيکڙڻ
'اوهين بدبوءِ پکيڙيندؤ ته ٿي طوفان اٿندا اسين' (استاد بخاري)

**– بَدبِينُ ج بَدبِينَ:** [صفت] ناظرو، بري نظر سان ڏسندڙ، جنهن جي نظر رڳو برائيءَ تي پوي، ميريءَ اک وارو
⊛ [ف: بد + بين، ديدن = ڏسڻ]

**– بَد بِينِي:** [ا _ مث] بري نظر، اک ميرائي

**– بَدتُخمُ ج بَدتُخمَ:** [صفت] بد اصل، بد نسل، بد بنياد

**– بَد تَر:** [صفت] وڌيڪ بڇڙو، ويتر خراب
⊛ [ف]

**– بَدتَربِيت:** [صفت] بد تهذيب، بد تميز (جنهن کي مناسب طور طريقا نه سيکاريا ويا هجن)

**– بَدتَربِيَتِي:** [ا-مث] بد تهذيبي، بد تميزي، ناڪاري سکيا

**– بَدتَرڪِيب:** [صفت] منتشر، چڙوچڙ، غلط ترڪيب (جنهن جي جوڙجڪ ٺيڪ نه هجي يا جنهن جي جزن جو سٽاءُ مناسب نه هجي)

**– بَدتَرڪِيبي:** [ا - مث] اڏنگائي، غلط جوڙجڪ

**– بَد تَرِي:** [ا - مث] گهڻي خرابي، اَبتري

**– بَدتَرِين:** [صفت] سڀ کان وڌيڪ خراب، بلڪل خراب، بنهه چٽ

**– بَد تَعرِيفِي:** [ا - مث] برائي، عيب گوئي، مذمت، ننديا، ملامت

**– بَد تَعصُب:** [صفت] عداوت، خيالن يا عقيدن جي ڪري سخت اختلاف

**– بَدتَمِيز:** [صفت] گستاخ، بي سليقو، بد تهذيب، غيرمهذب، بدلحاظ، بي شناس
⊛ [ف: بد = خراب + ع: تميز = اخلاق، افعال]

**– بَد تَمِيزِي:** [ا - مث] گستاخي، بي شناسي

**– بَدتَهذِيبُ:** [صفت] بدتميز، بي ادب، غيرمهذب، بدفضيلت
⊛ [ف+ع]

**– بَدتَهذِيبِي:** [ا-مث] بي ادبي، بد تميزي، گستاخي

**– بَدپَرهيزُ:** [صفت] رک يا ڪِري نه ڪندڙ، کاڌي پيتي وغيره ۾ احتياط نه ڪندڙ، غير محتاط
⊛ [ف]

**– بَدپَرهيزِي:** [ا_مث] پرهيز نه ڪرڻ جي حالت، بي احتياطي
⊛ بي پردگي

**– بَد پِيرو ج بَد پيرا:** [صفت] منحوس، نڀاڳو، جنهن جي ايندي ڪا مصيبت نازل ٿئي

**– بَدپيشو:** [ا_مذ] بڇڙو ڌنڌو، ڪسب، حرامڪاري
⊛ [ف: بدپيشہ]

**– بَدپيشہ/ بدپيشي:** [صفت_مذ] اوباش، خراب پيشو ڪندڙ/ ڪرائيندڙ، زاني، زناڪار، ڪسبي

**– بَدجِنسُ:** [صفت] خراب ذات وارو، ڪمينو
⊛ [ف+ع]

**– بَد چال:** [صفت] خراب چال وارو، آواره، اوباش، ناڪاري ڪردار وارو
⊛ [ف: (بد) + هند: (چال)]

**– بَد چالِي:** [ا _ مث] خراب هلت، آواره گردي، اوباش پڻو، منفي ڪردار

**– بَد چَشم:** [صفت] ميري اک وارو، بري نيت سان ڏسندڙ، بين جي مال تي بري نظر وجهندڙ، ناظرو، بد چلن، حاسد، ڪيني پرور، بدخواهه (برائيءَ عورت ڏانهن بريءَ نگاهه سان ڏسندڙ)
⊛ [ف]

**– بَد چَلَن:** [صفت] بد چال، اوباش، ڪميڻو

**– بَد حالُ ج بَد حالَ:** [صفت] خراب حالت وارو، ڏتڙيل، تباهه حال، تڪليف ۾ مبتلا
⊛ غريب، مفلس، نادار، تنگ دست
⊛ زخمي، ڏکيل، ڦٽيل
⊛ [ف+ع]

**– بَد حالِي:** [ا_مث] خراب حالت، تباهه حالي
⊛ مسڪيني، تنگ ستي
⊛ بک، فاقو

- **بَد حَقِيقَت:** [صفت] ڪوڙو، بي حقيقت، بي اهميت، بي بنياد، حقيقت جي خلاف
- **بَد حَواسُ ج بَد حَواسَ:** [صفت] حواس خطا ٿي ويل، گهبرايل، حيران، پريشان، بوڪلايل، مضطرب
  ⊛ خوف زده، خائف، ڊپ ۾ ورتل
  ⊛ بي هوش، جنهن جا حواس ڪم نہ ڪن
  ⊛ بي عقل، بيوقوف
  ⊛ [ف: بد+ ع: حس، احساس (= جاڻڻ، معلوم ڪرڻ) > حواس معلوم ڪرڻ جي اندري]
- **بَد حَواسِي:** [اـمث] گهبراهٽ، پريشاني، مونجهارو
- **بَد حوصِلہ:** [صفت] بي حوصلي، پست همت
- **بَد خَبر:** [ا-مث] بري خبر، موت جي خبر
- **بَد خَرچ:** [صفت] فضول خرچ، بي احتياطيءَ سان خرچ ڪندڙ
- **بَد خِصالُ:** [صفت] برين خصلتن وارو، ڪلڇڻو، بد چال، بدعادت، بد فضيلت (جنهن جون عادتون سليون نہ هجن)
  ⊛ [ع+ف]
- **بَد خَصلَت/ بد خَصلَتو:** [صفت] خراب عادتن وارو، بد عادتو، بدلڇڻو، بد فضيلت
- **بَد خِفت:** [صفت] بي حياءِ، بي شرم
- **بَدخُلقُ:** [صفت] بد اخلاق، بد افعالو، ڪلڇڻو، بدتهذيب، بي ادب
  ⊛ [ف+ع]
- **بَدخُو:** [صفت] بد خصلت، ڪلڇڻو، بڇڙين عادتن وارو
  ⊛ سوٺ منهون، رڪو، رک منهون
  ⊛ [ف]
- **بَد خُواب:** [صفت] برو خواب
  ⊛ ڪچيءَ ننڊ مان جاڳڻ ڪري بي چين، چڙچڙو
- **بَد خُوابِي:** [ا-مث] بي خوابي، ننڊ نہ اچڻ
- **بَدخواهُ ج بَدخواهَ:** [صفت] ٻئي جي بُرائي چاهيندڙ، منگهرو، بدانديش، ڪيني پرور، دشمن، ويري
  ⊛ [ف]
- **بَدخواهِي ج بَدخُواهِيُون:** [اـمث] منگهرائي، بدانديشي، دشمني، عداوت، وير
- **بَدخُوئِي:** [اـمث] خراب عادت
  ⊛ خراب طبيعت
- **بَدخيالُ ج بَدخيالَ:** [صفت] بي خيالو، لا پرواهہ، بي احتياط
  ⊛ بي مروت، رڪو، مغرور
  ⊛ برن خيالن وارو، فاحش ذهن، شهوت پرست
- **بَد خيالِي:** [ا-مث] بي خيالي، لا پرواهي، بي احتياطي
  ⊛ بي مروتي، غرور، تڪبر
  ⊛ برا خيال، فاحش سوچ، شهوت پرستي
- **بَد دُعا ج بَد دُعائُون:** [اـمث] پٽ، پاراتو (اها دعا، جنهن ۾ ڪنهن کي ڇيهو رسڻ جي خواهش ڪئي وڃي)
  ⊛ [ف+ع]
- **بَد دُعا ڪرڻ:** [اصطلاح] پٽڻ، پاراتو ڏيڻ
- **بَد دُعا لڳڻ:** [اصطلاح] پٽ پاراتي جو اثر ٿيڻ
- **بَد دِل:** [صفت] ناخوش، نااُميد، مايوس، ناراض، ڪڪ، بيزار، رنجيدو
  ⊛ بد باطن، بد گمان
  ⊛ بزدل، ڊڄندڙ
  ⊛ [ف]
- **بَد دِماغ:** [صفت] بد مزاج
  ⊛ ناخوش، برهم
  ⊛ مغرور، چڙچڙيو، زود رنج، تند خو، سوٺ منهون
- **بَد دِيانَت:** [صفت] ڪپتيو، ڪوڙو، خيانتي،فريبي، دغاباز
  ⊛ [ف: بد+ديانت = چڱي عادت هئڻ]

– بَدساعَت: [اـمث] خراب گهڙي، منحوس گهڙي، نڀاڳي ساعت، ڏکيو وقت
☼[ف+ع]

– بَد مِرشت: [صفت] خراب طبيعت وارو، جنهن جي خمير ۾ برائي هجي، بدنيت، نيت جو پليت، منگهرو
☼ [ف]

– بَد سُلُوڪ: [صفت] خراب سلوڪ وارو، بد روش، خراب ورتاءُ ڪندڙ، زيادتي ڪندڙ
☼ بد راهه، نابڪار
☼ [ف+ع]

– بَد سُلُوڪِي: [اـمث] خراب ورتاءُ، خراب روش، منهن رکائي، ناسازي، ڪلفت، اڻبڻت

– بَد سَلِيقه: [صفت] بي ڍنگو، بدتهذيب، بدعادت، بي ادب، بد تميز، بي شعور (جيڪو مناسب طور طريقن کان اڻ واقف هجي)

– بَد سَوڻ، سوڻُ ج بَد سَوڻَ، سوڻَ: [اـمذ] خراب سوڻ، بد شگون، بَدفالُ

– بَد سِيرت : [صفت] بريءَ خصلت وارو، برين عادتن وارو، بَدڪردار، بداخلاق
☼ [ف:(بد) + ع:(سِيرة)]

– بَد سِيرَتِي: [ا-مث] بد ڪرداري، بد اخلاقي

– بَد شَد بَڪڻ: [اصطلاح] خراب ڳالهائڻ، بڇڙو بڪڻ، اخلاق کان ڪريل لفظ ڪيڻ، برو ڀلو چوڻ

ـ بَد شِعار: [صفت] بريءَ هلت وارو، بُرن طور طريقن وارو، نابڪار

ـ بَد شِعارِي: [ا-مث] بد چلني، اڻنگي هلت، بد طريقائي

– بَدشِڪل:[صفت] بدصورت، ڪوجهو، بڇڙو، بدزيب، بيڊولو
☼ [ف:(بد)+ع:(شڪل)]

– بَد شِڪلِي: [ا-مث] بد صورتي، ڪوجهائپ، بد زيبي

– بَدشگُون: [اـمذ] خراب شگن، بَدسوڻ، بد حاليءَ جو وهم ڏياريندڙ، نڀاڳ جو باعث
☼ [صفت] ڇنڊو، نڀاڳو، منحوس

– بَدشگُونِي: [اـمث] خراب سوڻ، بدسوڻي
☼ نڀاڳ، ڇنڊائي، نحوست

– بَد شوق: [ا-مذ] برو شوق، خراب عادت
☼ [صفت] برن ڪمن جو شوقين، فحش پرست
☼ بدذوق، دلچسپيءَ جوڳي ڳالهه يا ڪم طرف نہ تانگهيندڙ

ـ بَد شوقِي: [ا ـ مث] بد ذوقي

ـ بَد صَلاح: [صفت] غلط مشورو ڏيندڙ
☼ [ا ـ مذ] غلط مشورو

– بَد صُورَت: [صفت] بڇڙو، بدنما، بدشِڪل، ڪوجهو، بيڊولو
☼ [ف+ع]

– بَد صُورَتِي: [ا ـ مث] بدشڪلي، بدنمائي، ڪوجهائپ

– بَد طالِع: [صفت] بد بخت، نڀاڳو، بري قسمت وارو، جنهن جي پيدائش وقت ستارو خراب هجي

ـ بَد طالِعِي: [ا ـ مث] بد بختي، نڀاڳ

ـ بَد طرِيق: [صفت] برا طريقا اختيار ڪندڙ، گمراهه، جنهن جو اعتقاد برو هجي، بي راهرو

ـ بَد طور ج بَد اَطوار: [صفت] بگڙيل ڍنگ وارو، خراب طور طريقن وارو

– بَدطِينَت: [صفت] خراب خصلتن وارو، بد مزاج، بدخو، خراب طبيعت وارو
☼ بد ذات، بد بنياد، شرير، ڪميڻو
☼ [ف:(بد) + ع:(طِينة = مزاج، طبع)]

– بَد طِينَتِي: [اـمث] بد مزاجي، بد خوئي
☼ ڪميڻپ

-- بَد ظَن: [صفت] بَد گمان، شڪي، برو گمان يا شڪ ڪندڙ
☼ خراب انديشو رکندڙ، گمراهه ڪندڙ
☼ [ف+ع]

– بَد ظَنِي: [ا ـ مث] بد گماني، شڪ

– بَد عَقل: [صفت] بيوقوف، احمق، نا فهم

- **بَد عَقلِي:** [ا ـ مث] بيوقوفي، احمق پائي، مُورک پائي
- **بَد عَقِيده:** [صفت] جنهن جو اعتقاد درست نہ هجي، بي عقيدو، منحرف
- **بَد عَمَل ج بَد اَعمال:** [صفت] خراب ڪم ڪندڙ، جيڪو عمل نہ ڪري، انتظام ۾ نا اهل
- **بَدعَمَلِي ج بَدعَمَليُون:** [ا ـ مث] بداعمالي، بي بندوبستي، بَدانتظامي
* [ف:(بد) + ع:(عمل)]
- **بَدعُنوانُ ج بَدعُنوانَ:** [صفت] بريءَ هلت وارو، بي ضابطہ (قانون جي ابتڙ ڪنهن جي حمايت يا مخالفت ڪندڙ)، اقربا پرور، رشوت خور، راشي
- **بَد عُنوانِي:** [ا ـ مث] بي ضابطگي، رشوت خوري
- **بَد عَهدُ:** [صفت] انجام نہ پاڙيندڙ، وعده خلاف، بيوفا
* [ف+ع]
- **بَد عَهدِي:** [ا ـ مث] وعدي شِڪني، بيوفائي
- **بَد فِعلُ ج بَد فِعلَ:** [صفت] خراب ڪم، بڇڙي ڪرت، بدڪاري، زنا
* [ف+ع]
- **بَد فِعلو ج بَد فِعلا:** [صفت] بدڪردار، بدافعال، بَداخلاق
- **بَد فِعلِي:** [ا ـ مث] خراب ڪم، بدڪاري، حرامڪاري، زنا
- **بَد فَهمُ ج بَد فَهمَ:** [صفت] ناسمجهہ، نہ سمجهندڙ، مورک، بي وقوف
- **بَد فَهمِي:** [ا ـ مث] ناسمجهي، بيوقوفي، مورک پائي
- **بَد قَرِين/قَرِينہ:** [صفت] بد سليقو، بد شعار
- **بَد قِسمَت:** [صفت] بد نصيب، بد بخت، نڀاڳو، ٻُرن نصيبن وارو
- **بَد قِسمَتِي:** [ا ـ مث] بد نصيبي، بد بختي، نڀاڳ
- **بَد قَطع:** [صفت] بد صورت، بد نما، (جنهن جي وضع قطع خراب هجي)
- **بَد قُمار:** [صفت] دغاباز، بي ايمان جواري، جيڪو هميشہ هارائي، غلط چال هلندڙ، دوکو ڏئي پئسہ وٺندڙ، وياجي
- **بَد قُماش:** [صفت] بد معاش، بري وضع قطع جو بريءَ هلت وارو
- **بَد قُماشِي:** [ا ـ مث] بد معاشي، بد چلني، اڍنگي هلت
- **بَدڪارُ ج بَدڪارَ:** [صفت] بڇڙا ڪم ڪندڙ، بدفعل، بَدڪردار، بداعمال، بدمعاش
* زاني، زناڪار
* ڏوهاري، گنهگار
* [ف]
- **بَدڪارِي:** [ا ـ مث] بداعمالي بدڪرداري، بدمعاشي
* بد فعلي، زنا
- **بَد ڪِردارُ ج بَدڪِردارَ:** [صفت] بدڪار، ڪردار جو خراب، بي ڪردار
* [ف]
- **بَدڪِردارِي:** [ا ـ مث] بدڪاري، حرامڪاري
- **بَدڪَلامُ:** [صفت] اڻنگو ڳالهائيندڙ، خراب گفتگو ڪندڙ، بَدگو، بدزبان
* [ف+ع]
- **بَد ڪَلامِي:** [ا ـ مث] بدزباني، بڇڙي ڳالهہ، خراب گفتگو، سخت ۽ اٹوٹندڙ گفتگو گارگند
- **بَدگُمانُ ج بَدگُمانَ:** [صفت] بدظن، ڪنهن تي يقين نہ ڪندڙ، بي اعتبار، شڪي مزاج
* [ف]
- **بَد گُمان ڪرڻ:** [اصطلاح] شڪ ۾ مبتلا ڪرڻ
- **بَدگُمانِي ج بَد گُمانِيُون:** [ا ـ مث] بدظني، بي اعتباري، شڪ، شبهو
- **بَد گُمانِي پکيڙڻ:** [اصطلاح] شڪ پيدا ڪرڻ، بدظني پيدا ڪرڻ

- **بَدنِيتِي:** [ا-مث] بد ارادو، پليتائي، نيت ۾ کوٽ
- **بَد وَضعُ:** [صفت] بد اطوار، بي ڍنگو، بيدولو، اٽوٽندڙ
  ⁂ عياش
  ⁂ [ف+ع]
- **بَدهاضِمو:** [ا_مذ] بدهضمي، پرتي، معدي جي خرابي، تيزابيت
  ⁂ [ف+ع: هضم، هاضم]
- **بَدهَضمِي:** [ا_مث] پيٽ جي پرتي، بدهاضمو، هاضمي جي خرابي، تيزابيت
- **بَد هِمَت:** [صفت] بي همت، بزدل
- **بَد هِمَتِي:** [ا-مث] بي همتي، بزدلي
- **بَدهيئتُ:** [صفت] بدشڪل، بدصورت، بيدولو
  ⁂ [ف+ع: هيئة = شڪل]
- **بَد هيئَتي:** [ا-مث] بد صورتي، بي شڪلي
- **بَدِي ج بَدِيُون:** [ا_مث] خرابي، بڇڙائي، برائي، بدنيتي، بيائي، اوٽائي، برو فعل
  ⁂ تهمت، بهتان، الزام
  ⁂ نُحوست، منحوس يا نامبارڪ هئڻ واري صورتحال
  ⁂ [ف]
- **بَدِي بَدِڪارِي:** [ا-مث] خرابي، اوٽائي، برا فعل
  'هزارين عيب مون ۾ لک بديون بدڪاريون' (يوسف نانڪ)
- **بَد يَقِينُ ج بَد يَقِينَ:** [صفت] غلط ڳالهه تي يقين رکندڙ
- **بَد يُمَنُ ج بَد يُمَنَ:** [صفت] منحوس، نا مبارڪ
  ⁂ [ف: بد + ع: يمن = سڀاڳي، سڀاڳ، فتح]
- **بَد يُمَنِي:** [ا-مث] بد نصيبي، بد شگني
  ⁂ [ف: بد + ع: يمَن = سڀاڳي، سڀاڳ، فتح]
- • **بَدُ:** [ا_مذ] ڪينو، حسد، بغض
  ⁂ وير، دشمني
- • **بَدُ:** [ا_مذ] پيسڪوٽ راند ۾ بي زور پتو (حڪم کان سواءِ ڦالتو پتو) ٻئي رنگ جا پتا

- • **بِدَ ج بِدُون:** [ا_مث] وڏي هڙ، ڳنڍڙي، بڌ، بدڙي
  ⁂ ٿيلهن ناهڻ لاءِ ڏنبي يا ٻڪريءَ جي کلَ
  ⁂ [ع: بَدرة]
- • **بِدِ:** [ا_مث] گِد، گِل، ننڍڙي کڏ (جيڪا ڇڊن يا بلورن راند کيڏڻ وقت کم آئبي آهي)
- • **بُدُ ج بُدَ:** [ا_مث] زنانو مخصوص عضوو (ڦدي)
- • **بَدا:** [ا_مث] بَدي، بڇڙائي، ڏوهه، پاپ، گناهه
  ⁂ [ف: بد = بڇڙو]
  ⁂ مقدر، اڳ لکيو
  ⁂ [ع: بَدء، بَداية = شروعات، ابد]
- • **بِدا:** [ا_مث] ڏاڙ، وداع ('وداع' جو بگڙيل لفظ)
  'ٻيڙيون نيئي ٻار، تو تان ٻَنڌ بِدا ٿيو' (شاهه)
  ⁂ رخصت، موڪلائي، روانگي، جدائي، (ڪنوار جو ٻهريون پيرو پيڪن مان ساهرين وڃڻ جي حالت)
  ⁂ [ع: وِداع]
  ⁂ خاتمو
  ⁂ [ا _ خاص] هڪ قبيلي جو نالو
- **بِدا ٿِيڻ:** [اصطلاح] وداع ڪرڻ، موڪلائي ڪرڻ، جدا ٿيڻ
  ⁂ ختم ٿي وڃڻ
- • **بِدادِي ج بِدادِي:** [صفت] بريءَ علت وارو، بد افعالو، بد ڪِردار، گناهن ڀريو
  'بلند بِدادي عيبن ڀريس خلق ڪِليو ٿي جٺيس جريو' (بلند شاهه)
- • **بَداهَت:** [ا-مث] ته طلبي، حاضر جوابي، بي ساختگي
- • **بَدائِعُ:** [ا _ مذ] حيرت انگيز ڳالهيون، عجيب ۽ غريب شيون، عجائبات، نادر ۽ ناياب شيون، نيون شيون ('بديع' جو جمع)
  ⁂ شاعريءَ جون لفظي ۽ معنوي خوبيون (بلاغت)، 'صنايع بدايع'
  ⁂ [ع: بَديعة ج بَدائع]
- **بَدائِعُ مَعنوِي:** [ا_مذ] عبارت جون معنوي رنگينيون
- • **بُدبُد:** [ا _ مذ] بوڙيو، جَرڦوٽو، حَباب

• **بَدَڪَ ج بَدَڪُون:** [اـمث] بَطخ. (Duck)، پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم
☆ [ع:(بَطّ) ـ ف:(بَتڪ) سن:(ورتڪا)]

• **پِدَڪَ:** [ا ـ مث] ڏپ يا شرارت جي ڪري گهوڙي يا ڍورن جي اضطرابي جرپر

• **پِدڪائِڻُ:** [مص ـ فعل متعدي] ڊيڄارڻ، هراس ۾ وجهڻ، ڪنبائڻ، ڏڪائڻ
☆ [هند: بِدڪانا]

• **بَد ڪِنارُ:** [اـمذ] گهوڙي جو هڪ مرض (جنهن ۾ چمڙي ۾ رت خراب ٿي پوي)

• **بُدِڪِي ج بُدِڪيُون:** [اـمث] بُودڪي، جُوڄڪي، رِيجڪ، پُور، اوجتو وهم يا خيال
☆ ٻَڪو، ٺينگ، ٺپو

• **بَدگِيرُ ج بَدگِيرَ:** [صفت] بزگير، مزور، نوڪر، خادم
☆ [س/ات]

– **بَدگِيرِي:** [اـمث] بزگيري، نوڪري، خادمي

• **بَدَلُ ج بَدَلَ:** [اـمذ] عيوض، بدلو، پاڙو جهاڙو
☆ قائم مقام، جاءِ نشين
☆ بدليل، تبديل ٿيل
☆ بدلجڻ جو عمل، تبديلي، تبادلو، مٽ سٽ
☆ مثل، مانند، ثاني، مٽ، جهڙو، نعم البدل
☆ بغير، ڪانسواءِ، ڌاران
☆ انتقام، وير
☆ موٽ، جوابي ڪارروائي
☆ نيڪيءَ جو عيوض، جزا، اجورو، ڪِيتو (بدلو)

• **بَدَلُ ج بَدَلَ:** [ا ـ مذ] 'بادل' جو مخفف، ڪڪر، جنهڙ
☆ [صفت] ڪڪر جي رنگ جهڙو، ميرانجهڙو
☆ [س/ات]

• **بَدَل بَهار:** [صفت] بادل وانگر شان شوڪت رکندڙ

• **بَدلڻُ:** [مص ـ فعل متعدي] مٽائڻ، ڦيرائڻ، مٽڻ، ڦيرڻ، مٽ سٽ ڪرڻ، هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وجهڻ، ڦِرڻ
☆ [ع: بَدلَ = هن ڦيرايو]
☆ [مص] بَدلڻُ
☆ [امر] بَدل
☆ [مضارع] بَدلان (ج) بَدلون، بَدلِين (ج) بَدلو، بَدلي (ج) بَدلين
☆ [ زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن ]
☆ [حال] بَدلي ٿو (ج) بَدلن ٿا
☆ [حال مث] بَدلي ٿي (ج) بَدلن ٿيون
☆ [ماضي] بَدليو (ج) بَدليا
☆ [ماضي مث] بَدلي (ج) بَدليون
☆ [مستقبل] بَدلندو (ج) بَدلندا
☆ [مستقبل مث] بَدلندي (ج) بَدلنديون
☆ [اسم مفعول] بَدليل

– **بَدلائِڻُ:** [مصدر 'بَدلڻ' مان فعل متعدي] مٽائڻ، ڦيرائڻ، ڦير گهير ڪرڻ، مٽ سٽ ڪرڻ، بدران رکڻ، ردبدل ڪرڻ
☆ [مص] بَدلائڻ
☆ [امر] بَدلاءِ
☆ [مضارع] بَدلايان (ج) بَدلايون، بَدلائِين (ج) بَدلايو، بَدلائي (ج) بَدلائين
☆ [ زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن ]
☆ [حال] بَدلائي ٿو (ج) بَدلائِين ٿا
☆ [حال مث] بَدلائي ٿي (ج) بَدلائين ٿيون
☆ [ماضي] بَدلايو (ج) بَدلايا
☆ [ماضي مث] بَدلائي (ج) بَدلايون
☆ [مستقبل] بَدلائيندو (ج) بَدلائيندا
☆ [مستقبل مث] بَدلائيندي (ج) بَدلائينديون
☆ [اسم مفعول] بَدلايل

- **بـر اَفروختـہ:** [صفت] ڪاوڙيل، غصي ۾ پريل، ڀڙڪايل، چيڙايل، مشتعل
* [ف: بر + افروختہ]

- **بـرآفگن:** [صفت] شڪست ڏيندڙ، هارائيندڙ، قدر ۽ قيمت گهٽائيندڙ، تباهه برباد ڪندڙ

- **بـرانداز:** [ا ـ مذ] ڏوليءَ يا پالڪيءَ جو پردو
* برقعو، نقاب، مٿان وجهڻ جو ڪپڙو
* پاٿدان

- **بـر انگيختگِي:** [ا ـ مث] ڪاوڙ، طيش، جوش

- **بـر انگيختـہ:** [ا ـ صفت] ڀڙڪايل، اُڀاريل، اُڪسايل، جوش پريل، طيش ۾ آيل
* [ف]

- **بـر انگيز:** [صفت] اُڪسائيندڙ، اشتعال ۾ آڻيندڙ، اُڀاريندڙ

- **بـربند:** [ا ـ مذ] عورتن جو سينا بند، چاتيءَ جو ڍڪ، (چولڪو)

- **بـر تـقدِير:** [ظرف] اتفاقي طور، قسمت سان

- **بـرپا:** [ظرف] قائم، پيرن تي (بيٺل)، پيرن ڀر، کڙو
* [ف]

- **بـرپا ڪرڻ:** [اصطلاح] کڙو ڪرڻ، بيهارڻ، قائم ڪرڻ، اُٿارڻ

- **بـرجا:** [ظرف] جاءِ تي، جائيتو، ٺيڪ، موزون، برابر، واجبي
* [ف]

- **بـر چِشم:** [ظرف] اکين تي
* منظور، قبول
* [ف]

- **بـرحال:** [ظرف] برابر، واجبي، موزون، قائم
* حال مطابق، حال سارو
* [ف+ع]

- **بـردار:** [صفت] رکڻ وارو، کڻڻ وارو
* اسم جي پٺيان پڇاڙيءَ طور ڪم ايندڙ (جيئن: فرمانبردار، اسلحہ بردار وغيره)

- **بـر ڏيڪارڻ:** [اصطلاح] شاديءَ کان اڳ ۾ مڱڻيءَ جي منهن ڏيکارڻي

- **بـرزَبان:** [ا ـ صفت] زبان تي، ياد، ڪنٺ، حِفظ، حافظي ۾ محفوظ ازبر، تحرير ڏسڻ کان سواءِ زبان تي جاري

- **بـرسر:** [ظرف] مٿي تي، سِر تي، مٿان
'برسر پيا سِر تي سهڻ لک بار دردن جا ادين' (غمدل)
* ڪنهن ڳالهه تي آماده، ڪنهن ڪم ۾ مشغول
* [ظرف] آخر، نيٺ
* ڪنهن ڳالهه تي قائم
* [ف]

- **بـرسرِ اِقتِدار:** [صفت] حڪمران، اقتدار جو صاحب، حاڪم، اختيار وارو
* [ف+ع]

- **بـرسرِ بازار:** [ظرف] کليوکلايو، بازار ۾ پڌرو، پڌري پٽ، عام اجتماع ۾
* [ف]

- **بـرسرِ پيڪار:** [ظرف] جنگ جي حالت ۾، جنگ ۾ مصروف، ويڙهه ۾ رڌل

- **بـرسرِ حساب:** [صفت] سختي، محاسبي ڪرڻ تي آماده
* [ف]

- **بـرسرِحق:** [صفت] سچو، سڌي رستي تي قائم، جيڪو حق تي هجي
* [ف]

- **بـرسرِخطا:** [صفت] ڏوهي ملظم، جيڪو غلطي تي هجي.
* [ف]

- **بـرسر خلاف:** [صفت] مخالفت تي آماده، دشمن
* [ف]

- **بـرسرِ راهـ:** [ظرف] رستي ۾
* [صفت] وڃن لاءِ تيار
* عارضي، تمام جلد ختم ٿيندڙ

• بِراڙُ: [ا—مذ] پائخانو، ڪِرفتي، فضلو (ماڻهوءَ، جانور يا پکيءَ جو)
※ [مجازاً] غلاظت، گندگي
※ [ع]
• بِرازِيل: [ا- خاص] لاطيني آمريڪا جو هڪ ملڪ
• بِراس: [ا- مذ] پِتل
※ شوخي
※ [انگ: Brass]
– بِراسِي: [صفت] پيتلي، پتل جهڙو
※ بي حيا، نرلجو
※ [انگ: Brassy]
• بَراق: [صفت] چمڪيلو، روشن، درخشان، چمڪندڙ
※ سفيد، گهڻو سفيد، صاف شفاف
※ تيز
• بُراقُ ج بُراق: [ا – مذ] اها بهشتي سواري، جنهن جي ذريعي حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جن معراج رات يروشلم کان آسماني منزلن جو سير ڪيو هو.
※ اهو تعزيو، جيڪو براق جي شڪل جو ٺهيندو آهي
※ [مجازاً] اُڏامندڙ گهوڙو، تيز رفتار گهوڙو
※ [ع: (ب رق)]
– بُراقُ ڪرڻ: [اصطلاح] بيمار يا زخمي گهوڙي کي سير وجهڻ
※ [س/ات]
• بُراڪ ج بُراڪون: [ا – مث] ساماڻجڻ کي ويجهي (ڇوڪري)، بالغ ٿيڻ واري وڏي ڇوڪري
• بُراڪِي ج بُراڪِيُون: [ا—مث] واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار
※ [س/ث]
• بَراندو ج بَراندا: [ا—مذ] وراندو
※ آڳنڌ، دالان
※ [ف: بَرآمده]

• بُرانُ: [صفت] وڍيندڙ
※ تکو، تيز
※ [ف: بريدن = وڍڻ]
• بُرانجُ: [ا – مذ] گاهه جو قسم (جيڪو لنب جهڙو، سدائين سائو رهي ٿو ۽ ان کي ڏٿ طور کائجي ٿو)
• بِرانچ ج بِرانچُون: [ا—مث] شاخ
※ ڀاڱو، حصو
※ وڏي واهه مان نڪتل ننڍو واهه
※ [انگ: Branch]
– بِرانچ اِسڪولُ: [ا – مذ] وڏي اسڪول سان لاڳاپيل ننڍو اسڪول
※ [انگ: Branch School]
– بِرانچ پوسٽ آفِيس: [ا – مث] وڏي پوسٽ آفيس سان لاڳاپيل ننڍي آفيس
※ [انگ: Branch Post Office]
• برانڊ: [ا_مث] نِشان، ڇاپ، قسم
※ داغ، ڏنڀ
※ [انگ: Brand]
• بَرانڊو ج بَرانڊا: [ا - مذ] وراندو، آڳنڌ، دالان
※ [ف: بَرآمده؛ انگ: veranda]
• بِرانڊِي: [ا – مث] وائين يا هڪ خاص قسم جو تيز ۽ خوشبودار ولايتي شراب
※ سرديءَ ۾ پائڻ جو ٿلهو ڪوٽ، اوور ڪوٽ، بران ڪوٽ
※ [انگ: Brandy]
• بِران ڪوٽ: [ا – مذ] اوور ڪوٽ، سرديءَ ۾ پائڻ جو ٿلهو ڪوٽ
• بِراٽو ج بِراٽا: [صفت – مذ] وراڏل، ڪاوڙيل، غصي ۾
※ [س/ات – سن: وراڏ > سنڌي ۾ بر > بِراٽو]
※ [مث: بِراٽي ج بِراٽيون]

• بَرآورد: [ا–مذ] ضرب، ڪوڙو
* تخمينو، ڪاٿو، حساب، ليکو
* حاضريءَ جو نقشو
* پگهار جو بل
– بَرآورد پِڇڻ: [اصطلاح] ضرب ڪرڻ، ڪوڙو پڇڻ
– بَر آورد ڪرڻ: [اصطلاح] حاضري وٺڻ
* حساب ڪرڻ
• بِراهَمائِي: [ا – خاص] بلوچن جي مختلف قبيلن ۾ پاڙن جو نالو
• بِراهَمڻ: [ا–مذ] برهمڻ
ـ بِراهَمڻِي: [ا – مث] برهمڻي، برهمڻ ذات جي عورت، برهمڻ جي زال
• بِراهِمِي، بِرهِمِي: [ا – خاص] سنڌ جي قديم لپي (جيڪا موهن جي دڙي واري لکت 'سنڌو لکت' [Indus script] مان نڪتي، ان لپيءَ مان سنسڪرت، پالي، هندي، بنگالي، تامل، تيلگو، ديوناگري لپيون اسريون)
* علم، آواز، قول، بيان
• بِراهوئِي: [ا – خاص] بلوچستان جي هڪ قبيلي جو نالو، بروهي (جيڪي بلوچ نسل جا نہ آهن، پر دراوڙي نسل جي هڪ شاخ ۽ سنڌو ماٿر جي هڪ قديم قوم آهي)
ـ بِراهوئِي، بِراهوِي: [ا–مث] بروهين جي ٻولي، بلوچستان جي بروهي قبيلي جي ٻولي يا تهذيب
• بِراهِيم: [ا–مذ] لفظ 'ابراهيم' جو عامي اچار (جيئن: گلشن براهيم)
• بَراءَ ج بَرائُون: [ا – مث] زحمت، تڪليف، مصيبت
* [س/ڪوهہ: ف: بَلا]
– بَرائُون ڪٽڻ: [اصطلاح] بلائون ڪٽڻ، مصيبتون ڪٽڻ
* زحمتون ڪٽڻ
• بَرائَتَ: [ا – مث] ڇوٽڪارو، آزادي، نجات
* [ع: بَرآءة = ڇوٽڪارو]
* بيزاري، نفرت

• بِرائِي: [ا – خاص] لس ٻيلي ۾ رهندڙ 'مينگل' قبيلو
• بُرائِي ج بُرائِيُون، بُرائيُون: [ا – مث] بڇڙائي، بڇڙائي، خرابي، قباحت، عيب
* الزام، تهمت، هِجو، گِلا
– بُرائِي ڀلائي: [ا–مث] چڱو مٺو، اوچ نيچ، بري يا سٺي ڳالهہ
– بُرائيءَ تي اُٿڻ: [اصطلاح] بڇڙائيءَ تي سنبرڻ
– بُرائيءَ تي اَچڻ: [اصطلاح] بڇڙائي لاءِ تيار ٿيڻ
• بَرباد: [صفت] ڦِٽل، ويران، اجڙ
* غيرآباد، پڙ پانگ
* [ظرف] دف، چٽ، تباهہ، ناس، ضايع
* خراب
* [ف]
– بَرباد ڪرڻ: [اصطلاح] ناس ڪرڻ، چٽ ڪرڻ، تباهہ ڪرڻ
– بَربادِي ج بَربادِيُون: [ا–مث] سج، تباهي، پينگ
* نابودي، نيستي، فنا
• بَربانڊُ ج بَربانڊَ: [صفت] برباد
• بُربَٽُ ج بُربَٽَ: [ا–مذ] وڏي جوڻ، رِنڊ، ٽولهو
* [س/ات]
* ٻوٻو
* [س/ل]
• بَربَر: [ا–خاص] غير يوناني، غير رومن
* [يو: باربروس (Barbaros)]
* عرب قوم، جيڪا اتر آفريڪا جي هڪ علائقي (جيڪو وڏي رڻ پٽ جي اتر ۾ آهي، جنهن ۾ طرابلس، تيونس، الجيريا ۽ موراڪو ملڪ شامل آهن) ۾ آباد آهي، جيڪا 'بربر' سڏجي ٿي.
* اها زبان جيڪا اتر آفريڪا جي علائقي ۾ ڳالهائي ويندي آهي
* [صفت] جهنگلي، وحشي، غير مهذب، ناشائستہ
* [ع]

• **بَرٿِ ج بَرٿون:** [ا – مث] جهازن جي بيهڻ جو هنڌ

٭ ويهڻ، ليٽڻ يا سامان رکڻ جي بئنچ جيڪا بس، ريل يا جهاز جي سواريءَ ۾ ٺهيل هوندي آهي. صوفي وغيره جي سيٽ

٭ [انگ: Berth]

• **بَرٿ:** [ا –مث] جنم، جمڻ، پيدائش، ولادت

٭ [انگ: Birth]

– **بَرٿِ ڊي:** [ا –مذ] جمڻ جو ڏينهن، پيدائش جو ڏڻ، يومِ ولادت، سالگرهه

٭ [انگ: Birthday]

– **بَرٿ سرٽيفڪيٽ:** [ا - مذ] جنم جو سرٽيفڪيٽ

٭ [انگ: Birth Certificate]

– **بَرٿِ ڪنٽرول:** [ا - مث] ٻارن جي پيدائش تي ضابطو. وڌيڪ ٻار پيدا ڪرڻ واري عمل کي دوائن ذريعي روڪڻ، جمڻ روڪ

٭ [انگ: Birth control]

• **بَرٿو:** [ا – مذ] پٽاٽن، ميهن، واگڻن وغيره جو تريل چورو، ڀرتو، ڀَرٿو

٭ [هند: ڀرتا]

– **بَرٿو ڪڍڻ:** [اصطلاح] سخت مار ڪڍڻ، ماري ڀُڪ ڪڍڻ

– **بَرٿو ڪرڻ:** [اصطلاح] ماري مُڇ ڪرڻ، ڪٽي ڀاهه ڪرڻ

• **بَرٿو ج بَرٿو:** [صفت] ڀرتو، ڀريل

• **ٻرٿو ج ٻرٿا:** [صفت –مذ] اِورٿو، بنا ڪنهن سوچ ويچار جي

٭ اجايو، خواهه مخواهه

٭ نِڪمو، بيڪار

٭ [بي + رِٿو = بنا رٿ جي]

٭ [مث: ٻرٿي ج ٻرٿيون]

• **بَرٿي ج بَرٿيون:** [ا – مث] موجودات، ڀرتي

٭ ڀورائي

٭ باديءَ سبب پيٽ جو ڀراءُ، بدهضمي، جوگير

٭ [ڀرتي > برٿي]

• **ٻرِٽش:** [صفت] انگريزن جو ملڪ، برطانيه

٭ بَرطانوي ٻولي

٭ مختلف سلطنتن جو ميڙ (United kingdom)

٭ [انگ: British]

– **ٻرِٽش ايمپائر:** [ا -مث] برطانوي سلطنت، انگريزي راڄ

٭ [انگ: British empire]

– **ٻرِٽش گورنمينٽ:** [ا – مث] انگريزن جي حڪومت، برطانوي سلطنت، انگريزي راڄ

٭ [انگ: British Government]

– **ٻرِٽش نيشن:** [ا – مث] انگريزي قوم، برطانوي قوم، اهلِ انگلستان

٭ [انگ: British Nation]

• **ٻُرٽُ ج ٻُرِٽَ:** [صفت] ٻٽ، سڪل، خشڪ (زمين)

٭ ويران، غيرآباد

• **بَرپا:** [صفت] پيرن ڀر

٭ بيٺل، قائم

٭ [ف: برپا (بر = تي + پا = پير) = پيرن تي]

– **بَرپا ٿيڻ:** [اصطلاح] قائم ٿيڻ

٭ وجود ۾ اچڻ

– **بَرپا ڪرڻ:** [اصطلاح] کڙو ڪرڻ، قائم ڪرڻ

٭ اُٿارڻ

– **بَرپا هئڻ:** [اصطلاح] قائم هئڻ

• **بَرپٽُ ج بَرپٽَ:** [ا –مذ] بيابان، رڻ، صحرا

’ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهڻي، جِت برپٽ بيابان‘ (شاهه)

٭ ويراني، سُڃ

• **بَرج:** [ا – مث] وڄ، وڄ جا ڪڙڪاٽ

٭ [سن: وجر = وڄ]

• **ٻرج:** [ا –مث] خلا

٭ ويراني

٭ گوشالو، ڳئن جو واڙو

– **ٻرف جو گِنڊو:** [ا – مذ] برف جو سنگ، گول گنڊو، هڪ قسم جي بارائي مٺائي (جيڪا برف جي ٽڪري کي رندو هڻي، برف جو چورو ڪري، گلاس ۾ وجهي، ٿاڌيل گولي جي مٿان شربت هاري تيار ڪئي ويندي آهي)

– **ٻرف جِي سِلِي:** [ا - مث] برف جي سِرَ (Ice cane)

– **ٻرف جِي نَاڙِي:** [ا -مث] برف جي سِرَ برف جي سلي (Ice cane)

– **ٻرف جمائڻ:** [اصطلاح] پاڻيءَ، کير يا شربت کي مقرر طريقي سان جمائڻ

٭ ٺارڻ، ٿڌو ڪرڻ

'ماحول مٿان برف جمائي نہ وجهي' (استاد بخاري)

– **ٻرف جمڻ:** [اصطلاح] ڪنهن پاڻيات کي مقرر طريقي سان جمائڻ يا پاڻيءَ جو سخت سيءَ ۾ جمڻ

– **ٻرف خانو:** [ا _ مذ] برف جو ڪارخانو (جتي مشين رستي پاڻيءَ کي جمائي سِرن جي صورت ۾ ٻاهر ڪڍيو آهي)

– **ٻرف ڪِرڻ:** [اصطلاح] برفباري، آسمان مان برف پوڻ

– **ٻرف ڳرڻ:** [اصطلاح] برف پگهرڻ

– **ٻرف مٿان ٻاهہ ٻارڻ:** [اصطلاح] اجائي ڪوشش ڪرڻ، خوامخواهہ محنت ڪرڻ

'برف مٿان هيءَ ٻاهہ، ٻارين ٻيلي زور تي' (استاد بخاري)

– **ٻرفيلو:** [ا _ مذ] برفاني علائقو، اهڙو هنڌ جتي گهڻي برف پوي

٭ [صفت] گهڻو سرد، گهڻو ٿڌو

• **ٻُرفَتَ:** [ا –خاص] سنڌ ۽ بلوچستان جي علائقي لس ٻيلي جي ڪوهستاني علائقن ۾ رهندڙ قبيلي/ذات جو نالو

٭ [اصطلاحاً] جابلو جوان

'وڻي ور وات ٿيا، ٻرفت ٻروهي' (شاهہ)

• **ٻَرفِي:** [ا – مث] مٺائيءَ جو هڪ قسم (جيڪا کير مان ٺهيل هوندي آهي ۽ برف جهڙي لڳي ٿيندي آهي)

٭ [ف: برف]

• **ٻَرقُو:** [ا – مذ] ڀڃائُن، ميهن، واڱڻن وغيره جو ترپل يا رذل چورو، پرتو

• **ٻَرق:** [ا – مث] بجلي، وڄ، ڪنوڻ

٭ چمڪ دمڪ

٭ گاٺ جي طاقت سان بنايل هٿرادو روشني

٭ تيز، ڦڙتيلو، شوخ

٭ [تصوف جو اصطلاح] نور جو لمحو (جيڪو سالڪ جي دل تي وارد ٿيندو آهي ۽ پوءِ لڪي ويندو آهي ۽ اهوئي نور خود سالڪ کي سيرِ الي الله طرف متوجهہ ڪندو آهي)

٭ [ع]

– **ٻَرق انداز:** [صفت] بجلي ڪيرائڻ يا اُڇلڻ وارو

٭ تيز هلندڙ

٭ چوڪيدار، عدالت جو سپاهي، بندوقچي، پاسبان، پهريدار

– **ٻَرق اندازِي:** [ا _ مث] بجليءَ جهڙي تيزي

– **ٻَرق تاب:** [صفت] بجليءَ وانگر چمڪندڙ

– **ٻَرق پا:** [صفت] بجليءَ وانگر تيز ڊوڙندڙ

– **ٻَرق پاره:** [ا – مذ] اهو برقي ذرو، جنهن جي چرپر بجليءَ جي اچ وڃ تي اثرانداز ٿيندي آهي

٭ [صفت] بجليءَ وانگر، تيز رفتار

– **ٻَرق پاش:** [صفت] بجلي ڪيرائڻ وارو

– **ٻَرق پاشِي:** [ا _ مث] بجلي ڪيرائڻ

– **ٻَرق پاشيده:** [صفت] پاڻيات (جنهن مان بجليءَ جو وهڪرو گذري ان پاڻيات سان حل ٿيندو آهي)

– **ٻَرق پيڪر:** [صفت] بجليءَ وانگر چمڪندڙ، چمڪيلو

٭ ڦڙتيلو، شوخ، تيز طرار

– **ٻَرق پيما:** [صفت] بجليءَ مقدار ماپڻ جو هڪ اوزار

٭ بجليءَ وانگر تيز ڊوڙندڙ، برق رفتار

– **ٻَرق پيمائِي:** [ا _ مث] بجليءَ جي ماپ

– **ٻَرق زده:** [صفت] جنهن ۾ بجليءَ جو وهڪرو موجود هجي

– **ٻَرق سوار:** [صفت] بجليءَ وانگر تيز هلندڙ، تيز رفتار

– **ٻَرق طور:** [ا – خاص] تجلياتِ الاهيءَ جي بجلي (جيڪا حضرت موسیٰ تي، جبل طور تي "ارني" "مون کي پنهنجو جلوو ڏيکار" جي التجا ڪرڻ ڪانپوءِ نظر آئي هئي، جنهن تجليءَ جو تاب نہ سهندي، حضرت موسیٰ عليہ السلام غش ٿي ويو هو)

– **ٻِرنجارِي:** [صفت] جانورن جو سوداگر. ان جو واپاري، وڻجارو، واڻيو

• **ٻِرَنج:** [ا - مذ] پِتَل، تامو (پيلي رنگ جو مرڪب ڌاتو جيڪو ٻي حصا تامو ۽ هڪ حصو جست ملائي ٺاهيو آهي)، ڪنجهو، ڪٽ

☼ [ف]

– **ٻرنج ساز:** [صفت] پتل يا پتل جا ٿانو تيار ڪندڙ ڪاريگر، ٺاٺارو

– **ٻرنج سازِي:** [ا _ مث] پتل جا ٿانو ٺاهڻ جي ڪرت

– **ٻِرَنجِي:** [صفت] پيتلي، تامائي، پتل جو ٿانءُ

• **ٻُرِنجُ ج ٻُرِنجَ:** [ا – مذ] چوٽِي، ٽل، برج

☼ مٿانهين جاءِ

☼ اعليٰ درجو

☼ پينگهي جي پاون جي گول نوڪدار چوٽي

☼ [س/ات – ع: ٻـرجُ > ٻرنج]

– **ٻُرِنجَ تي هُجڻ:** [اصطلاح] خوش هجڻ، راضي هجڻ

☼ هوش ۾ هجڻ

• **ٻِرِنجال:** [ا -مث] واڱڻ

☼ [انگ: Brinjal]

• **ٻِرنجِي:** [ا -مث] ننڍي ڪِلِي، ڪوڪو

• **ٻَرنَر:** [ا -مذ] چلهو

☼ ڪارخاني جي چمني

☼ ميڻ بتيءَ جي وٽ

☼ [انگ: Berner]

• **ٻَرنِي/ٻَرڻِي ج ٻَرنيُون/ٻَرڻِيُون:** [ا – مث] شيشي، پٿر يا چينيءَ جو وڏي منهن وارو اهو ٿانءُ (جنهن ۾ مربو، آچار وغيره رکجي)، مرتبان، ڪولو (Jar)

☼ [ف]

• **ٻَرنِي:** [ا _ مث] پلڪَ، پنبڻي، اک جي اها جڳهه، جتان پلڪون ڦٽن (لوڪ ادب جي صنف 'سينگار' جو لفظ)

☼ دوشيزه، ڪنواري

☼ [ا -خاص] انڊيا جي شهر 'برن' جو رهاڪو، يا اتي وسندڙ خاندان

• **ٻرن مالا:** [ا –مث] ورڻ مالا، اکرن جي پٽي (ا – ب – ٻ – پ)

• **ٻَرو ج ٻَرا:** [ا – مذ] هرڻ جهڙو هڪ قسم جو ٻڪر. جتڪمرو ٻڪر، ننڍن وارن ۽ ننڍن ڪنن وارو ٻڪر، ٻڪرو، ليلو، ڇيلو

☼ [س/ل – ف: ٻره = گهٽتي هرڻ جو ٻچو، غزال]

☼ [مث: ٻَري ج ٻَريون]

☼ [صفت] ٻَر وارو، ويڪر وارو (ٻه ٻَرو، ٽه ٻَرو، وڏ ٻَرو وغيره)

• **ٻُرو ج ٻُرا:** [صفت –مذ] خراب، بڇڙو، بد، ڪِنو

☼ بَدحال

☼ [سن 1. اوَر = هيٺ، نيچ 2. وِروپ > وِ = خراب + روپ = شڪل]

☼ وينل يا ننڍي نڪ وارو، مِنو

☼ چِينل نڪ وارو اٺ (جنهن جي مهار ٽوپيندي نڪ ڇڃي پيو هجي)

☼ [س/ات]

☼ نِرلجو، بيشرم

☼ [مث: ٻري ج ٻريون]

– **ٻُرا اَطوارَ:** [ا -مذ] برا حال، خراب چال، خطرناڪ صورتحال

– **ٻُرا حالَ:** [ا -مذ] خراب حال، خسته حال (بيماريءَ يا غربت سبب)

– **ٻُرا ڏِينهن:** [ا - مذ] ڏکيا ڏينهن، غربت، مفلسي، بدامنيءَ جو زمانو، بدقسمتيءَ جو وقت، زوال جو دور

– **ٻُرو پائڻِ:** [اصطلاح] بڇڙو سمجهڻ

☼ حيثيت نه سمجهڻ

☼ ناگوار محسوس ڪرڻ

☼ خراب لڳڻ (ڳالهائڻ يا چال چلت)

– **ٻُرو ڀلو ج ٻُرا ڀلا:** [صفت –مذ] چڱو مٺو، نيڪ بَد

☼ [مث: ٻري ڀلي ج ٻريون ڀليون]

– **ٻُرو ڀلو چوڻ:** [اصطلاح] چڱو مٺو چوڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ، گارگند ڪرڻ

– **ٻُرو فعل:** [ا –مذ] برو ڪم، غير فطري عمل، زناڪاري

– **ٻُرو وقتُ:** [ا –مذ] خراب وقت، مصيبت جو وقت

☼ تنگي، مسڪيني

☼ نياڳ

– بُرو وقت اچڻ: [اصطلاح] ڏکيا ڏينهن اچڻ، خراب حال ٿيڻ

– بُري وقت جو ساٿي: [صفت] مصيبت يا غربت واري حال ۾ مدد ڪندڙ

– بُري وقت ۾ ڪم اچڻ: [اصطلاح] مصيبت يا غربت ۾ مدد ڪرڻ

• بُرو: [امر] هليو وڃ

* [بلوچڪي – ف: بِرو]

'برو ڦازا بات جنين جي، ڌانگو روان ٿيشي'

* [ا – مث] گهنڊين واري اُٺ

• برو بر: [ظرف] برابر، درست، ٺيڪ، صحيح

* هڪ جهڙو، هڪ جيترو، پورو پنو

* مٽ سٽ

* بيشڪ، حقيقتا

* [ف]

– برو بري: [ا – مث] برابري، همسري، هڪ جهڙائي

* [صفت] برابر، هڪ جهڙو

'برنہ تنهن بروبري، ڪينجل آه ڪجا' (رمضان ڪنهر)

• بَروت: [ا-مذ] نانگ جو هڪ قسم

• بُرُوت: [ا – مث] مُڇ، مُڇُون

* [ف]

• بُرُوٽا: [ا-خاص] هڪ ذات جو نالو (اڪثر خيرپور ضلعي جا رهاڪو)

• بُروج: [ا – مذ] برج جو جمع

* [ع]

• بُروجا: [ا – خاص] هڪ ذات جو نالو

• بُرُودَت: [ا – مث] سردي، سيءُ، ٿڌ، خُنڪي

* [ع]

• بِرود: [ا-مذ] وِرود، دشمني، ڪينو، بغض، عداوت، مخالفت

* [سن: وِرود]

– بِرودي: [صفت] وِرودي، دشمن، ويري، جهڳڙالو، فسادي

• بُرُوز: [ا – مذ] ظهور، ظاهر ٿيڻ، ڪنهن لڪل شيءِ جي آشڪار ٿيڻ جي ڪيفيت

* [ع]

'حسن حقيقت هيڪڙي، بيحد بروز' (گرهوڙي)

• بروسٽ: [ا-مذ] پڪل گوشت، تڪڙي کاڌي جو هڪ قسم

* [انگ: Broast]

• بُروڪيڊ: [ا – مذ] ديبا (ڪپڙي جو هڪ قسم)، زربفت، ڪيمخاب

* [انگ: Brocad]

• بَروَقت: [ظرف] انهيءَ مهل، انهيءَ وقت

* اُتي جو اُتي، تڙي ڪڙي، ٺهه پهه، ٿڏي تي

* [ف: بَسر + ع: وقت]

• بروڪر: [ا – مذ] دلال، ايجنٽ، پلاوٺو

* [انگ: Broker]

• بَروڪِي: [ا – مث] سنهون ڪپڙو

* [س/ل]

• بِروڳ: [ا-مذ] هجر، فراق، جدائي، وڇوڙو، ويراڳ

* [مجاز] مصيبت، صدمو، اذيت، تڪليف

* جوڳ، فقيري (جيڪا هجر جي صدمي ۾ اختيار ڪئي وڃي)، ويراڳ، دشت نوردي، دنيا کان بيزاري

* گيت، ڌن، ويراڳي راڳ (جيڪو هجر جي صدمي ۾ ڳايو وڃيءَ تسڪين حاصل ٿئي). فراقي گيت

• بَرومند: [صفت] ڦلدائڪ، بارآور

* آباد، ڪامياب، مرادوند، خوش قسمت، بختاور

* شاهوڪار، آسودو

* راضي

* زوروارو

* [ف]

• بِرُون: [ظرف] بيرون، باهر

* [ف: 'بيرون' جو مخفف]

* [ضد: 'درون']

- **ٻرهم ڏرهم:** [صفت] ٻگڙيل، درهم برهم
- **ٻرهم زدگِي:** [ا - مث] پريشاني، انتشار
- **ٻرهم زده:** [صفت] ڪاوڙيل، ناراض

※ منتشر، پريشان، واوڪر، الٽ پلٽ

- **ٻرهم زن:** [صفت] منتشر يا متزلزل ڪندڙ، تباهه ۽ برباد ڪندڙ
- **ٻرهم زِنِي:** [ا - مث] تباهي، بربادي
- **ٻرهم و ڏرهم:** [صفت] بِگڙيل، درهم برهم
- **ٻرهَمِي:** [ا - مث] گڙ ٻڙ، ابتري، اِنتشار

※ [صفت] ڪاوڙ، ناراضگي

• **ٻرَهَمُ:** [ا - مذ] خدا تعاليٰ، رب، قادر، خالق، ذات پاڪ مطلق، سرجڻهار

※ برهما، ڀڳوان، پرماتما، سرو وياپڪ هستي (جنهن جو ڪو جوڙ جيس نه هجي)

※ برهمڻ

※ ويد

※ ڪائنات

※ وياپڪ عالمگير روح، مجرد روح

※ [سن: برهم]

※ برهما (ديوتا)، سرو وياپڪ هستي، پرماتما

※ وياپڪ عالمگير روح، مجرد روح

※ [سن: برهم]

※ ڪائنات

- **ٻرَهَما:** [ا - خاص] ڀڳوان، هندو ڌرم ۾ 'تموُرتي' جو پهريون ديوتا

※ خالق، سرجڻهار

※ [سن: برهما]

- **ٻرهمانڊ:** [ا - مذ] سارو جهان، ڪائنات، دنيا
- **ٻرهمانَندُ:** [ا - مذ] وياپڪ روح ۾ محويت جي خوشي

※ ڪمال

※ سعادت

※ [برهم+آنند]

- **ٻرَهَم پوڄ:** [ا - مذ] برهمڻ جي دعوت يا ضيافت

※ [هند: برهم + پوڄ = ڪاڄ، ضيافت]

- **ٻرَهَمچارِي ج ٻرَهَمچارِي:** [ا - مذ] اهو شخص، جيڪو ويدن جو علم سکڻ لاءِ سياحت ڪري، ويدانتي، ايشور جو ڳولائو، تارڪ الدنيا، اهو شخص، جيڪو جڻئي پائڻ کان وٺي، پرڻي (گرهست) ٿائين سَتو ڄَتو (ڇڙهو) رهي ۽ مذهبي تعليم حاصل ڪندو رهي

※ گرهست کان بلڪل پري رهندڙ، حواسن (اندرين) تي ضابطو رکندڙ، ڪنوارو انسان

※ ويدن جو پنڊت

※ ڌرم جي نيمن تي پورو لهندڙ، وديارٿي

※ ساڌن جي هڪ خاص جماعت

※ [سن: برهمچاريہ]

- **ٻرَهَمچَريہ:** [ا - مث] برهمچاريءَ جو ڪم، مقدس اڀياس

※ اِندرين (حواس) تي پوري ضابطي رکڻ جو عمل، خود ضابطو، سنيم

※ ڌرمي شاگرد

※ برهمڻ جي حياتيءَ جو پهريون آشرم (جنهن ۾ هو سَتو ڄَتو گذاري ۽ گُرو جي صحبت ۾ ويدن جو اڀياس ڪندو رهي)

※ ['برهمچاري' جي تخفيف]

※ زهد، رهبانيت، عصمت، پاڪيزگي

※ [سن: برهمچريہ]

- **ٻرَهَم ڏنڊ:** [ا - مذ] برهمڻ جو پاراتو يا بد دعا
- **ٻرَهَم راڪشش:** [ا - مذ] راڪاس، دئيت، مثل برهمڻ جو ڀوت
- **ٻرَهَم رسم الخط:** [ا - مث] برهمي لپي، هڪ قديم رسم الخط (جيڪا ڪابي طرف کان ساڄي طرف لکبي هئي)
- **ٻرَهَم سَتيہ:** [ا - مذ] حق

※ [محاورو] خدا سچ آهي

- **ٻرَهَم سماج:** [ا - مذ] برهمو سماج، ايشور يا پرميشور جي پوڄا ڪندڙ هندن جو فرقو (ڏسو 'برهمو سماج')

– **ٻرَهَمِ سَماجِي:** [ا - مث] برهمو سماجي، ايشور يا پرميشور جي پوڄا ڪندڙ هندن جو فرقو

– **ٻرهَمِ گِيانُ:** [ا - مذ] ويدانت، معرفت اِلاهيءَ جو علم

– **ٻرهَمِ گِيانِي:** [صفت] پرميشور جي معرفت رکندڙ، اِلاهي عِلم جو ڄاڻندڙ، عارف بالله

– **ٻرَهَمِ گهات:** [ا - مذ] برهمڻ جو قتل

– **ٻرَهَمِ گهاتڪ:** [صفت] برهمڻ جو قاتل

– **ٻرَهَمِ لوڪ:** [ا - مذ] برهما جي رهڻ جي جاءِ، آسمان، سُرگ، جنت

– **ٻرَهمَڻُ ۽ ٻرهمَڻَ:** [ا - مذ] هندن جي چئن ورنن (برهمڻ، کتري، ويش، شودر) مان اوچي ذات جو نالو (جيڪو هندو عقيدي موجب برهما جي مُک مان پيدا ٿيل آهي)

※ ويدن جو اهو حصو جيڪو 'برهمڻ' جي تعليم لاءِ آهي، هندن جو هڪ پوتر ڪتاب (جنهن ۾ ويدن جي رسمن جي تشريح آهي)

※ ويدن جو ڄاڻو، پنڊت، پانڌڻ، ويدن جي چڱي ڄاڻ رکندڙ

※ [سن: برهمڻ]

'برهمڻ کي ٻر ۾ سنڌي، ٻوتن ٻات' (شاهه/سسئي)

'برهمڻ کتري شودر وئش، سامي سڌي ڪوٺي' (سامي)

※ [مجازاً] جوتشي، نجومي

– **ٻرَهمَڻ گهراڻو:** [ا - خاص] سنڌ جو حڪمران برهمڻ خاندان (جيڪو عربن کان اڳ سن 631ع کان وٺي 712ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪندو هو هن گهراڻي جا چار اهم حاڪم: 'چچ'، 'چندر'، 'ڏاهر' ۽ 'ڏهرسينهه' ٿيا)

– **ٻرَهمڻو:** [صفت] بِرهمڻن جو

– **ٻرَهَمڻِي:** [ا - مث] برهمڻ عورت (برهمڻ جي تانيث)

– **ٻرَهَمڻيت:** [ا - مذ] برهمڻ جي ذات، برهمڻ هجڻ جي ڪيفيت

– **ٻرَهَمِ وِديا:** [ا – مث] برهم گيان، ايشور جي سڃاڻڻ جو علم، علم معرفت

– **ٻرَهمُو سَماجُ:** [ا – خاص] بنگال ۾ (1830ع ۾) راجا رام موهن راءِ جي شروع ڪيل هڪ سماج جو نالو (جنهن هڪ جماعت جي صورت اختيار ڪري ورتي هئي)

※ [هند]

– **ٻرَهَمو سماجِي:** [صفت] برهمو سماج سان واسطو رکندڙ جماعت (جيڪا رام موهن راءِ بنگال ۾ شروع ڪئي هئي)

– **ٻرَهَمِ هَتيه:** [ا - مث] برهمڻ ڪُشِي، برهمڻ کي مارڻ، برهمڻ جي خون ڪرڻ جو عمل

– **ٻرَهَمِ هتيارو:** [صفت] برهمڻ جو قاتل، برهمڻ جو خون ڪندڙ

– **ٻرَهَمي:** [صفت] برهمڻ سان منسوب

• **ٻرهما راتِڙي:** [ا – مث] روشن ڏگهي رات

• **ٻرهما تَچڻ:** [اصطلاح] سچ هجڻ، پينگ هجڻ

• **ٻرَهمائِي:** [ا – خاص] هڪ ذات جو نالو

• **ٻرَهَمپُترا:** [ا – خاص] بنگلاديش جي هڪ نديءَ جو نالو

• **ٻرهم ڏنڊي:** [ا – مث] پسارڪي وکر جو هڪ قسم (گاهه جو هڪ قسم، رنگ ساٿو ۽ زرديءَ مائل، سواد ڪوڙو)

• **ٻرَهمَنِي:** [ا – مث] سرڻ جو هڪ قسم (جنهن کي هندو وشنوءَ جو ٻکي سمجهي گهڻو مان ڏيندا آهن، ڪٿهن ڪٿهن پوڄا خاطر هٿ سان ڪاڏو ڪارائيندا اٿس)

• **ٻرهم ورتُ:** [ا – خاص] سرسوتي ۽ وِرشوتي ندين جي وچ واري زمين (دهليءَ جي اتر اولهه ۾)، مڌيه ديش، آريه ورت

※ [سن: برهمه اورت]

• **ٻرَهمِي:** [ا – مث] ٻوٽيءَ جو هڪ قسم (جنهن جو تيل دوا طور ڪم ايجي)

※ [سن: برهمي]

• **ٻرَهَنس:** [ا - مث] هڪ ڌن جو نالو (موسيقي)

• **ٻرَهنگِي:** [ا – مث] اوگهڙ، عرياني

※ [ف]

• **ٻرَهنگِي:** [ا – مث] اوگهڙ عرياني

※ [ف]

– **ٻرَهنه:** [صفت] اگهاڙو، ننگو، عُريان

※ [ف]

– **ٻرَهَنه توپ:** [صفت] ننگي سر، مٿي اگهاڙي

– **ٻرَهَنه پا:** [صفت] ننگي پيرين، اپراٺو، جنهن جي پيرن ۾ جتي نه هجي

– **بُرِي حالت:** [ا - مث] خستہ حالي، بيماريءَ جي شدت، موت کي ويجهي ٿيڻ جي حالت

– **بُرِي خَبَر:** [ا - مث] ڪنهن مصيبت جي خبر، بد خبر

– **بُرِي زبان:** [ا - مث] بد زباني، بيهوده گوئي، بد گوئي

– **بُرِي ساعَت:** [ا - مث] منحوس گهڙي، نڀاڳي گهڙي

– **بُرِي سوچ:** [ا - مث] خراب سوچ

– **بُرِي سوچڻ:** [اصطلاح] خراب محسوس ڪرڻ

– **بُرِي صُحبت:** [ا - مث] ڪُسنگ، غلط سنگت، بدچلن ۽ آواره ماڻهن جو ميڙ، بري سنگت ۾ اٿڻ ويهڻ جو عمل

– **بُريءَ طرح:** [ظرف] خراب نموني، بد سلوڪيءَ سان، سختيءَ سان، غلط يا خراب اسلوب سان

– **بُرِي فالَ:** [ا - مث] بد سنوڻ جي ڳالهہ

– **بُرِي گت:** [ا - مث] برو حال

– **بُرِي گتِ بڻائڻ:** [اصطلاح] ماري ماري برو حال بنائڻ، چڱيءَ طرح ڪٽڻ

– **بُري گهڙِي:** [ا - مث] برو وقت

– **بُري لڳڻ:** [اصطلاح] ناگوار گذرڻ، معيوب لڳڻ

– **بُرِي مت:** [ا - مث] نا سمجهي، ضدي طبيعت

– **بُرِي نظر:** [ا - مث] بري اک، بدنيت نگاهہ، بد نظر

– **بُرِي نِگاهَ:** [ا - مث] بري اک، خراب نظر

– **بُرِي نوبَت:** [ا - مث] سخت تڪليف يا رسوائيءَ جي حالت، خراب حال، نازڪ موقعو

– **بُرِي هوا:** [ا - مث] غلط ۽ هاڃيڪار رواج يا دستور، ڳالهہ، پروپيگنڊا يا خيال

• **بُرياڻَ:** [ا – مث] ٻيڙيءَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي ('تخت' جي ڦرهين کي جهلي بيهندڙ)

• **ٻرياڻُ:** [صفت] ٻڳل، پڪل، باهہ تي سيڪيل

❊ سڙيل، جليل

❊ [ا – مذ] پڪل گوشت

'هوءِ ۾ ڪلجي هوءِ ٿيا، باهو سي برياڻ' (شاهہ)

❊ [ف]

• **ٻريانِي:** [ا - مث] هڪ قسم جو چهرو ۽ لذيذ پلاءُ، جنهن ۾ جانورن سان گڏ ٻيو ڪوبہ کاڄ (گوشت، مرغي، ڇولا يا پٽاٽا) پئجي وجهبا آهن

❊ [ف]

• **بَرِيت:** [ا – مث] ڇوٽڪارو، نجات، آزادي، رهائي

❊ بيگناهي

❊ عصمت

❊ [ع]

• **ٻريچ:** [ا - مذ] ڇيد، سوراخ، بندوق جو گهوڙو، بندوق جي ناليءَ جو پويون حصو، جتان گولي يا ڪارتوس پوندو آهي

❊ [انگ: Breech]

– **ٻريچ لوڊَر:** [ا - مذ] پٺيان ڀرجندڙ بندوق

❊ [انگ: Breech loader]

– **ٻريچ لوڊنگ:** [ا - مث] بريچ لوڊر

❊ [انگ: Breech loading]

• **بَرِيدُ ج بَرِيدَ:** [ا _ مذ] قاصد، ٽپالي، پيغام رسائيندڙ

❊ [ف]

• **بُرِيد:** [ا – مث] ڇانگ، ڪاٽ ڪوٽ، وڍٽڪ

❊ [ف: بريدن = ڪپڻ]

• **بُرِيده:** [صفت] وڍيل، ڪپيل

❊ اهو فصل، جيڪو ڪنهن چوريءَ ڪاٽيو هجي

❊ [ف: بريدن = ڪاٽڻ]

– **بُرِيده دُم:** [صفت] پڇ وڍيل، لنڊو

– **بُرِيده زبان:** [صفت] زبان وڍيل، خاموش

• **بَرِيدِي:** [ا – خاص] پب جبل جي هڪ لڪ جو نالو (جنهن جو نظارو نهايت ئي وڻندڙ آهي)

❊ [ف: بَرِيده = سوڙهو لڪُ، پٽڻ]

• **ٻريڊ:** [ا – مث] ڊبل روٽي، ڊبل روٽي

❊ [انگ: Bread]

• **ٻريز:** [ا - مذ] ڪاٺ يا لوهہ جو هڪ اوزار (جنهن کي واڍو يا ڏاڻوءَ جو ڪم ڪندڙ سوراخ ڪڍڻ لاءِ ڪم آڻيندو آهي)

❊ [انگ: Brace]

– **بُزرگ زادو:** [صفت - مذ] شريف زادو
⁂ عالي خاندان جو فرد. مرشد زادو. جنهن جو والد عالي مرتبي تي فائز هجي
⁂ [مث: بزرگ زادي]
– **بُزرگ سال:** [صفت] وڏيءَ عمر وارو، پوڙهو، معمر
– **بُزرگ منش:** [صفت] بزرگ ماڻهو، وڏو ماڻهو، بلند حوصلا، اعلىٰ فطرت وارو
– **بُزرگوارُ ج بُزرگوارَ:** [صفت] بزرگ، وڏو، بلند، عظيم، عاليشان
⁂ شريف، عزت وارو، بزرگ، خدا وارو، نيڪ
– **بُزرگوارانہ:** [صفت] بزرگيءَ جي لائق، بزرگن وارو، شريف
– **بُزرگ هِمّت:** [صفت] وڏيءَ همت وارو
⁂ حشمتي
– **بُزرگِي ج بُزرگِيُون:** [ا –مث] وڏائي، بلندي، عظمت، مان عزت
⁂ وڏ ماڻهپي
⁂ شرافت
⁂ موسيقيءَ جي ٻارهن مقامن مان هڪ مقام
• **بُزغالہ فلڪ:** [ا - مذ] برج جدي
• **بَزگَر:** [صفت] چمڙي جو ڪم ڪندڙ. نغارن، دهلن وغيره کي چمڙي سان مڙهيندڙ ڪاريگر
⁂ [ا –خاص] هڪ ذات جو نالو
• **بَزگِيرُ ج بَزگِيرَ:** [ا –مذ] ڪمي، پورهيت
⁂ نوڪر
⁂ [ف: بزرگر - هاري]
– **بَزگِيرِي ج بَزگِيرِيُون:** [ا –مث] نوڪري، مزدوري
⁂ خدمت
⁂ محنت
• **بَزم:** [ا – مث] محفل، مجلس، سميلن، چوياري، دربار، سڀا
⁂ ڪنهن تقريب ۾ گهڻن ماڻهن جو ميڙ
⁂ انجمن، سنگت، تنظيم
⁂ ('رَزم' جو ضد) طربيہ شاعري
⁂ [ف]

– **بَزم آرا:** [صفت] محفل سينگاريندڙ، ڪچهريءَ جو سينگار، محفل جو مور، محفل جو صدر نشين، صدر مجلس، مير مجلس
– **بَزمِ اَدب:** [ا –مث] علم ادب جي محفل
⁂ ادبي جماعت
– **بَزمِ آفروز:** [صفت] مجلس يا محفل کي رونق ڏيندڙ، محفل جي رونق، مجلس جو مور
– **بَزم آفزا:** [صفت] مجلس جي خوشي وڌائيندڙ
– **بَزم جمائڻ:** [اصطلاح] مجلس مچائڻ، محفل منعقد ڪرڻ، محفل ۾ رونق پيدا ڪرڻ
– **بَزمِ سُخن:** [ا –مث] مشاعرو، شعرو شاعريءَ جي محفل
– **بَزمِ سَنگِيت:** [ا – مث] موسيقيءَ جي محفل، راڳ رنگ
– **بَزم طالبُ المولىٰ:** [ا - خاص] سنڌ جي مشهور ادبي جماعت، جيڪا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي نالي سان منسوب آهي
– **بَزمِ عَزا:** [ا - مث] ماتم جي محفل
– **بَزمِ ماتم:** [ا - مث] اُها مجلس، جنهن ۾ ڪنهن سوڳ ملهائڻ لاءِ ماڻهو گڏ ٿين (خاص ڪري ڪربلا جي شهيدن جي ذڪر جي مجلس)
– **بَزمِ مُشاعره:** [ا - مث] مشاعري جي محفل
– **بَزمگاه:** [ا - مث] محفل جي جاءِ، دربار
– **بَزمِ ناز:** [ا - مث] محبوب جي محفل
– **بَزمِ نِشاط:** [ا - مث] خوشيءَ جي محفل، ناچ ڳاني جي محفل
– **بَزم نَشِين:** [صفت] صاحب مجلس
– **بَزمِ نياز:** [ا - مث] نياز مندن جي ميڙ جي محفل، خاص ڪري اها مجلس، جتي ڪنهن بزرگ جي فاتحہ يا نياز لاءِ ماڻهو گڏ ٿين
– **بَزمِي:** [صفت] بزم وارو، محفل وارو
⁂ [ا –خاص] ناليواري شاعر نثار بزميءَ ۽ ناليواري موسيقار نثار بزميءَ جو لقب
– **بَزميہ:** [ا - مث] رزميہ جو ضد، طربيہ شاعري

• **بُش ج بُش:** [ا – مذ] بوسو
* [س/ات – سن: بِس]
* گند، ڪچرو
* [س/ل]
* [صفت] ڏپ وارو، اوسنو، بانسي
* آلوٺو، بيسواد، ڏڪو
* [سن: وِرس]
* [ظرف] سنئون سڌو، صفا صاف
* [س/ات]

• **بَسا:** [ظرف] گهڻو، گهڻا
* گهڻو ڪري، عموماً
* [ف]

– **بَسا اوقات:** [ظرف] گهڻو ڪري، اڪثر، ڪڏهن ڪڏهن

• **بِساتِ ج بِساتُون:** [ا – مث] بڪڙيل شيءِ، بساط
* بسترو، پٿراڻي
* سامان سڙو، وکرو ڪرڻ جون شيون، واپار جو مال
* جائداد، ملڪيت
* هوند، قوت، سگهه، استمداد، حيثيت
* [هند: بِسات، سن: وِستِرت = بسترو ع: بِساط]

– **بِساتِي:** [صفت] گهورڙيو، ڦيريءَ وارو

• **بِسارد:** [صفت] عالم، فاضل، عاقل، ماهر، مشاق، مشهور، معروف

• **بِساطُ ج بِساطَ:** [ا – مذ] بسات، وڇائڻ جو ڪوبہ ڪپڙو، بسترو، پٿرڻي، گلم، غاليچو
* چوپڙ يا شطرنج راند جو تختو/ڪپڙو (جنهن پر خانا نهيل هوندا آهن)
* فرش
* سرمايو، پونجي
* قدرت، سگهه، حيثيت، طاقت
* اصل حقيقت، هستي
* سطح، وسعت، ڦهلاءُ
* تجارت جو مال، سامان سڙو
* [ع]

– **بِساط اونڌي ٿيڻ:** [اصطلاح] حالت يا ڪيفيت جو بلڪل بدلجي وڃڻ، صورتحال درهم برهم ٿيڻ

– **بِساط خانو:** [ا - مذ] اها بازار، جتي بساطي (گهورڙيا يا خورده فروش) ويهندا آهن
* منيارڪو دڪان

– **بِساطِي ج بِساطِي:** [صفت] خرده فروش، رانديڪا وڪڻندڙ، گهورڙيو

• **بَساطَتَ:** [ا – مث] رواني
* سادگي
* [ع: بَساطة]

• **بِسالُ:** [صفت] وڏو وِشال، ڪشادو، ويڪرو
* اڳرو، برڪ
* [سن: وِشال]

• **بَسالَتَ:** [ا – مث] بهادري، پهلواني، شجاعت، همت
* [ع]

• **بِسان:** [ح – جر] مثل، وانگر، طرح
* [ف]

• **بَست:** [صفت] آباد، وسيل ، پوکيل (فصل)

• **بَست:** [ا - مذ] عاشق يا معشوق (جنهن سان دل ٻڌجي)
* پٽڪو، دستار
* گلن جو تاج
* گُنبد
* [ف: بَستن = ٻڌڻ > ماضي بَست = هن ٻڌو]
* درگاهه، پناهه گاهه، عالم پناهه
* ڪنڌي، جبل، پشتو، بند
* نهرن ۽ ڪسين ۾ پاڻيءَ جي ورچ (واهن، ڪاهين، وغيره ۾)
* ٻڌل
* [ف: بستن]

– **بَست و بَند:** [ا – مذ] بندوبست
* سامان ٻڌڻ ۽ نسبت

– **بَست و ڪُشاد:** [ا–مذ] پچ گهڙ، ٻڌ ڇوڙ، ڍاهہ ٺاهہ

⊕ بندوبست، انتظام

• **بَستُ ج بَستَ:** [ا–مذ] وٿ، شيءِ، سامان سڙو وسلو واڙي، دولت، ذريعہ معاش

⊕ عورتن جو اندريون عضوو، فرج، ڪس

⊕ [سن: وست = وستو]

• **بِستُ:** [ا–مذ] جنت، سرڳ ('بهشت' جو عام اچار)

⊕ [ف: بهشت]

– **بِستِي ج بِستِي:** [صفت] بهشتي

⊕ بحالي

• **بِستار:** [ا–مذ] ڦهلاءُ، ڪشادگي، ديگهہ، وڏاءُ، وِستار

⊕ [سن: وستار = ديگهہ]

⊕ اُپٽار، بيان، احوال

⊕ [ف]

• **بَستاشرخِي:** [ا–مث] دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو پسارڪو وکر، هيرا دکني، (جنهن کي عربيءَ ۾ 'دمُ الاخوين' ۽ فارسيءَ ۾ 'خونِ سياوشان' چئبو آهي)

• **بِستام:** [ا–مذ] مرجان

⊕ [ف]

• **بُستانُ ج بُستانَ:** [ا–مذ] باغ، چمن، ڦلواڙي ('بوستان' = باغ جي تخفيف)

⊕ [ف]

– **بُستان الاطفال:** [ا–مذ] ٻارن جو باغيچو

⊕ تربيت گاهہ (جتي ننڍيءَ عمر وارن ٻارن کي راندين، رانديڪن ۽ راڳ رنگ سان تعليم ڏني وڃي)

– **بُستان سراءِ:** [ا–مث] باغ واري جاءِ (بنگلو)

– **بُستانِي ج بُستانِي:** [ا–مذ] باغائي، مالهي، آرائين

• **بِسترُ ج بِسترَ:** [ا–مذ] بسترو، هنڌ، وڇاڻو، تڏي

⊕ [ف: بِستر، سن: وِستر = هنڌ]

– **بِستر آهَنگ:** [ا–مذ] سوڙ، لِحاف

– **بِستر بند:** [ا-مذ] هڪ خاص نموني جو سفري غلاف، يا ڏگهو ٿيلهو، جنهن ۾ مسافر پنهنجو بسترو ويڙهي رکندا آهن

– **بِستر پوش:** [ا–مذ] بستري جي چادر

– **بِسترِ مرگ:** [ا–مذ] اها بيماري جنهن ۾ شفا جي اميد نہ هجي، شديد بيماري، بستري تي مرڻ جهڙو

– **بِستر نَشِين:** [صفت] بستري داخل

– **بِسترو ج بِسترا:** [ا–مذ] هنڌ، وڇاڻو، بِستر

⊕ [ف: بِستر، سن: وِستر]

– **بِسترو ٻڌڻ:** [اصطلاح] روانو ٿيڻ، رخصت ٿيڻ، سفر جو ارادو ڪرڻ

– **بِسترو گول ڪرڻ:** [اصطلاح] هنڌ ٿيڙ ويڙهڻ، ٿيڙ ٻڌڻ

⊕ لڏڻ، جاءِ ڇڏڻ

– **بِستري داخل:** [صفت] مريض (جيڪو گهمي ڦري نہ سگهي)

– **بِستري داخل ٿيڻ:** [اصطلاح] سخت بيمار ٿيڻ، گهڻو بيمار ٿيڻ

• **بَستگِي:** [ا–مث] لاڳاپو، تعلق

⊕ تنگي، بند ٿيڻ جي ڪيفيت، جمود، جامد ٿيڻ جي ڪيفيت

⊕ امساڪ

⊕ ڪاٻہ رقم (ول وغيره) مقرر ڪري حساب ۾ آڻڻ جي حالت

⊕ [ف]

• **بَستو ج بَستا:** [ا–مذ] اهو ڪپڙو جنهن ۾ ڪاهڻ ٻڌجي

⊕ ٿيلهو، بيگ، ٻارن جو ڪتابي ٿيلهو

⊕ [ف: بَستہ]

• **بَستہ:** [صفت] ڦاٻو ٿيل، جڪڙيل

⊕ ٻڌڻ جوڳو، توجهہ طلب، ٻڌل

⊕ جميل، ڄاول

⊕ جادوءَ ۾ ورتل

⊕ [ف]

⊕ [ا–مذ] حزدان

⊕ ڳنڍڙي، بغچو

– **بَستہ رحِم:** [ا – مث] اها عورت جنهن کي اولاد نہ ٿئي، سنڍ، عقيم

– بِسمِ الله: [ڪلمو] قرآن پاڪ جي پهرين آيت جي پهرئين فقري، 'بِسمِ اللهِ الرحمنِ الرحِيم' جا پهريان لفظ، الله جي نالي ساڻ. قرآن مجيد جي هر سورة جي اڳيان ايندڙ ڪلمو (جنهن کي عربيءَ ۾ 'تسميه' پڻ چئبو آهي)
* [ا – مث] (هر چڱي ڪم جي) شروعات، ابتدا، آغاز
* آدرياءَ جو جملو (يعني 'ڀلي آئين'، 'مرحبا!')
* مڪتب ۾ ٻار کي پڙهائيءَ لاءِ داخل ڪرڻ جي رسم، جنهن ۾ ٻار کي سينگاري موڪلبو آهي
* [اسم الفعل 'امر جي معنيٰ ۾'] شروع ڪر! پڙهه! (الله جي نالي سان)
* [ظرف] هائو، چڱو، ڀلي
* [ع]

– بِسمِ الله بَرغَلط: [محاورو] منڍ کان ئي غلط، شروع کان ئي ابتڙ، پهريون ئي ڪم خراب

– بِسم الله غلط ٿيڻ: [اصطلاح] بسم لله بر غلط، منڍ کان ئي غلط، شروع کان ئي اُبتڙ، پهريون ئي ڪم خراب

– بِسم الله ڪرڻ: [اصطلاح] شروع ڪرڻ، ابتدا ڪرڻ، ڪنهن چڱي ڪم جي طرف قدم وڌائڻ

– بِسم الله مجريحا و مُرسيها: [قرآن پاڪ جي آيت]
* [لفظاً] ٻيڙيءَ جو هلڻ ۽ بيهڻ خدا جي سهاري (حضرت نوح هنن لفظن سان پنهنجي ٻيڙي طوفان ۾ هلائي هئي)
* [مراداً] خدا جي ڀروسي تي ڪم ڪرڻ، ڪاميابي ناڪامي خدا جي هٿ ۾ آهي
* [ع: بسم الله + مجري (ج ر ي) = جاري ٿيڻ + ها، (ضمير) ٻيڙيءَ طرف اشارو + و (حرف جملو) + مرسا (ر س ي) = ٻيڙيءَ جو لنگر + ها (ضمير)]

– بِسم الاهيُون: [ا – مث] خوش آمديد، ڀليڪار

– بِسم الاهيُون ڪرڻ: [اصطلاح] خوش آمديد ڪرڻ، ڀليڪار چوڻ، جيءُ جيءُ چوڻ

• بِسمر: [ا – مث] سر، تال (موسيقيءَ جو اصطلاح)
* سنک، ناقوس، وڄائڻ جو ڪوڏ

• بِسمِل: [صفت] ڪُٺل، ذبح ڪيل (جانور يا پکيءَ کي حلال ڪرڻ وقت 'بِسم لله ـ الله اڪبر' چئبو آهي)
* [ف: بِسمِل < ع: 'بِسمِ الله' جو مخفف]
'سي بنا بسمل ٿيا، لا سين لڳين لڪ' (گرهوڙي)
* گهايل، قتيل، واڍوڙيل، زخمي، مقتول
* [مجاز] عاشق، عشق ۾ مبتلا
* تڙپيل، مضطرب
* [ا _خاص] شاعر حافظ عبدالله تکڙائي 'بسمل' جو تخلص

– بِسمِل گاهه: [ا – مث] ڪوس خانو ڪوس گهر، مقتل، مذبح

• بِسمِي: [ا – مث] رک، ڪيري، ڇار
* [سن: ڀسمن]

• بَسنتِ/بَسنتُ: [ا - مذ، مث] بهار جي مند، چيٽ جي رت (جيڪا مارچ کان مئي جي آخر 'ويساک' جي مهينن تائين هلندي آهي)، گلابي رت
'ٻيٺا ٻنا ٻنڊ هڪيش اينڊي، بنست جي مند بي جئي آ' (شيخ اياز)
–
'ورندا سرها واڍ ايندي مند بسنت جي' (استاد بخاري)
* [سن: وسنت]
* سِرنهَه جا گل (جي بهار ۾ ڦولارجن)
* هڪ راڳڻيءَ جو نالو، سري راڳ جي چوٿين راڳڻي
* راڄپوتن جي هڪ رسم، جنهن ۾ ڪنوار لاءِ بسنت جي موقعي تي ڪپڙا ۽ زيور موڪليا ويندا آهن

– بَسنت ٿهوار: [ا - مذ] بسنت ميلو بسنت جو ڏڻ، (جنهن ۾ بسنتي لباس پاتبو آهي جيڪو پيلي رنگ جو هوندو آهي)، اهو ميلو جيڪو بهار جي مند ۾ ملهائبو آهي، (جنهن ۾ هندو ديوتائن جي آستانن تي ۽ مسلمان فقيرن ۽ بزرگن جي مزارن تي پيلا گل رکندا آهن)

– بَسنت پنچمِي: [ا_خاص _ مذ] هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (جيڪو مانگهه مهيني جي پنجين تاريخ تي ملهايو ويندو آهي)

– بَسنت پوش: [صفت] پيلو لباس پهريل

– بَسنتَ جو گيت: [ا -مذ] سري راڳ بابت هڪ راڳڻي، جيڪا ديو گري، نٽ، ملهار، سارنگ ۽ بلاول سان مرڪب آهي

– **بَسيرو ڇمائڻ:** [اصطلاح] واهيرو ڪرڻ

– **بَسيرو ڏيڻ:** [اصطلاح] ويساهي ڏيڻ (هندو لاش/ارٿيءَ کي مسان ڏانهن کڻي وڃڻ وقت اڌ پنڌ تي کڻهن تان لاهي، زمين تي رکندا آهن. ان کي 'بسيرو' يا 'ويساهين' چئبو آهي)

– **بَسيرو ڪرڻ:** [اصطلاح] رات جو آرام ڪرڻ. شب باشي ڪرڻ. وڻن تي پکين جو رات جو واهيرو ڪرڻ

• **بَسِيطُ:** [صفت] ڪشادو، ويڪرو، وسيع، ڦهليل، فراخ

٭ مفصل

٭ وچايل، پٿريل

٭ مٿاڇرو سنوت

٭ غير مرڪب، سادو، خالص (حڪمت جي اصطلاح ۾)

٭ [ا - مذ] علم عروض ۾ هڪ بحر جو نالو: 'بحر بسيط'

٭ امير خسروءَ جي ايجاد ڪيل هڪ راڳ جو نالو

٭ وسعت، ڦهلاءُ

٭ [مجازاً] فرش، سطح

٭ [تصوف جو اصطلاح] سمورين شين ۾ حق جي جمال جو شهود، اهڙيءَ ريت جو هر شيءِ عين ذات معلوم ٿئي

٭ [ع]

– **بَسِيط جِسماني:** [ا - مذ] اهو بسيط، جيڪو پنجن حواسن سان محسوس ٿي سگهي (جهڙوڪ: عنصر معدنيات وغيره)

– **بَسِيط روحاني:** [ا - مذ] اهو بسيط، جيڪو پنجن حواسن سان محسوس نہ ٿي سگهي (جهڙوڪ عقل، نفس وغيره)

– **بَسِيطِ محض:** [ا-مذ] ذات باري تعاليٰ، جنهن جو تجزيو محال آهي

• **بَسِيم:** [صفت] مرڪندڙ، ڪلندڙ، شگفتہ رو، مشڪندڙ

٭ خوش اخلاق

٭ [ع]

• **بَسِيهَرُ ج بَسِيهَرَ:** [ا – مذ] زهريلو نانگ، وسيهر، واسينگ يا ڪاريهر نانگ

٭ [سن: وِش = زهر + هسر = ڪنندڙ]

• **بُشُ ج بُشَ:** [صفت] صفا چريو، چريٽ ('ٻُڙ' جو بگڙيل اُچار)

٭ ٻن ٻڪريءَ جهڙو، وار وڏيل، چٽ

٭ [ف: ٻڪري]

• **بِشار:** [صفت] زهريلو، وِهہ ڀريل

٭ [هند: بش = وهہ، بشار = وهہ ڀريل]

• **بِشارَتَ ج بِشارَتُون:** [ا – مث] خوشخبري، مبارڪ

٭ رسول اڪرم صلعم جي رسالت ۽ نبوت بابت آسماني ڪتاب ۾ اڳين نبين جي پيشنگوئي

٭ واعدو، نجات جي خوشخبري (قرآن)

٭ چڱو خواب، نيم خوابي

٭ مراقبو

٭ الهام يا وحيءَ جي وسيلي غيبي هدايت يا اشارو

٭ رويا

٭ موڙي، پونجي، ذخيرو

٭ [ع]

– **بِشارت جو ٻهرو مِلڻ:** [اصطلاح] واڌايون ملڻ، مبارڪون ملڻ، خوشخبري ملڻ

• **بَشاشُ ج بَشاشَ:** [صفت] خوش، سرهو، مسرور، شگفتہ، کِلمک، ملنسار

٭ اعليٰ ظرف، زنده دل

٭ [ع]

– **بَشاشت:** [ا – مث] خوشي، سرهائي، مسرت، شادماني، تازگي، فرحت

٭ خوش اخلاقي، خنده پيشاني، خوش طبعي

• **بِشال:** [صفت] وشال، وڏو، عظيم، وسيع عريض

٭ [سن: وشال = وسيع]

• **بِشانگ:** [ا - مذ] (موسيقي) مارگ تال جي پنجن قسمن مان ٽيون قسم (اهي پنج تال هي آهن: ججت پت، چاچت، بشانگ، اوڪت، درڪت)

• **بِشتُ ج بِشتَ:** [ا – مذ] بهشت، جنت ('بهشت' جو عام اچار)

٭ [ف: 'بهشت' > بِشت]

– **بِشتي ج بِشتيِ:** [صفت] بهشتي، جنتي

٭ پاڻي ڀريندڙ، پکالي

• **بُشتِ:** [ظرف] بنهہ، بلڪل، مور

• **بَطل:** [ا - مذ] بهادر، دلير، هيرو
❊ [ع:(ب ط ل)]
– **بَطل جليل:** [ا - مذ] عظيم الشان هيرو
• **بُطلانُ:** [ا - مذ] باطل ڪرڻ يا هئڻ جو عمل، منسوخ ٿيڻ جي صورتحال، تنسيخ
❊ ترديد، ڪوڙ (تڪذيب)، خرابي، نقصان
❊ [صفت] ڪوڙو
❊ اَجايو، نِڪمو
❊ [ع: بَطلُ]
'پڇي مت پورا، سي بطلان ٿيا'
• **بَطلِيمُوسُ:** [ا – خاص] ٻي صدي عيسويءَ ۾ قديم مصر جي هڪ مشهور مهندس جو نالو 'بَطلمِيوس' (جنهن زمين جي مرڪز جو نظريو پيش ڪيو هو ۽ هڪ درسگاهه بہ بنائي هئي، هن جو فلسفو 'نظام بطليموس' سڏبو ويو هو علم نجوم ۽ هندسہ (رياضي) ۾ مهارت رکندو هو ۽ انهن علمن تي 'المجسطِي' نالي ڪتاب لِکيائين، علم جاگرافيءَ ۾ سندس ترتيب ڏنل دنيا جو نقشو پڻ موجود آهي)
❊ [لاطيني: Ptolemaus]
• **بَطنُ:** [ا - مذ] پيٽ، شِڪم (جسم جو اهو اندريون حصو جنهن ۾ معدو، جگر، تلي ۽ آنڊا ٿين ٿا)
❊ ٻچيداني، رحم (اهو عضوو جنهن ۾ حمل پيهندو آهي)
❊ اَندر، اندروني حصو، وچيون حصو
❊ ڪٽنب، اولاد، نسل، پيڙهي، پشت
❊ دل ۽ دماغ ۾ لڪل خيال ۽ سوچون
❊ قرآن شريف جي ڪنهن بہ آيت جي اندروني صوفيائي معنيٰ
❊ [ع]
– **بَطنِ القلب:** [ا – مذ] دل جي ٻن حصن مان هر حصي جو هيٺيون پاڱو، جنهن جون ديوارون مٿيئين حصي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ٿلهيون ۽ لچڪيدار ٿينديون آهن
– **بَطنِ مادر:** [ا - مذ] ماءُ جو پيٽ
– **بَطنيت:** [ا _ مث] شڪم پوري، پيٽ پرڻ، اها خواهش ۽ احساس، جنهن جو واسطو ڪاڏي پيتي سان هجي (جيئن: بُک، اُڃ، وغيره)

• **بَطيرو/بَطيره:** [ا - مذ] هندستاني موسيقيءَ جو هڪ ساز
• **بَعثُ:** [ا - مذ] خواب يا غشيءَ مان اُٿڻ جو عمل، مايوسيءَ مان نڪري، اٿي بيهڻ جي صورتحال
❊ قيامت جي ڏينهن مردن کي قبر مان اُٿارڻ جو عمل يا ڪيفيت (جنهن ۾ ٻهرين اسرافيل فرشتو ٽوڙ ڦوڪيندو ۽ ان جي آواز تي سڀ مردا جيئرا ٿي، قبرن مان اٿي بيهندا)
❊ اُٿارڻ (قيامت جي ڏينهن) مئلن کي جيئرو ڪري اُٿارڻ جو ڏينهن (يومُ البعثِ - قيامت جو ڏينهن)
❊ زندگي، حيات
❊ سفير بڻائي موڪلڻ جو عمل
❊ اهو لشڪر، جنهن ۾ رسول پاڪ پاڻ شريڪ ٿيڻ بدران اصحابين کي موڪليو
❊ تحريڪ، ترغيب
❊ باعث، مقصد
❊ [ع]
• **بِعثَت:** [ا – مث] نبوت، پيغمبري، رسالت
❊ [ع: بِعثة]
• **بَعد:** [ظرف زمان] (زمان جي لحاظ کان) پوءِ، کان پوءِ، پوئتي، دير سان ('قبل' جو ضد)
❊ [ا - مذ] پويون زمانو، مؤخر دور
❊ درجي يا قربت جي لحاظ کان پويون، مؤخر
❊ [ع: بَعدُ]
– **بَعد از:** [ظرف] کان پوءِ، کان بعد
– **بَعدِ آزا ن:** [ظرف] اُنهيءَ کان پوءِ
– **بَعد آز خَرابِيُ بسيار:** [فقرو] تڪليفن سهڻ کانپوءِ، مصيبتون برداشت ڪرڻ کانپوءِ، وڏي خواريءَ کانپوءِ (فارسي فقرو جيڪو سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ عام طور ڪتب ايندو آهي)

هرچہ کند دانا،
کند نادان،
ليک، بعداز خواري بسيار
(فارسي)

– **بَعد آز مرگ:** [فقرو] موت کان پوءِ
– **بَعد آز مرگ واويلا:** [فقرو] وقت گذرڻ کان پوءِ گوڙ شور ڪرڻ، اجائي واويلا (فارسي فقرو جيڪو سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ مستعمل آهي)، مرڻ کانپوءِ لُڙ بکيڙو
– **بَعد ازين:** [ظرف] کانپوءِ (بعد ازان)

– **بَعدُ المَمات:** [ظرف] موت کان پوءِ

– **بَعد الموت:** [ظرف] موت کانپوءِ جو، مرڻ کانپوءِ جو

– **بَعد بَعِيد:** [ا-مذ] تمام ڊگهو مفاصلو، تمام گهڻي دوري

* تمام گهڻو فرق

– **بَعدَهٗ:** [ظرف] ان کان پوءِ، وري

– **بَعديت:** [ا - مث] بعد ۾ ٿيڻ واري ڪيفيت، مؤخر هئڻ جي صورتحال، تاخير

• **بُعدُ:** [ا – مذ] دوري، مفاصلو، پنڌ

* [ع]

'پورب ڪنيو پاڻ سين، بعد بيراڳين' (شاهه / رامڪلي)

– **بُعدِيت:** [ا -مث] دور هئڻ جي ڪيفيت، دوريءَ جي صورتحال، دوري

• **بَعض:** [صفتَ] ڪِي ڪِي، ڪجهه، ڪي، ڪِن، چند

* جزو، ٿورو، هڪ حصو (ڪنهن شيءِ جو)

* ٻيو ۽ ڪو، ديگر

* [ع]

– **بَعضاً:** [ظرف] ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن ڪنهن وقت

– **بَعض اوقات:** [ظرف] ڪنهن وقت، ڪڏهن ڪڏهن

– **بَعضِي:** [ظرف] ڪنهن وقت، ڪڏهن

* اتفاقاً

* [ع]

– **بَعضي بَعضي:** [ظرف] ڪڏهن ڪڏهن، گاهي بگاهي

• **بَعل /بُعل:** [ا _ مذ] مڙس، سردار

* ڪجهه سامي ديوتائن ۽ بتن جو نالو (جن جي عام طرح بني اسرائيل پوڄا ڪندا هئا)، سج جو ديوتا، مشتريءَ جو ديوتا، مصرين ۽ شامين جو وڏو ديوتا (جنهن کي هو خالق سمجهندا هئا)

* عرب ۾ نج سون جو هڪ تمام وڏو بُت

* [ع: بعل = مڙس، سردار]

• **بعلہ:** [ا - مث] بعل جي تانيث

• **بَعِيدُ:** [ظرف] پري، دور

* الڳ، ڌار

* ناممڪن، اڻ ٿيڻو، محال

* غير متوقع، فضول

* [ع]

– **بَعِيد ارضِي:** [صفت] ڪنهن سياري جو اهو هنڌ، جيڪو سج کان وڌيڪ زمين کان پري هجي

* زمين جو سج کان سڀ کان ڏور فاصلو

* [ع: بعيد + ارض = زمين]

– **بَعِيدُ العصر:** [صفت] موجوده زماني کان دور، قديم دور جو

* [ع: بعيد + ال + عصر = زمانو]

– **بَعِيدُ العقل:** [صفت] عقل کان پري، جنهن کي عقل قبول نہ ڪري، غير معقول، بعيد از عقل

* بي معنيٰ، بيهودو، عقل کان وانجهيل

* [ع: بعيد + ال + عقل]

– **بَعِيدُ الفَهم:** [صفت] سمجهہ ۾ نہ ايندڙ، سمجهہ کان ٻاهر، مشڪل سان سمجهہ ۾ ايندڙ

* [ع: بعيد + ال + فهم]

– **بَعِيدُ القِياس:** [صفت] عقل ۽ فهم کان پري، جنهن کي عقل نہ مڃي، ظاهري طور نا ممڪن

* [ڪنايو] گهڻو وڌيڪ

* [ع: بعيد + ال + قياس = تخمينو]

– **بَعِيدُ المقام:** [صفت] تمام پري، دور دراز

* [ع: بعيد + ال + مقام = هنڌ]

– **بَعِيدُ المقصد:** [صفت] گفتگوءَ جي موضوع کان هٽيل، بحث هيٺ آيل موضوع سان غير واسطيدار، مهل موقعي جي خيال کان نا موزون

* [ع: بعيد + ال + مقصد]

– **بَعِيدُ النوم:** [صفت] جنهن کي ننڊ نہ ايندي هجي، گهٽ سمهڻ ۽ وڌيڪ جاڳڻ وارو

* [ع: بعيد + ال + نوم = ننڊ]

– **بَعِيدُ الوَطن:** [صفت] وطن کان دور، مسافر، غريب الديار، بي وطن

☼ [ع: بعيد + ال + وطن]

– **بَعِيد نظر:** [صفت] وڏي نظر رکندڙ، دور انديش، صاحبِ بصيرت

– **بَعِيد نظري:** [ا - مث] پري جون شيون صاف نظر اچڻ جي ڪيفيت، ڊگھي نظر

• **بَعِير:** [ا – مذ] اٺ

☼ [ع]

• **بَعِينه:** [ظرف] وانگر، هوبهو

☼ [ع]

• **بِغائو:** [ا – مذ] بگھڙ

☼ [س/جت]

• **بَغادَر:** [ا - مذ] جوئر جو هڪ قسم

• **بَغادو ج بَغادا:** [ا – مذ] گوڙ، شور، فساد

☼ جهيڙي جو آواز، بغاغو

☼ [س/ات/ل – ع: بغاوت]

– **بَغادو هڻڻ:** [اصطلاح] بغاغو ڪرڻ، شور مچائڻ، گوڙ ڪرڻ

• **بَغاغو ج بَغاغا:** [ا – مذ] لڙ، شور، گوڙ

☼ گھمسان، دنگو، فساد

☼ جهيڙي جو آواز

☼ [ع: > ف بغاوت]

'بيٺا ڪن اغيار بغاغا، اورن يار عيار' (استاد بخاري)

• **بَغان:** [صفت] ڪِڪِ، بيزار، پري پڇندڙ

☼ [ف: بَغا = چِترو]

☼ رنجيدو، ناخوش

☼ ڪاوڙيل

☼ [ع: باغي]

– **بَغان ٿي وڃڻ:** [اصطلاح] سخت چڙي وڃڻ، ڪاوڙ ۾ تپي وڃڻ

• **بَغاوَتَ ج بَغاوَتُون:** [ا - مث] سرڪشي، نافرماني، بلوو

☼ وقت جي حڪومت جي خلاف اجتماعي طور قانون شڪني، نافرماني

☼ راڄ ڊوهه، فتور، وڳوڙ، لٽ مار، تشدد، فساد (Agitation)

☼ [ع: بَغيِ عليٰ = ظلم ڪرڻ > ف: بغاوت = سرڪشي، بلوو]

– **بَغاوَت ڪرڻ:** [اصطلاح] سرڪشي ڪرڻ، نافرماني ڪرڻ

• **بَغبَغو ج بَغبَغا:** [ا - مذ] لڙ، شور، گوڙ، گھمسان، دنگو، فساد

☼ جهيڙي جو آواز

☼ [ع > ف: بغاوت]

• **بُغچو ج بُغچا:** [ا – مذ] ڪپڙي جو ٿيلهو، ڳوٿرو، سنڌُ، ڪپڙن جي هڙ، گوڏڙي

☼ [تر: بقچه]

– **بُغچي ج بُغچيُون:** [ا ـ مث] ننڍي ڳوٿري، بنڄڪي، پوٽلي

• **بَغدادُ:** [ا - خاص] موجوده عراق جي گاديءَ جو شهر (بني عباسي خليفي منصور باران عراق ۾ دجلہ نديءَ جي ڪنڌيءَ تي بڌايل شهر جيڪو عباسي سلطنت جي گادي ۽ مشرقي اسلامي تمدن ۽ تهذيب جو مرڪز بڻيو دنيا جي هن مرڪزي ۽ عاليشان شهر کي، خليفي 'مستعصم باللهٰ' جي دور 656 هه ـ 1258ع ۾ 'هلاڪو' منگول حملو ڪري، بيدرديءَ سان تباهه ڪيو جنهنڪري 'بغداد' جو نالو 'بغداد جي تباهيءَ' جي مفهوم طور 'ظلم' ۽ 'قهر' مشهور ٿي ويو)

☼ [ع]

☼ ظلم، انڌير، قهر، ستم

– **بَغداد ٿيڻ:** [اصطلاح] ظلم ٿيڻ، قهر ٿيڻ، ناحق ٿيڻ

– **بَغداد ڪرڻ:** [اصطلاح] ظلم ڪرڻ، ناحق ڪرڻ

'پينرڙي بغداد، ڪري ڪيچي هليا' (شاهہ)

– **بَغدادِي ج بَغدادِي:** [صفت] بغداد شهر جو رهاڪو

☼ [ا – خاص] پيران پير حضرت محي الدين عبدالقادر جيلانيؒ جو عام لقب

☼ [ا_خاص] مشهور صوفي بزرگ 'جنيد بغدادي'

☼ ڪراچيءَ جو هڪ پراڻو ۽ مشهور محلو

☼ پرت جو هڪ قسم

– **بَغدادِي قاعدو:** [ا - مذ] عربي الف – ب جو ابتدائي ڪتاب (جيڪو قرآن شريف شروع ڪرڻ کان اڳ عام طور ٻارن کي پڙهائبو آهي)

• **بَقرُ:** [ا–مذ] ڍڳن ۽ ڍڳين جو ڌڻُ

⁕ ڍڳو، ڏاند، ڳئون، ڍڳي

⁕ [ع]

• **بَقر / بَقره:** [ا-خاص] سورة فاتحه کانپوءِ قرآن شريف جي هڪ سورة جو نالو (جنهن ۾ 287 آيتون آهن. هيءَ ٻهرين سورة آهي، جيڪا مديني ۾ نازل ٿي ۽ قرآن شريف جي وڏي ۾ وڏي سورة آهي هن سورة ۾ بني اسرائيل جي ڳئيءَ جو ذڪر آهي)

⁕ [ا-مث] ڳئون، وهڙي

⁕ [ا-مذ] تصوف جي اصطلاح ۾ انهيءَ شخص جو روح، جنهن خدا جي طلب ۾ پاڻ کي حرص ۽ هوا کان روڪيو هجي

⁕ [ع]

• **بُقراطُ:** [ا-خاص] هڪ مشهور ۽ ڏاهو يوناني حڪيم (470 ق.م)، جنهن کي عِلم طب جو باني سمجهيو وڃي ٿو

⁕ [يوناني: Hippocrates]

⁕ عالم . فاضل، داناءُ، استادِ ڪامل، ماهر

'تون وري ڪهڙو بقراط آهين' (طنزيه جملو)

– **بُقراطيت:** [ا - مث] منطقي ۽ فلسفياڻي گفتگو يا استدلال جي اهليت

⁕ سنجيدگي، گنڀيرتا

• **بَقرعِيدَ:** [ا – خاص] حج واري عيد، ٻاڪري عيدَ. عيدالاضحیٰ، قربانيءَ واري عيد (جيڪا ڏهين ذوالحج تي حضرت ابراهيم عليه السلام جي يادگار قربانيءَ جي ياد ۾ مسلمان ملهائيندا آهن)

• **بَقرِيد:** [ا ـ مث] 'بقرعيد' جو عوامي اُچار

• **بُقعہ:** [ا-مذ] هنڌ، جاءِ، گهر، مڪان

⁕ زمين جو اُهو ٽُڪر، جيڪو ٻين ڀاڱن کان ممتاز هجي، قطع ارض

⁕ خانقاهه، مندر، ڪا متبرڪ جاءِ

⁕ داغ، ڌبو (اک جي بيماري)

⁕ [ع]

• **بَقل:** [ا-مذ] بقر، سبزي، ترڪاري، ساڳ، ڀاڄي

• **بَقَم:** [ا–مذ] ڪاٺ جو هڪ قسم (جيڪو ڳاڙهي رنگ جو ٿئي)

⁕ [ع]

• **بَقول:** [ظرف] جي چواڻي

• **بَقِيع:** [ا–مذ] وڻن جو جهڳٽو، ٻيلو

⁕ [ع]

– **بَقِيع الغَرقَدِ:** [ا – خاص] مديني شريف جو قديم ٻيلو (جيڪو هاڻي قبرستان ۾ بدلجي ويو جنهن کي هاڻي 'جنة البقيع' چوندا آهن)

• **بَقِيو ج بَقِيا:** [ا - مذ] بقايا، بچت ('بقيو سلف صالح جو' - اڳين صالح شخصن مان هڪ جيئرو صالح شخص)

'د ولد ويري آهه سن بقيو منجهه بقاءُ' (ڳرهوڙي)

⁕ [صفت] باقي، بچيل

⁕ [ع: بقيہ]

• **بَقِيہ:** [ا–مذ] باقي رهيل حصو، بچت

⁕ اهي ڪم جي خدا وٽ پائيدار آهن 'بَقِيةُ الله'

⁕ [ع]

– **بَقِيہ عمر:** [ا–مث] باقي رهيل حياتي

• **بَڪ:** [ا – مث] بيهودي گفتار، اجائي بڪواس، ٻکي، جاڙي، ڳالهه جي اجائي ديگهه. اڻ وڻندڙ ڳالهه ٻولهه

⁕ [ع: بقبق = گهڻو ڳالهائڻ، سن: واڪ = اجايو ڳالهائڻ]

– **بَڪبَڪ:** [ا–مث] اجايو گهڻو ڳالهائڻ، بيهودي گفتار

⁕ جهکي، ٻکي، ٻڙ ٻڙ

⁕ ٻٽاڪ، لٻاڙ

⁕ [ع: بقبق = هن گهڻو ڳالهايو سن: واڪ = اجايو ڳالهائڻ]

– **بَڪبَڪي، بَڪبَڪيو:** [صفت] گهڻ ڳالهائو بڪواسي، بڪوادي

⁕ [ع: بقباق]

– **بَڪبَڪ:** [ا–مذ] گهڻن پکين جو گڏيل آواز

⁕ ڪبوترن جي گهوگهو

⁕ [ع: بقبقَ]

– **بَڪبَڪوڪو:** [ا–مذ] ٻاريهر جو آواز، گهوگهو

– **بَڪ جَهڪَ:** [ا-مث] بڪواس، تڪرار، بڪبڪ

– **بَڪَ شَڪَ:** [ا–مث] اجائي ڳالهه، بيهودي گفتار

– ٻلا آڪي اچڻ: [اصطلاح] مصيبت درپيش اچڻ، رنڊڪ پوڻ، نقصان پهچڻ

٭ ڪنهن بہ شيءِ جو وچ مان غائب ٿي وڃڻ

٭ ٺهيل ڪم بگڙي وڃڻ

– ٻلا آچي ڪڙڪڻ: [اصطلاح] شامت پوڻ، مصيبت نازل ٿيڻ

– ٻلا انگيز: [صفت] منبت چيد ڪندڙ، مشڪلات ۾ مبتلا ڪندڙ، فتنو يا مصيبت اُٿاريندڙ

٭ [ع: بلا + ف: انگيز = اُٿاريندڙ]

– ٻلا ٽارڻ: [اصطلاح] مصيبت دور ڪرڻ

– ٻلا ٽرڻ: [اصطلاح] مصيبت دور ٿيڻ

– ٻلا پالڻ: [اصطلاح] مصيبت پالڻ

– ٻلا پٺيان لڳڻ: [اصطلاح] مصيبت جو پٺيان پوڻ

– ٻلا جو: [صفت] غضب جو، انتها جو

'مڙس نہ ڪو بلا جو آهين' (جملو)

– ٻلا خيز: [صفت] مصيبت آڻيندڙ، آفت نازل ڪندڙ

– ٻلا خيزي: [ا - مث] مصيبت

– ٻلا دُور: [ا - مذ] صدقو، پيٽ

– ٻلا رَد ڪرڻ: [اصطلاح] مصيبت دور ڪرڻ

– ٻلازَده: [صفت] مصيبت جو ماريو، مصيبت جو سٽيل، آفت رسيده

٭ [ع: بلا+ف: زده = ماريل]

– ٻلا سِرَ تان ٽارڻ: [اصطلاح] مصبت دور ڪرڻ (نميڻائيءَ سان' عادت ڇڏڻ

– ٻلا سِرَ تان ٽَرڻ: [اصطلاح] مصيبت هٽڻ

– ٻلا سِرَ تي آچڻ: [اصطلاح] مصيبت نازل ٿيڻ

– ٻلاڪَش: [صفت] تڪليف برداشت ڪندڙ، مصيبت سهندڙ

٭ جاڪوڙا ڪڍندڙ

٭ ڏکي

٭ عاشق، محِب

٭ [ع: بلا + ف: ڪش]

– ٻلاگير: [صفت] مصيبت آڻيندڙ

– ٻلا نازل ٿيڻ: [اصطلاح] مصيبت ڪڙڪڻ ازغيبي مصيبت اچڻ

– ٻلانوشُ: [صفت] گهڻو شراب پيئندڙ، وڏو شرابي

٭ بري ڀلي هر شيءِ ڪائي ٻي ويندڙ

– ٻلا نوشِي: [ا - مث] گهڻي شراب نوشي

٭ [ف: بلا + نوش، نوشيدن = پيئڻ، کائڻ]

– ٻلا وانگر پٺيان پوڻ: [اصطلاح] پيڇو نہ ڇڏڻ، هٿ ڌوئي پٺيا پوڻ

– ٻلائن کان بچائڻ: [اصطلاح] مصيبت کان محفوظ رکڻ، آفتن کان امن ڏيڻ

– ٻلاءِ آسماني: [ا ـ مث] خدائي مصيبت، آسماني بلا، ناگهاني آفت، اها مصيبت، جنهن جو شڪ گمان نہ هجي

– ٻلاءِ بي درمانِ: [ا – مث] لاعلاج مصيبت

– ٻلاءِ بَد: [ا - مث] خبيث روح، ڀوت

– ٻلاءِ بي درمانِ: [ا - مث] لاعلاج مصيبت (اهڙي آفت، جنهن مان ڪنهن بہ ريت نجات نہ ملي سگهي)

– ٻلاءِ جانِ: [ا – مث] جيءَ جو جنجال

٭ [صفت] ديوانو عاشق (جيڪو محبوب جي پٺيان پئجي وڃي)

– ٻلاءِ مُجسم: [صفت] سچي پچي مصيبت، مٿي کان پير تائين مصيبت

– ٻلاءِ ناگهانِي: [ا - مث] اوچتي آپدا، اوچتي نازل ٿيل مصيبت (جنهن جو اڳواٽ انديشو ۽ خيال نہ هجي)

● ٻِلا: [ح جر] کان سواءِ، بغير، سواءِ، بي، ڌاران، بِنا، بن، ريءَ (حرف نفي)

٭ [ف: بِہ = ساڻ + ع: لا = نہ]

– ٻِلا اجازت: [ظرف] اجازت کان سوا، موڪل کان سواءِ

– ٻِلا ارادا: [ظرف] ارادي کان سواءِ

– ٻِلا تاخِير: [ظرف] بِنا دير، يڪدم

– ٻِلا تحاشہ: [ظرف] تمام تيزيءَ سان، بنا سوچي سمجهي

٭ [ف: بلا + ع: تحاشہ (ح ش ي) = بچڻ، پري رهڻ]

– ٻِلا ترتِيب: [ظرف] ترتيب کان سواءِ

٭ بگوڙيل

• بَلبَن: [اـخاص] علام گهراڻي جي هڪ بادشاهه جو نالو (جنهن جو نالو ’غياث الدين‘ هو جنهن هندستان تي 1264ع کان 1265ع تائين حڪومت ڪئي)
٭ [ف]

• بَلپ: [صفت] ولپ، پيارو، عزيز، معشوق
٭ [ا-مذ] دوست، يار، مالڪ، مهتمر

• بَلتِستان: [ا - خاص] پاڪستان جو اتريون علائقو، جيڪو پنهنجي ڌار ثقافت ۽ ٻولي (بلتي) رکي ٿو

– بَلتي: [صفت] بلتستان جو، بلتستاني، بلتي ٻولي

• بُلٽ ۽ بُلٽ: [اـمذ] دروازي بند ڪرڻ جو ڪنڊو
٭[انگ: Bolt]

– بُلٽ ڦِرڻ: [اصطلاح] ڪاوڙ اچڻ، غصو ڏيکارڻ

– بُلٽ ڪي ڦيرو اچڻ: [اصطلاح] خيال ۾ تبديل اچڻ، اوچتو خيال ڦرڻ

• بُلڊاڳ/بُلڊاگ: [ا ـ مذ] ننڍي قد وارو ڪتو، شڪاري ڪتي جو هڪ قسم (جنهن جو مغز وڏو، بدن ٿلهو منهن مرڪرو ۽ قد ننڍو ٿيندو آهي)
٭[انگ: Bull dog]

– بُلڊاڪ ٻنجڻ: [اصطلاح ] بلڊاڪ وانگر ڪنهن جي ٻچ تي ٻئي سان وڙهڻ
٭ ڪنهن جو خوشامدي ٻنجڻ
٭ چالاڪ ٻنجڻ

– بُلٽيرِيئر: [ا ـ مذ] بلڊاڪ ۽ ٽريئر ڪتي جي ميلاپ سان پيدا ٿيندڙ ڪتو، بلٽري (سنڌيءَ ۾ مستعمل)
٭ [انگ: Bull terrier]

• بَلخ: [اـخاص] موجوده ايران ۾ هڪ قديم تاريخي شهر جو نالو
٭ [ف]

’ڪي هلنا بلخ لئي ڪاڻوي، ڪي بخارو بسن‘ (قادري)

–

’بابل، بلخ، عدن ۾، نيپال، گورکن ۾‘ (احقرفقير)

– بَلخِي: [صفت] بلخ جو رهاڪو، ايران جي مشهور شهر بلخ سان منسوب

• بَلدُ/ بَلده: [ا ـ مذ] شهر، وڏو ڳوٺ، بستي
٭ [ع]

– بَلدُ الامين: [ا-مذ] [لفظاً] امن وارو شهر، بستي
٭ [مراداً] مڪو معظم
٭ [ ع: بلد + ال + امين = امن وارو]

– بَلدُ الحَرام: [ا-مذ] [لفظاً] احترام جوڳو شهر، بستي
٭ [مراداً] مڪو معظم
٭ [ ع: بلد + ال + حرام = احترام جوڳو]

– بَلدِيات: [ا ـ مث] بلديہ جو جمع، ميونسپل ڪاميٽيون

– بَلدياتِي: [ا ـ مث] شهري نظام

– بَلدياتِي چونڊ: [ا - مث] شهري سطح تي ٿيندڙ چونڊ، لوڪل اليڪشن (Local election)

– بَلدِيت: [اـمث] شهريت
٭ شهري حقوق

– بَلدِيہ: [ا ـ مث] شهري انتظام جو اهو ڪاتو (جيڪو شهر جي صفائي، روشني، پاڻي ۽ شهرين جي سهولتن جو ذميوار هوندو آهي)، ميونسپالٽي، ميونسپل ڪارپوريشن

• بَلد: [صفت] واقف، ڄاڻو سڄاڻو
٭ رهبر، رهنما، سونهون
٭ [ع]

• بَلدَ ۽ بَلدَ: [ا ـ مذ] [لفظاً] طاقت ڏيڻ وارو
٭ [مجازاً] ٻوڏ، ڍڳو، ڏاند
٭ ٻوٺي ڍڳو
٭ [سن: بليورد]

• بَلده: [ا - مث] ايڪيهيون نکٽ، چنڊ جي ڪلا (منزل)، [نوٽ: چنڊ جون اٺاويهه ڪلائون (منزلون) ٿينديون آهن]
٭ [ ع: بلده = بلد]

• بُلدِي: [اـخاص] بلوچن جو هڪ قبيلو، بليدي

– **بَلغُ العُلا:** [صفت] مقفيٰ (قافيه دار) ۽ مسجع (سهڻا) لفظ، فقرا، تشبيهون ۽ استعارا ڪم آڻيندڙ شاعر

٭ شيخ سعديءَ جي مشهور نعتيه شعر 'بلغ العلىٰ بڪمالہٖ' جو اختصار ۽ ان طرف اشارو

٭ [ع: بلغ (ب ل غ) + ال + علا = اعلىٰ]

• **بُلغارَ ج بُلغارون:** [ا_مث] آواز

٭ پرواهہ، چخي

'بلغارئي ڪانہ ڪيائين - پرواهہ ئي ڪانہ ڪيائين' (جملو)

٭ گُـل ڦل، ساوڪ، سبزي

'جيئن هت انب آما آموُيون، پيا باغ چگا بلغار' (ڪبير شاهہ)

٭ خوشبودار چمڙو، روسي چمڙو

٭ رَبڙ جي نليءَ وانگر چمڙي جو ڊگهو نڙُ (چلم يا حقي جو)

٭ [ف: ترڪي]

٭ [ا_خاص] يورپ جو هڪ ملڪ بلگيريا

٭ [مث: Bulgaria]

– **بُلغارِي:** [ا_مث] روسي چمڙو

٭ هڪ قسم جي ننڍي ستار (جنهن کي مضراب يا ڪاڇ سان وڄائبو آهي)

– **بُلغارِي چِلم:** [ا_مث] ڊگهي (بلغاري) نڙ سان گُـلن واري وڏي چلم

• **بُلغارِي حُقو:** [ا_مذ] بلغاري نڙ وارو حقو

• **بُلغارِي نَڙُ:** [ا_مذ] ربڙ جي نليءَ مثل ورن وڪڙن وارو ڊگهو نڙ

• **بَلغاريہ:** [ا_خاص] يونان جي اتر ۾ هڪ شهر ۽ ملڪ جو نالو

• **بُلغارِ/ بُلغاءِ:** [ا_خاص] تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ تپي، ديهہ ۽ ريلوي اسٽيشن جو نالو (جنهن کي هن وقت سلطان آباد چون ٿا)

• **بَلغَمُ:** [ا _ مذ] چئن خِلطن (سوداءِ صفراءِ رت ۽ بلغم) مان هڪ خلط جو نالو، ڇاتيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ چارو (جيڪو ڪانگهاري ذريعي ٻاهر نڪري)، گهاٽو ڪانگهارو

٭ [ع]

– **بَلغَمِي ج بَلغَمِي:** [صفت] بلغمي مزاج وارو (جيڪو ٿلهي بدن وارو ٿيندو آهي)

٭ بلغم پيدا ڪندڙ

٭ [ڪناية] ٿلهو ڪاهل شخص، ٿلهي سمجهہ وارو

• **بِلفِعلِ:** [ظرف] حال في الحال، هينئر، هن وقت

٭ حقيقت ۾، سچ پچ، نِس پِس

• **بَلقانُ:** [ا_خاص] يورپ جي ڏکڻ اوڀر ۾ گڏيل رياستن جو ملڪ

٭ [انگ: Balkan states]

• **بِلقِيس:** [ا_خاص] 'سبا' شهر جي راڻي (جنهن پوءِ ايمان آڻي، حضرت سليمان سان شادي ڪئي هئي)

٭ (ادبيات ۾ تلميح طور ڪتب ايندو آهي)

٭ [ع]

• **بَلڪِ:** [ح_جملو] پر، انهيءَ هوندي، ويتر، ڪان وڌيڪ

٭ [ع: بَل + ف: ڪہ]

• **بُلَڪ ٽرين:** [ا – مث] ڏاندن جي ڏاڪ گاڏي (گذريل صديءَ ۾ ٻاڪ/ٽپال کڻي وڃڻ لاءِ ان قسم جي گاڏي ڪتب ايندي هئي)

٭ [انگ: Bullock Train]

• **بَلڪلُ:** [ا_مذ] وڻ جو ڇوڏو، ڇوڏن مان ٺهيل وستر (ڪپڙو)

٭ [سن: ولڪل]

• **بِلڪلُ:** [ظرف] ڪلي نموني ۾، مڪمل طور، پوريءَ طرح، تمام، سارو

٭ بنهہ، سراسر، سمورو

• **بَلِڪورُ ج بَلِڪورَ:** [صفت] اپرو، ڏهرو، هيڻو، ٽڪل

٭ [س/ات]

• **بَلَمَ:** [ا - مذ] بلما، پيارو، سڄڻ، پرين، عاشق، محبوب

٭ آشنا

٭ خاوند، شوهر، مڙس

٭ [سن: بلم]

• **بَلما:** [ا - مذ] بلم، محبوب، عاشق، سڄڻ، پرين

٭ آشنا

٭ خاوند، شوهر، مڙس

٭ [سن: بلم]

• **بلمپت:** [ا - مث] هلڪي لٺ، تال جي هيٺين لئي (موسيقيءَ جو اصطلاح)

• **بُلندُ ۽ بُلندَ:** [صفت] اُتاهون، مٿانهون اعليٰ، اچو، برتر، بالا، ممتاز، عالي

* جيڪو اوج يا ترقيءَ تي هجي

* [ف: بلند]

– **بُلند آشيان:** [صفت] پکي (جنهن جو آکيرو تمام مٿي هجي)

* وڏي مرتبي وارو

– **بُلند آواز:** [صفت] وڏي آواز وارو

* [ظرف] وڏي آواز سان

• **بلند آهنگ:** [صفت] وڏي آواز سان

– **بُلند آهنگي:** [ا- مث] زور شور، جوش خروش، شور ۽ غل

– **بُلند اختر:** [صفت] وڏي ڀاڳ وارو، خوشنصيب، خوش اقبال (اوچي سِتاري وارو)

– **بُلند اِراده:** [صفت] مضبوط اِرادي وارو، اولوالعزم

– **بُلند اِقبال:** [صفت] وڏي بخت وارو، وڏي درجي وارو، خوش قسمت، خوش نصيب

* [مجازاً] پٽ، فرزند

– **بُلند اِقتدار:** [صفت] وڏي طاقت وارو، وڏي اثر ۽ رسوخ

– **بُلند بالا:** [صفت] وڏي قد وارو، دراز قد

– **بُلند بام:** [ا – مذ] مٿانهون ڪوٺو، اها ماڙي جنهن جو ڪوٺو بلند هجي

– **بُلند بانگ:** [صفت] اوچي آواز وارو

– **بُلند بانگ دعويٰ:** [ا - مذ] اها دعويٰ، جيڪا زوردار لفظن ۾ ڪئي وڃي، اها دعويٰ، جيڪا ايڏيءَ شد مد سان ڪئي وڃي جو ٻين کي ان جي حق هجڻ تي يقين ٿي وڃي

– **بُلند بختُ:** [صفت] وڏي بخت وارو، خوش اقبال

– **بُلند بينُ:** [صفت] مٿي ڏسندڙ، ڏگهيءَ نظر وارو

* روحاني رمزون پروڙيندڙ

– **بُلند ڀاڳ:** [صفت] وڏي ڀاڳ وارو، خوش نصيب

– **بُلند پايہ:** [صفت] اعليٰ رتبي وارو، عالي مقام

ـ **بُلند پائيگي:** [ا ـ مث] اعليٰ مقام، بلندي

– **بُلند پرواز:** [صفت] مٿي اُڏامندڙ

* اعليٰ دماغ، اعليٰ فڪر، اعليٰ خيال

* [مجازاً] نثر يا نظم ۾ اعليٰ خيالن جو اظهار ڪندڙ، اعليٰ دماغ، اعليٰ فڪر

– **بُلند پيما:** [ا ـ مذ] اوچائي ماپڻ جو اوزار

– **بُلند جاهہ:** [صفت] وڏي مرتبي وارو

– **بُلند حوصِلہ:** [صفت] وڏيءَ همت وارو، بلند همت، دلير، بهادر، جري

* اوچي خيال وارو، فراخ دل، سخي، عالي ظرف

ـ **بُلند حوصلگِي:** [ا -مث] بلند حوصلو

– **بُلند خيال:** [صفت] بلند پرواز

– **بُلند خيالِي:** [ا -مث] بلند پروازي

– **بُلند فِڪر:** [صفت] بلند پرواز

– **بُلند قامت:** [صفت] وڏي قد وارو، ڊگهو، دراز قد

– **بُلند قدرِي:** [ا -مث] وقار، قدر، منزلت

– **بُلند گِير:** [ا ـ مذ] مٿي کڻندڙ مشين، مٿين طبقي تي کڻي ويندڙ ڪَلَ، لفٽ (lift)، ڪرين (crane) وغيره

– **بُلند مرتبہ:** [صفت] وڏي شان وارو، وڏي عهدي وارو، عالي مرتبت، عالي قدر

– **بُلند مقام:** [صفت] اعليٰ مقام، وڏي شان وارو

– **بُلند مڪان:** [صفت] وڏي مرتبي وارو، وڏي درجي وارو

– **بُلند منش:** [صفت] عالي ظرف، جنهن جي فطرت ۾ سنجيدگي هجي

– **بُلند نام:** [صفت] مشهور، نيڪيءَ ۾ شهرت رکندڙ

– **بُلند نظر:** [صفت] وڏيءَ نظر وارو، دورانديش

– **بُلند نِگاهہ:** [صفت] وڏيءَ نظر وارو، دور انديش

– **بُلند نِگاهي:** [ا -مث] وسيع نظري، دور انديشي

– **بُلند همت:** [صفت] وڏيءَ همت وارو

– بَلي هَجڻ: [اصطلاح] وڏيءَ پهچ وارو هجڻ، نالو مشهور ٿيڻ
※ متڪبِّر هجڻ

• ٻلي: [ظرف] واسطي، خاطر، لاءِ، ڪاڻ
※ حوالي، ذمي
'ٿيان هن جي ٻلي، پيو ڪجهه نه ملي' (احمد خان مدهوش)
※ حساب ۾، ليکي ۾

– ٻلي لائڻ: [اصطلاح] ڪنهن جي ڪم ۾ آڻڻ، استعمال ڪرڻ
※ ڪنهن جي آسري ڇڏڻ
※ اگهائڻ
※ پهچائڻ

• ٻُلِي ج ٻُلِيُون: [اــمث] ڪمند جي ڳَرِي، ڳَرِي
※ آڱر جي ٽن حصن مان هڪ حصو، ڏوڏو
※ ڪڏ، ٽپو
※ [س/ات]
※ [صفت ـ مث] پياري، مِٺڙي، لَڏِڻ، مِٺڻ، (darlling (girl

– ٻُلي ڏيڻ: [اصطلاح] خراب صلاح ڏيڻ، بدراهه ڪرڻ، برغلائڻ
※ ڦندائڻ، آپارڻ، هشي ڏيڻ
※ [س/ات]

• ٻُليٽن: [ا – مذ] سرڪاري اطلاع، اطلاعي خبر نامو، ڪنهن اداري پاران جاري ٿيندڙ خبرنامو، نيوز چئنل تان نشر ٿيندڙ تازي خبر
※ [انگ: Bulletin]

• ٻلِيچنگ پائوڊر: [ا – مذ] رنگ ختم ڪندڙ ٻورو، رنگ ڪاٽ سفوف، پائوڊر (جنهن سان ڪپڙي تان داغ دور ٿي وڃن)
※ [انگ: Bleaching powder]

• ٻليخم: [صفت] ڪِڪ، بيزار
※ عاجز، ٿڪل

– ٻليخم ٿيڻ: [اصطلاح] ٿڪجي پوڻ
※ ڪِڪ ٿيڻ، بيزار ٿيڻ

• ٻُليدي: [اـخاص] هڪ ذات جو نالو، بلوچ قوم جو هڪ قبيلو (اصل ۾ بلديه (مڪران) کان آيل)

• ٻلِيڊ: [ا – مذ] ڌار، چاقو وغيره جو ڦر، لوهه جو تيز ڌار وارو ٽڪر يا ڦر
※ سيفٽي ريزر جي تيز ڌار وارو پٽو (جنهن سان ڏاڙهي لاهبي آهي)
※ لوهه جو ڦر
※ پن، پتو، برگ
※ [انگ: Blade]

• ٻلِيڊر: [ا - مذ] مثانو
※ فوٽ بال، والي بال يا رگبي جي ڦيٽن جو اندريون ٽيوب (جيڪو هوا ڀرڻ سان ڦوڪجي ويندو آهي)
※ [انگ: Bladder]

• ٻليزر: [ا – مذ] هڪ خاص ڪپڙي جو رنگين ڪوٽ، رانديگرن جو ڪوٽ، ڪاليجي شاگرن جي ورديءَ جو ڪوٽ
※ [انگ: Blazer]

• ٻليسَ ج ٻليسون: [اـمث] ڪليل هٿ جي چيچ ۽ آڱوٺي جي وچ وارو مفاصلو، گرانٽ
※ [ف: بالِشت]

• بَلِيغُ: [صفت] پاڪيزه ڪلام وارو ادبي زبان جو ماهر، خوش بيان، پر اثر تقرير ڪندڙ، مؤثر مقرر، خوش گفتار، فصيح البيان، فاضل
※ ماهر، هوشيار
※ ڪامل، پورو
※ [ع]

– بَلِيغانه: [ظرف] بليغ نموني ۾، مؤثر نموني، بلاغت سان پريل

• ٻلِيئرڊ: [اـمذ] انگليءَ جي هڪ مشهور راند (جيڪا ڪاٺ جي چورس تختي تي گول سارين سان کيڏندا آهن)
※ [انگ: Billiard]

– ٻلِيئرڊ روم: [ا ـ مذ] ٻليئرڊ راند کيڏڻ جو ڪمرو
※ [انگ: Billiard Room]

• **بَندَگي ج بَندَگِيون:** [ا ـ مث] ٻانهپ، عبادت، پوڄا، اطاعت، عجز، نيازي، عبوديت، عقيدت
※ خدمت، نوڪري، غلامي
※ آداب، سلام جو هڪ لفظ، تسليم، ڪُرنش
– **بَندَگي بيچارگِي:** [فقرو] ملازمت، پابندي، نوڪري
– **بَندَگي ڪرڻ:** [اصطلاح] عبادت ڪرڻ، ٻانهپ جا فرض بجا آڻڻ
• **بَندڻُ:** [مص – فعل متعدي] بند ڪرڻ، روڪڻ، جهلڻ، اَڏِڻ، ٻَڌڻ، قابو ڪرڻ، سوگهو ڪرڻ
※ پورڻ، دفنائڻ، دفن ڪرڻ
※ قيد ڪرڻ، گرفتار ڪرڻ
※ [ف: بستن = ٻڌڻ؛ سن: ٻنڌن = ٻڌڻ]
※ [بنديو بندبو بنديل]
– **بَندائڻ:** [مصدر 'بندڻ' مان فعل متعدي بالواسطہ] ٻڌائڻ، قيد ڪرائڻ، پڪڙائڻ
※ [بنديو بنديندو بنديل]
– **بَندجڻ:** [مصدر 'بندڻ' مان فعل مجهول] ٻڌجڻ، جهلجڻ، روڪجڻ
※ بند ٿيڻ، قيد ٿيڻ
※ گهوڙي وغيره سواريءَ جي وهٽ جو بيمار ٿيڻ
※ ڪڙجڻ، ٽڪجڻ، لڱ ڄڙهي پوڻ
※ [بنديو بندبو بنديل]
• **بَندو ج بَندا:** [صفت_مذ] عبد، ٻانهو
※ گولو، غلام، نوڪر، ٻيلي
※ انسان، آدمي
※ [ف: بَنده]
※ [مث: بَندي ج بَنديون]
– **بَندو بَردو:** [صفت] غلام، ٻانهون، نوڪر، ٻيلي
– **بَنده ج بَندگان:** [ا ـ مذ] ٻانهو، عبد
※ غلام، بندو، نوڪر، مطيع، فرمانبردار
※ عاجز، نيازمند، ناچيز، خاڪسار
※ پوڄا ڪندڙ
※ انڌي تقليد ڪندڙ، (غلامن وانگر) پابند
※ [ف]

– **بَنده آزاد:** [ا - مذ] اهو شخص، جيڪو ڪنهن قيد ۽ شرط جو پابند نہ هجي، دنياوي ضرورتن کان بي نياز
– **بَنده بشر:** [ا - مذ] انسان، ماڻهو آدمي
– **بَنده بي زر:** [ا - مذ] ٻانهو، غلام، ريءَ ملهه ٻانهو
– **بَنده پَروَرُ:** [صفت] ٻانهن جي پرورش ڪندڙ، ماڻهن کي نوازيندڙ، خاوند، آقا
※ جناب، حضور، خداوند، مهربان
– **بَنده پروري:** [ا - مث] مهرباني، نوازش
※ [ف: بنده + پرور پرودن = پالڻ، پرورش ڪرڻ]
– **بَنده حلقہ بگوش:** [ا - مذ] ٻانهن ٻڌو غلام
– **بَنده خانہ:** [ا - مذ] غريب خانو، ناچيز جو گهر (منهنجو گهر)
– **بَنده خدا:** [صفت] خدا جو بندو
– **بَنده درگاهہ:** [صفت] توهان جي دربار جو غلام، خاڪسار (آءُ، اسان)
– **بَنده زاده:** [ا_مذ] ٻانهي جو پٽ
※ [مث: بنده زادي]
– **بَنده زر:** [صفت] لالچي، دولت جو غلام
ـ **بَنده عاجز:** [صفت] بيوس انسان
– **بَنده نوازُ ج بَنده نوازَ:** [صفت] بندن تي مهرباني ڪندڙ، مهربان
– **بَنده نوازي:** [ا ـ مث] مهرباني، نوازش
• **بُندو ج بُندا:** [ا ـ مث] ڪنن ۾ پائڻ جو زيور، والا
※ [هند]
• **بَند واري:** [ا_خاص] ميرپور ماٿيلي ۽ ڏگهڙي تعلقن ۾ ديهن جو نالو
• **بَندو بَستُ ج بَندوبَستَ:** [ا ـ مذ] ترتيب، جوڙ جڪ، ناهہ نوهہ، انتظام، اهتمام، نظم وضبط، نظم و نسق
※ [مجازاً] سيڪت، سزا
'ترس! تنهنجو بندوبست ڪيون ٿا' (جملو)
※ [ف]
• **بَندوق ج بَندوقُون:** [ا_مث] هٿيار جو هڪ قسم (جنهن ۾ بارود ۽ گوليون يا ڪارتوس وجهي چوڙجن)، تفنگ، (Gun)
※ [ترڪ ـ ف: بندوق]

• **بودو ج بودا**: [ا–مذ] اٺ، ڪنواٽ، گورو

☼ [ف: بوته]

'ڪرهه قطاري هليا، بودا پلاڻي پرڀات' (سچل/ سسئي)

☼ [صفت] ٿلهو ۽ بي ڍولو

☼ [سن: ابوڌ > ا = نہ + بڌ = سمجهڻ]

☼ ابوجهه، بي سمجهه

• **بوڏاري**: [ا–خاص] هڪ ذات جو نالو

• **بوڏيا/ بوڏيجا**: [ا–خاص] هندن جي هڪ ذات جو نالو

• **بوڏُ ج بوڏَ**: [ا–مذ] جوڻ، ٽولهر

☼ مرم، حياءُ

☼ خيال، ويچار

☼ [س/ڪوهه]

• **بُوڏَ ج بُوڏُون**: [ا–مث] جانور (خصوصاً اٺ ۽ ڍاند) جي، آلت، ڊگهي سنهي آلت

☼ [صفت] ڊگهو، لنبو

☼ [س/ات]

– **بُوڍر**: [صفت] ڊگهي آلت وارو

• **بُوڍاڙڻُ**: [مص –فعل متعدي] زور سان ڇنڻ ۽ پٽڻ، روڙڻ

☼ زور سان ڪسڻ

☼ [س/ات]

☼ [ٻوڍاڙيو، ٻوڍاڙيندو، ٻوڍاڙيل]

– **بُوڍاڙ**: [ا–مث] رهڙ ڍهڙ، زوريءَ هٿ ڪس، روڙ

– **بُوڍاڙ سُوڍاڙ**: [ا–مث] زبردستي، هٿ ڪس، روڙ سوڙ

• **بوڍو ج بوڍا**: [ا–مذ] گهاٽي سِنگهه، گوبو

☼ منجهيل ڌاڳا

• **بوڍرُ ج بوڍرَ**: [صفت] جنهن کي نڪ ۾ سنگهه گهڻي هجي، جنهن جو نڪ سدائين بوڍن ۽ گوبن سان ڀريل هجي، گوبر

☼ گدلو، ڪنو

– **بوڍرُ سِنگهرُ**: [صفت] گدلو، گوبرو، ڪنو، چيڪرو

☼ جنهن جي نڪ مان سنگهه وهندي رهي

• **بُوڍي ج بُوڍيُون**: [ا–مث] جانور جي آلت، بوڍ

☼ [س/ات]

• **بُوڍينگ**: [ا–مذ] ٻوٽي جو هڪ قسم

☼ [س/ڪوهه]

• **بور**: [ا–مث] مينهن جو هڪ قسم (جنهن جي ٻچ جي چوٽي ۽ چٽن ئي پيرن جا مُرا اڇا هجن)

• **بور**: [صفت] بيزار ڪندڙ، اُڃاٽ، ڪَڪِ ڪندڙ

☼ [انگ: Bore]

– **بور ڪرڻ**: [اصطلاح] بيزار ڪرڻ، ڪڪ ڪرڻ

– **بورنگ**: [صفت] پريشان ڪندڙ، طبيعت تي بار گذرندڙ

☼ [انگ: Boring]

'مي ڪجهه گهريون ڏاڍيون بورنگ گذريون آهن' (جملو)

• **بورُ ج بورَ**: [ا – مذ] سُرخ رنگ وارو گهوڙو (جنهن کي 'سرخنگ'، 'سرنگ' ۽ سرخو به چوندا آهن. جنهن جي مُنهن تي ليوٽِڪو (ٻانو) هجي)، گهوڙي جو هڪ قسم

☼ هلڪي ڳاڙهي رنگ وارو اُٺ

– **بورُ سمندُ**: [ا - مذ] اهو بور گهوڙو، جنهن ۾ 'سمند' (بوسڪي رنگ جي گهوڙي) جا نشان به هجن

• **بورُ**: [ا – مذ] سوراخ، تنگ، ڪنهن به دائري جو قطر (جهڙوڪ: بندوق جي نالي وغيره)

☼ پاڻي، تيل وغيره معلوم ڪرڻ يا ڪڍڻ لاءِ زمين ۾ مشين سان سوراخ ڪرڻ، برمي سان ڪنهن شيءِ ۾ سوراخ ڪرڻ جو عمل، مشين سان کوهه کوٽڻ

☼ [انگ: Bore]

– **بورنگ**: [ا - مث] سوراخ ڪڍڻ جو عمل

☼ ٽيوب ويل (جنهن کي عام طور 'بورنگ' به چوندا آهن)

☼ [انگ: Boring]

– **بورنگ ڪرڻ**: [اصطلاح] تنگ ڪرڻ، سوراخ ڪرڻ

☼ کوهه کوٽڻ

☼ جر وٺڻ (نلڪي يا موٽر جي فٽنگ جي لاءِ)

☼ [انگ: Boring]

• **بورا**: [ا - مذ] بوهرا، بوهري

• **بَهاولِ شاهه:** [ا-خاص] تعلقي سڪرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو
• **بَهاءُ الدينُ:** [ا -خاص] 'شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني' هڪ مشهور درويش ۽ ولي الله جو نالو (جنهن جي درگاهه ملتان شهر ۾ آهي)
* [ع: لفظي معني 'دين جو حسن']
• **بَهاءُ الله:** [ا -خاص] ايران ۾ بهائي فرقي جو باني حضرت بهاءُ الله (وفات 1892ع)
– **بَهائِي:** [صفت] حضرت بهاءُ الله (لقب بہ من يظهرالله) سان منسوب فرقو يا دين، بهاءُ الله جو پيروڪار
– **بَهائِيَت:** [ا -مث] بهائي مسلڪ، بهائي عقيدي جي پيروي
• **بَهائِم:** [ا -مذ] چوپايو، پسون، حيوان، مِرون
* [ع: بهِيمه ج بهائم]
• **بَهبُود:** [ا -مذ] چڱائي، ڀلائي، خيرخواهي، بهتري، بَرتري، فائدو (ڏسو: به بود)
* [ف: بہ = چڱو + بودي < بودن (= هئڻ)]
– **بَهبُودِ آبادِي:** [ا -مث] ماڻهن جي ڀلائي (ڪاتو)
– **بَهبُودِ آبادِي ڪاتو:** [ا - خاص] ماڻهن جي ڀلائيءَ جو سرڪاري ڪاتو
– **بَهبُودگِي:** [ا -مث] ڀلائي، چڱائي، بهبودي
– **بَهبُودِي:** [ا -مث] ڀلائي، چڱائي، خير خواهي
• **بُهتانُ ج بُهتانَ:** [ا -مذ] الزام، تهمت، ڪوڙ
* [ع]
– **بُهتان بازِي:** [ا -مث] الزام تراشي
– **بُهتان بندِي:** [ا -مث] الزام تراشي، بهتان بازي
– **بُهتان ٻَڌڻ:** [اصطلاح] ڪوڙي تهمت رکڻ، ٺڪر ڀڃڻ
– **بُهتان تراش:** [صفت] ڪوڙو الزام ڏيندڙ، ڪوڙي تهمت لڳائيندڙ
– **بُهتان تراشِي:** [ا - مث] الزام گهڙڻ يا ڪوڙي تهمت لڳائڻ جو عمل
– **بُهتان ڌرڻ:** [اصطلاح] الزام لڳائڻ
– **بُهتان رکڻ:** [اصطلاح] بهتان ڌرڻ
– **بُهتان لڳائڻ:** [اصطلاح] ڪنهن جي خلاف تهمت هڻڻ، الزام ڏيڻ
– **بُهتان مڙهڻ:** [اصطلاح] ڪنهن تي الزام لڳائڻ
– **بُهتانو ج بُهتانا:** [ا -مذ] ڪوڙو الزام، اجائي تهمت
– **بُهتانِي ج بُهتانِي:** [صفت] ڪوڙو الزام لڳائيندڙ
• **بِهتر:** [صفت] وڌيڪ چڱو، زياده سٺو، زور ڀلو
* [ف]
– **بِهتري:** [ا -مث] چڱائي، ڀلائي
– **بِهترين:** [صفت] سڀ کان چڱو، ازخود چڱو، چڱي ۾ چڱو
• **بَهجَت:** [ا -مث] خوبصورتي، حسن و جمال
* شان، برتري
* خوشي، فرحت
* ڦڙتي، چستي
* [ع]
• **بَهدُورُ ج بَهدُورَ:** [صفت] بهادر
* [س/ڪوهر]
• **بَهر:** [ظرف] واسطي، ڪارڻ
* [ف]
– **بَهرِ خدا:** [محاورو] خدا جي واسطي
قاصد ڏي ڪل بهرِ خدا، اينئو دوست سٺو دلدار ڪڏهن
(صاحبڏنو شاهه بلڙيءَ وارو)
– **بَهرِ رسول:** [محاورو] رسول جي واسطي
• **بَهَر:** [ح -جملو] هر ڪنهن سان
* [ف: بہ + هر]
– **بَهَر حال:** [ظرف] ڪنهن بہ طرح، جيئن ٿي سگهي
– **بَهَر صورت:** [ظرف] ڪيئن بہ ڪري، ڪنهن بہ نموني، ڪنهن بہ صورت ۾
– **بَهَر ڪيف:** [ظرف] هر حال ۾، هر صورت ۾
• **بَهَرامُ:** [ا -مذ] هڪ ستاري جو نالو جنهن کي 'مريخ' چوندا آهن (جيڪو قديم فلڪيات موجب پنجين آسمان تي واقع آهي)
* هر شمسي مهيني جي ويهين تاريخ
* [ف]

– **بي اجلُ:** [ظرف] اجل يا مدي کان سواءِ
※ [صفت] بيوقتو، ڪمهلو
– **بي احترام:** [صفت] بي لڄو نرڄو
※ بي ادب، بي شناس، نامراد
– **بي احترامِي:** [ا – مث] بي ادبي
– **بي احتياجُ:** [صفت] اڻ گهرجائو
※ آزاد
– **بي اختيار:** [صفت] اختيار کان سواءِ، لاچار، مجبور، بيوس، عاجز
※ [ظرف] غير ارادي طور، اوچتو، پاڻ ئي، مرضيءَ خلاف
– **بي اختيارانہ:** [ظرف] پاڻمرادو، ازخود
– **بي اختيارِي:** [ا – مث] بيوسي، عاجزي
– **بي ادبُ:** [صفت] ادب کان سواءِ، گستاخ، بدتميز، بد تهذيب، بي چيو، نا فرمان
※ اڏنگو، بي ترتيب
– **بي ادبانہ:** [ظرف] بي ادب نموني، لحاظ کان سواءِ، اڏنگائيءَ سان
– **بي ادب بي نصيب:** [قول] جيڪو شخص ادب ۽ احترام کان محروم هجي
– **بي ادبِي:** [ا – مث] اڏنگائي، گستاخي، بد فضيلتي
※ اهنبائي
※ شوخي
– **بي ارٿُ:** [صفت] بي مطلب، اجايو
※ [ف: بي + سن: ارٿ]
– **بي اصلُ:** [صفت] بي بنياد، ڪوڙو
– **بي اُصول:** [صفت] قاعدي ۽ اصول کان سواءِ
– **بي اُصولو:** [صفت] قاعدي ۽ سليقي کانسواءِ زندگي گذاريندڙ، ضابطي کانسواءِ هلندڙ
– **بي اُصولِي:** [ا – مث] بي قاعدگي
– **بي اِطلاعُ:** [صفت] بيخبر، بنا سڌ جي
– **بي اِعتِبار:** [صفت] نامعتبر، بي ڀروسو، جنهن پنهنجي ساک وڃائي هجي، بي ويساهو، بي ايمان
※ نامعتبر
– **بي اِعتِبارو ج بي اِعتِبارا:** [صفت] بي اعتبار، بي ڀروسي، جنهن تي ڀروسو نہ ڪري سگهجي، خيانتي، ڪپتيو
– **بي اِعتِبارِي:** [ا – مث] بي ويساهي، بي اعتمادي، بي ايماني، اُوشواس
– **بي اِعتِدالُ:** [صفت] نابرابر، ناموافق
※ وچٽريءَ حالت وارو نہ
– **بي اِعتِدالِي:** [ا – مث] نابرابري، ناموافقت
※ ناهم وزني
– **بي اِعتِقادُ ج بي اِعتِقادَ:** [صفت] ڪنهن ۾ بہ ويساهہ نہ رکندڙ، بي ويساهو، ڪنهن تي بہ ڀروسو نہ رکندڙ
– **بي اِعتِماد:** [صفت] بي ڀروسي، بي اِعتبار
– **بي اِعتِمادِي:** [ا – مث] ڀروسي نہ هجڻ جي حالت، بي اعتباري، بي ويساهي
– **بي اِعتِنا:** [صفت] بيپرواهہ، لاغرض، بي ڌيانو
– **بي اِعتِنائِي:** [ا – مث] بي ڌياني، بيپرواهي، لاغرضي
– **بي اِلتِفات:** [صفت] بيخيال
– **بي اِلتِفاتِي:** [ا – مث] بي ڌيانائي، بي خيالي، بيپرواهي
– **بي اِمتِياز:** [صفت] بي شعور، بد تميز، ناشائستہ، بي ساڃاهو، بي ساڃاهو بي تميز، پوريءَ طرح سان سوچ ويچار نہ ڪندڙ، اَسوچ، فرق يا تفاوت نہ ڄاڻندڙ
– **بي اِمتِيازِي:** [ا – مث] بي شعوري، ناشائستگي
– **بي انتُ:** [صفت] جنهن جي پڄاڻي نہ هجي، لااِنتها، لاحد، اٿاهہ، لامحدود
※ اونهو، عميق، اپار، اسيم، عميق
※ بيشمار
※ اڻ ميو، تمام گهڻو
– **بي اِنتظامُ:** [صفت] خراب انتظام وارو، نا اهل ناظم، پورو بندوبست نہ رکندڙ

– **بي انتها:** [ظرف] بيحد، گهڻو، بي انت، جهجهو

– **بي انجامُ:** [ظرف] جنهن جي پڇاڙي نہ هجي، بي انتها

– **بي انداز:** [صفت] اندازي کانسواءِ، بيشمار، اڻ ڳڻيو، تمام گهڻو، بي حساب

– **بي انداميِ:** [ا ـ مث] بي مروتي، بي ادبي، بد تهذيبي

– **بي انديشہ:** [صفت] بيخيال، بيپرواهہ

٭ غافل

٭ ناعاقبت انديش

– **بي انصاف:** [صفت] انصاف نہ ڪندڙ

٭ ستمگر، ظالم

– **بي انصافي:** [ا –مث] ظلم، ستم، انڌير، انياءِ، ناحق

– **بي اولاد/بي اولادي:** [صفت] اولاد کان سواءِ، جنهن کي اولاد نہ هجي، لاولد، پٽ يا ڌيءَ کان محروم

– **بي اونُ:** [صفت] جنهن کي اونو نہ هجي، بيفڪر، اچنت

– **بي اونائي:** [ا –مث] بيفڪري، اطمينان

٭ لاپرواهي

– **بي اونو ج بي اونا:** [صفت –مذ] بنا ڳڻتيءَ جي، بي فڪر

٭ [مث: بي اوني ج بي اونيون]

– **بي ايمانُ ج بي ايمانَ:** [صفت] ايمان کانسواءِ، بدديانت، ڪوڙو، مڪار، بي ڀروسو، بي اعتبار، ڪپٽيو

٭ بيوفا، دغاباز

– **بي ايمان ٿيڻ:** [اصطلاح] ايمان وڃائڻ، ويساهہ وڃائڻ

٭ دغابازي ڪرڻ

٭ بزدل ٿيڻ

– **بي ايماني ج بي ايمانيون:** [ا – مث] ڪپٽ، دغابازي، ٺڳي، خيانت

– **بي باعث:** [ظرف] بي سبب

– **بيباقُ ج بيباق:** [صفت] بقايا کان سواءِ، جنهن ذي ڪجهہ بہ رهت نہ هجي، قرض چڪائي ڏيندڙ، ڍل کان آزاد

٭ چڪتو لٿ پٽ، ختم

٭ فارغ، بري الذمہ

– **بيباق ٿيڻ:** [اصطلاح] قرض چڪتو ٿيڻ، بقايہ ختم ٿيڻ

– **بيباقي:** [ا –مث] قرض جي چڪتي، پاڇيءَ کان سواءِ

٭ ڍل کان آزاد (زمين)

– **بيباڪُ ج بيباڪَ:** [صفت] بي ڊپو، بيخوف، دلير، بهادر، جرئت وارو، نڊر

٭ بيپرواهہ، بيفڪر

'ڏيو جاڳائي جيڏيون ٻرهہ مون بيباڪ' (شاهہ)

٭ همت سان

– **بيباڪي:** [ا –مث] بي ڊپائي، بي خوفي

– **بي بال و پر:** [صفت] بي سرو سامان، بيڪس، بيوس، مجبور، عاجز، ڪنگل

– **بي بدل:** [صفت] لاثاني، بيمثال، بينظير، اَمٽ، اَجوڙ

– **بي برڪتي:** [ا -مث] برڪت کانسواءِ، ڪوٽ

– **بي برگ:** [صفت] بي سرو سامان، مفلس، سڃو

٭ بنا پنن جي

– **بي برگي:** [ا –مث] بي سروساماني، سڃائي، مفلسي

– **بي بس:** [صفت] عاجز، بيوس

– **بي بسي:** [ا –مث] عاجزي، ناتوانائي، بيوسي

– **بي بصر:** [صفت] اکين کان سواءِ، انڌو، بي ديد، نابين

٭ بيوقوف

– **بي بصيرت:** [صفت] انڌو

٭ اندر جو انڌو

– **بي بضاعت:** [صفت] مفلس، ڪنگل، سڃو

– **بي بقا:** [صفت] فاني، ناپائدار، ناسونت، ناشي، عارضي

'بي بقا دنيا جو اظهر هي بہ هڪ آهي مثال' (سيد اظهر گيلاني)

– **بي بقائي:** [ا ـ مث] ناپائداري، اڻ پختائي

– **بي پلو:** [صفت] بنا پلي جي

٭ لاعلاج

٭ بلاوجہ، بي سبب

٭ بي بندوبستو

- **بي ٺڪي ڳالهه:** [صفت] اجائي ڳالهه، سر تار کان ٻاهر ڳالهه، ناموزون ڳالهه، غير مهذب ڳالهه
- **بي تڪلف:** [ظرف] ڏيکاءَ کان سواءِ، بناوت کان سواءِ، للي چپي نه ڪندڙ، رک رکاءَ کانسواءِ
 * [صفت] بي حجاب
 * سڌو سنواٽو
- **بي تڪليف:** [ظرف] سواءِ تڪليف جي، آسانيءَ سان
- **بي ٺڪو ج بي ٺڪا:** [صفت - مذ] غير موزون
 * اڻ پورو
 * فضول
 * [مث: بي ٺڪي ج بي ٺڪيون]
- **بي تميز:** [صفت] سواءِ ڪنهن تميز جي، بي شناس، بي ساڱاهه، بي ساڃاهه، بي سوچ، بي عقل، ڪوبچاري
 * ناشناخت
 * بي سوچ
- **بي تميزي:** [ا - مث] ناشناسي
 * بي سوچائي
- **بي تند و تار:** [ا - مذ] بنا ڪنهن تند تار جي (ڪوبه سائنسي آلو جيئن: موبائيل فون، ليپ ٽاپ وغيره)، Wireless
- **بي تو:** [ظرف] توکان سواءِ، توريءَ
 'ڏيان خيز خزان ۾، بي تو منجهه بهار' (شاهه)
- **بي توجهه:** [ظرف] بيخيال
 * [صفت] لاپرواهه، بيپرواهه، جنهنجو خيال بي طرف هجي
- **بي توشه:** [صفت] بي سروسامان، سڃو
- **بي توفيق:** [صفت] بي طاقت، ناتوان، پست همت، بي حوصلو، بزدل
- **بي توقف:** [ظرف] وقفي کان سواءِ، مسلسل
 * بنا دير
- **بي ته:** [ظرف] تري کان سواءِ
 * اٿاهه

- **بي ٽانيڪو ج بي ٽانيڪا:** [صفت - مذ] جنهن جو ڪو ٺڪاڻو يا ٽڙٽاڪ نه هجي، ڦرندڙ گهرندڙ، ري ٺڪاڻي، دول، دربدر
 * بي گهرو، بي جايائتو
 * آواره، دربدر
 * [مث: بي ٽانيڪي ج بي ٽانيڪيون]
- **بي ٽيڪو ج بي ٽيڪا:** [صفت - مذ] بغير پٺ پراڻيءَ جي
 * بي پشت، بي آڌار
 * بي پهچ
 * [مث: بي ٽيڪي ج بي ٽيڪيون]
- **بي ٺِڪاڻي:** [ظرف] سواءِ گهر گهاٽ جي
- **بي ثباتُ:** [صفت] جنهن کي جتاءَ نه هجي، ناپائدار
 * فاني، بي بقا
- **بي ثباتي:** [ا - مث] ناپائداري، فنائيت
- **بي ثمرُ/ثمرو ج بي ثمر/ثمرا:** [صفت - مذ] جنهن کي سفر جو سامان ساڻ نه هجي، بِناتوشي
 * ڦل کان سواءِ وڻ
 * هٿين خالي، مسڪين
 * [ف: بي + ع: ثمر = ميوو، توشو]
- **بي ثمري:** [ا - مث] بي سر و ساماني‌ءَ واري حالت
 * تهي دستي، تنگدستي، غربت
- **بي پاڙو ج بي پاڙا:** [صفت - مذ] اپاڙو، بي بنياد
 * [مث: بي پاڙي ج بي پاڙيون]
- **بي پاڙي:** [ا - مث] ول جو هڪ قسم (جنهن کي پاڙ ڪانه ٿئي ۽ وڻ کي ويڙهي سڪائي ڇڏيندي آهي، دوائن ۾ به ڪم اچي)، وڻ ويڙهي، آڪاش بيل
- **بي پاٽيو ج بي پاٽيا:** [صفت - مذ] پاٽيءَ کان سواءِ، سڪل، خشڪ
 * جوهر کان سواءِ، بي چمڪ، بي رونق
 * بي همت
 * ڊڄڻو، بزدل
 * [مث: بي پاٽيي ج بي پاٽييون]

– **بي پيرو:** [ا–مذ] جنهن هنڌ ڪنهن به پير جو نشان نه هجي، اڻ لتاڙيل (زمين)، لتڙ کان آجو

– **بي پيڙهيو ج بي پيڙهيا:** [صفت-مذ] اصل نسل کان سواءِ

❊ بد بنياد، ڪمذات، گهٽ ذات، بي بنيادو

❊ [مث: بي پيڙهي ج بي پيڙهيون]

– **بيجا:** [ظرف] غيرواجبي، نامناسب، اجوڳ

❊ فضول، اجايو

❊ غلط

– **بي جانِ:** [صفت] بي ساهو، مئل، بي ستو

❊ مردهه دل، بي همت

– **بي جاءِ:** [ظرف] بي گهر

❊ بيجا، غيرواجبي، نا مناسب

❊ [ظرف] نا مناسب نموني

– **بي جائِتو ج بي جائِتا:** [صفت–مذ] جنهن کي ڪا جاءِ نه هجي، بي گهر

❊ جيڪو پنهنجي پوريءَ جاءِ تي نه هجي

❊ غير موزون، نامناسب

❊ [مث: بي جائِتي ج بي جائِتيون]

– **بي جائِڪو ج بي جائِڪا:** [صفت–مذ] جنهن کي ڪا جاءِ نه هجي، بي گهر

❊ جيڪو پنهنجي پوريءَ جاءِ تي نه هجي

❊ غير موزون، نامناسب

❊ [مث: بي جائِڪي ج بي جائِڪيون]

– **بي جر:** [صفت] بنا پاڻيءَ

❊ سڪل، خشڪ

– **بي جس / بي جسو:** [صفت–مذ] بي سوڀو، ڪجسو

❊ ناڪام

– **بي جِگَر:** [صفت] بيباڪ، جري، بهادر

– **بي جِگري:** [ا–مث] بي ڊپائي، سروبجي، بهادري

– **بي جِنس:** [صفت] جنس کان سواءِ

❊ ٻيءَ جنس جو ميل نه کائيندڙ

– **بي جوتِيو ج بي جوتِيا:** [صفت – مذ] بنا جوت وارو، بي رونق، ڏنڊلو، اڻ چٽو

❊ ڏنڌ وارو، اونداهو

❊ [مث: بي جوتي ج بي جوتيون]

❊ [ضد: جوتي]

– **بي جوڙُ:** [صفت] غير مناسب، اڻ ٺهندڙ، ناساز، ناموافق

❊ جوڙ کان سواءِ، اڪيلو، تنها

❊ جنهن جو ڪو ثاني نه هجي، لاثاني، بينظير، بيمثال

– **بي جوڙائِي:** [ا-مث] ناچاقائي، اڻهائي

❊ بيمزگي، اٽڪت، ڪلفت، نامناسبت

– **بي جوکو ج بي جوکا:** [صفت–مذ] خوف خطري کان سواءِ

❊ سلامتيءَ وارو، محفوظ

– **بي جوهر:** [صفت] جوهر يا پاڻيءَ کان سواءِ

❊ بي هنر

❊ جاهل، چٽ

– **بي جِيس / بي جِيسو:** [صفت] جنهن جو جوڙ جيس نه هجي، بينظير، لاثاني، لاجواب

– **بي جِيءَ:** [صفت] بيجان، بنا ساهه، مردو، مئل

❊ بنا کُپ جي

❊ بنا جذبي جي

– **بي جهات:** [صفت] بنا ڪنهن طرف جي، جهت

'عجيب جيهي جاءِ اوها، بي طرف ۽ بي جهات' (حمل)

– **بي چاق:** [صفت] ناچڱو، بيمزي، سڪالو

– **بي چالُ:** [صفت] بي اصول

❊ اڏنگو، بدفضيلت

– **بي چالِي:** [ا–مث] اڏنگائي، بد فضيلتي

– **بي چسو:** [صفت –مذ] بي لذت، بيسواد

❊ بي دليو

❊ [مث: بي چسي ج بي چسيون]

– **بي چشم:** [صفت] اکين کان سواءِ، انڌو

❊ بي ديد، بي مروت

– **بيچون:** [ا - خاص] خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو
'حمد يا حمد بن چوان، جو بيمثل بيچون آ' (رمضان ڪنڀر)
※ [صفت] بيمثل، بينظير، اَمت، لاثاني، لاجواب
※ [ف]
'برھ بيچون، ڪوناگون، ڪن فيڪون دا قلزم' (غمدل فقير)

– **بي چُون و چِرا:** [محاورو] ڪچڻ پچڻ کان سواءِ، بنا ڪنهن پس پيش جي، بنا عذر، حيلي حجت کانسواءِ

– **بي چين:** [صفت] بي آرام، بيقرار

– **بي چيو ج بي چيا:** [صفت – مذ] چيو نہ مڃيندڙ، نافرمان
※ [ظرف] بنا چوڻ جي
※ پاڻمرادو
※ [مث: بي چئي ج بي چيون]

– **بي حاصل:** [صفت] اجايو، بيسود

– **بيحال:** [صفت] پريشان، عاجز، لاچار
※ ساٺو
※ ڏتڙيل، بلڪل اگهو

– **بي حِجابُ:** [صفت] حجاب کان سواءِ، پردي کان سواءِ، بي پردي
※ بي تڪلف، حجائتو، مانوس
※ بيپرواهہ
※ سڌو سنئون

– **بي حِجابانہ:** [صفت] بي تڪلفيءَ سان، اعلانيہ

– **بي حِجابِي:** [ا – مث] بي تڪلفي، حجت
※ بي پردگي
※ بيپرواهي

– **بيحد:** [ظرف] جنهن جو ڇيهہ نہ هجي، بي انت، لاانتها، تمام گهڻو، بيحساب، بيشمار
※ [ف: بي + ع: حد]

– **بي حرمت:** [ا – مث] بيعزت، خوار

– **بي حرمتِي:** [ا – مث] بيعزتي، نرآدر

– **بي حِس:** [صفت] جنهن کي حِس نہ هجي، جيڪو محسوس نہ ڪري سگهي، جنهن تي ڪيفيتن ۽ حالتن جو اثر نہ ٿئي، مُردن جهڙو، بيجان
※ موڳو
※ بيهوش، مورڇا
※ بيغيرت، اٽاسو
※ بي رحم، ظالم، بي درد

– **بي حِساب:** [صفت] ليکي کان ٻاهر، ڪٿڻ کان گهڻو، بي انداز، بيشمار، اڻ ڳڻيو

– **بي حِس و حَرڪت:** [صفت] بي عمل، ناڪاره، بي جنبش، مانار يا جمود جي حالت ۾
※ حيران، ششدر

– **بي حِسِي:** [ا – مث] بي احساسي

– **بي حشمت:** [صفت] جنهن ۾ رعب تاب نہ هجي

– **بي حقِيقت:** [صفت] بي بنياد، ڪوڙو، بي اصل، بي وقعت، بي توقير، بي اثر
※ ڪجهہ بہ نہ، ناچيز، غير مخلص

– **بي حڪم / بي حڪمو:** [صفت – مذ] حڪم کان سواءِ، بنا اجازت
※ بيقاعدي

– **بي حميت:** [صفت] جنهن ۾ شرم ۽ غيرت نہ هجي، بيغيرت

– **بي حواس:** [صفت] حواس کان سواءِ، بدحواس، هوش کان سواءِ

– **بي حواسِي:** [ا – مث] بد حواسي، بي حضوري
※ بيهوشي، غفلت

– **بي حوصِلہ:** [صفت] بي همت، ڏڃڻو، پست حوصلا
※ بي لياقت

– **بي حيا / بي حياءَ:** [صفت] بيشرم، نِرلڄو، بي ديدو، اکين ٻوٽ، ڪمينو، بي شناس

– **بي حيائِي:** [ا – مث] بيشرمي، نرلجائي، ڪميڻپ
'بي حيائي، بادشاهي' (لوڪ چوڻي)

– **بيدخلُ:** [صفت] ڪڍي ڇڏيل. نيڪالي مليل. برطرف. خارج. جنهن کان زمين. جائداد يا انتظام وغيره جو قبضو ڇڏايو وڃي

☼ [ف: بي + ع: دخل]

– **بيدخل ڪرڻ:** [اصطلاح] قبضو ڇڏائڻ

☼ ڪڍي ڇڏڻ. خارج ڪرڻ

– **بيدخلي ج بيدخليون:** [ا–مث] نيڪالي

☼ برطرفي

– **بيدرد:** [صفت] جنهن کي ڏک سور نہ هجي. ڏکن کان آجو. بي غم. بيفڪر

☼ بي قياس. بي رحم. ڪٺور. پٿردل. سنگدل

☼ [ف]

'بيدرد ڏنا جي درد گهڻي، سي روح جي راحت بڻجي ويا' (مقصود گل)

– **بيدردائي/ بيدردي:** [ا – مث] بيرحمي. بي قياسي. سنگدلي. ڪٺورائي

– **بيدردو ج بيدردا:** [صفت-مذ] بيدرد. بيرحم. بي قياس.

– **بي درنگ:** [ظرف] بنادير. ترت. ٺهہ پهہ. جلد

– **بي دريغ:** [ظرف] سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ. بي تامل. بي تحاشا

☼ بنا دير

☼ بنا اِنڪار. بنا روڪ

☼ گهڻو. جهجهو. حساب کان سواءِ

– **بي دست و پا:** [محاورو] بيوس. عاجز. مجبور. بي اختيار

☼ بي طاقت. بي پهچ

☼ [لفظي معنیٰ - هٿن پيرن کان سواءِ]

– **بي دعوا/ بي دعوي:** [صفت] جنهن جي دعوا يا حجت هلي نہ سگهي. لا دعوا

☼ سچو. مسڪين

☼ ڪمبخت

☼ [ظرف] حصي يا پتيءَ کان محروم

– **بي دعوت:** [ظرف] دعوت کان سواءِ. ري دعوت

☼ [صفت] اڻ ڪوٺيو. اڻ سڏيو

☼ بيچ لڳو

– **بيدِل:** [صفت] دلگير. رنجيده. دل برداشتہ. افسرده. شڪستہ دل. غمگين. اداس

☼ عاشق

☼ بي جگر. بهادر. جري

☼ [ا – خاص] سنڌ جي هڪ مشهور شاعر 'قادر بخش روهڙيءَ واري' جو تخلص

– **بي دلي:** [ا–مث] دلگيري. غمگيني. دل شڪستگي

☼ ناراضگي

– **بي دليو:** [صفت–مذ] بي دل. دل سان يا چاهہ سان ڪم نہ ڪندڙ. بي چسو

☼ غمگين. دلگير. اُداس

– **بي دليو ٿيڻ:** [اصطلاح] دلگير ٿيڻ. دل شڪستو ٿيڻ

☼ دلچسپي نہ ٿيڻ

– **بي دم:** [صفت] بنا ساهہ. بيجان

☼ ٿڪل

☼ سست

– **بي دماغ:** [صفت] بي سمجهہ

☼ غائب دماغ. بي خيالو. بي صبر

☼ چڙتو. ورچئو. مغرو

– **بي دماغي:** [ا–مث] بي سمجهي. بي خيالي

☼ چيڙاڪ طبيعت

– **بيدي ج بيديون:** [ا–مث] بيداد. ظلم. ناحق

☼ ڦر. ڏاڙو

☼ ڏاڍ

☼ [ف: 'بيداد' مان بگڙيل لفظ]

– **بي ديانت:** [صفت] خيانتي

☼ ظالم

– **بي ڊيد/بي ڊيدو:** [صفت - مذ] اکين ٻوٽ. ناديدو. بي مروت. بي لحاظ. طوطا چشم. بيحيا. بيشرم. نرلجو

☼ بيوفا. سنگدل

☼ [مث: بي ڊيدي ج بي ڊيديون]

– **بي سُرتو/سُرِتيو ج بي سُرتا/سُرتِيا:** [صفت - مذ] بي سڌ، بيهوش، غش
* گيرو، موگو
* بي سمجهہ، بيعقل

– **بي سِرو:** [صفت] اتاولو، خودسر
* بي فڪر

– **بي سُرو ج بي سُرا:** [صفت ـ مذ] سُرتار کان سواءِ، سُرَ تار جو ڪچو، سُرَ کان ڦريل (راڳ)، موسيقيءَ جي قاعدن کان اڻڄاڻ، سر جي لاهن اڙهن کان ناواقف، جنهن جي آواز ۾ سر رچاءُ نہ هجي
* اڻنگو، بي مهل، بي موقعہ، بي تڪو، قاعدي خلاف (ڪلام يا ڳالهہ وغيره)
* [مث: بي سُري ج بي سُريون]

– **بي سُرائِي:** [ا-مث] سر کانسواءِ

– **بي سَروپا:** [صفت] بي سرو سامان، سڃو، ڪنگال، پريشان
* بي بنياد، بي اصل
* بي طاقت، عاجز، محتاج
* [ف: لفظي معنيٰ = 'مٿي ۽ پيرن کان سوا']
* جنهن جو نہ منهن هجي نہ مٿو
* جنهن جو نڪو انڊ نڪو ٻنڊ هجي
* بي ترتيبو، بي ڍؤلو

– **بي سروسامانُ:** [محاورو] سُڃو پينگيو
* ٺلهو، سڪڻو محتاج

– **بي سِري:** [ا ـ مث] سِرَ کانسواءِ، سر فروشي
'ڪر بي سِريءَ جو سير تون' (بيدل)

– **بي سُڪائِي:** [ا-مث] بي آرامي
* اگهائي، بيماري

– **بي سُڪو ج بي سُڪا:** [صفت -مذ] سُک کان سواءِ، اڻ سُکيو، بي آرام، بيقرار
* اگهو بيمار
* [مث: بي سُري ج بي سُريون]

– **بي سُگِتائِي:** [ا-مث] ڪمزوري، بي طاقتي

– **بي سُگِتو ج بي سُگِتا:** [صفت-مذ] ڪمزور، ڪم همت، هيڻو، نستو، ضعيف
* [مث: بي سگِتي ج بي سگِتيون]

– **بي سَگهائِي ج بي سَگهائيون:** [ا - مث] ڪمزوري، ڪم طاقتي
* بيماري

– **بي سَگهتو ج بي سَگهتا:** [صفت–مذ] بي طاقت، هيڻو، ڪمزور، نِبل، لاچهو ضعيف، نحيف

– **بي سَگهو ج بي سَگها:** [صفت - مذ] سگهہ کان سواءِ، اگهو هيڻو، ڪمزور، ضعيف، نحيف
* بيمار
* [مث: بي سگهائي ج بي سگهايون]

– **بي سلِيقو ج بي سلِيقا:** [صفت] بي لڇڻو اڻنگو، بدفضيلت
* بي ترتيب، اناڙي، ڪم هنر

– **بي سمجُهہ ج بي سمجَهہ:** [صفت] اڻوجهہ، اڻڄاڻ
* ٻار (جيڪو بي سرت آهي)

– **بي سَنتو ج بي سَنتا:** [صفت ـ مذ] جنهن جو ڪنهن تي چڱي اثر نہ پوڻ سبيان ڪوبہ ڪم نہ ٿئي، بي اثر
* بي بخت
* [مث: بي سنتي ج بي سنتيون]

– **بي سُنتو ج بي سُنتا:** [صفت - مذ] جنهن جي سُنت ٿيل نہ هجي، اڻ طهريل

– **بي سنڌو ج بي سنڌا:** [صفت – مذ] جنهن جو سنڌو سيڙهو نہ هجي، بي جوڙ
* لاحد، لاانتها
* [مث: بي سنڌي ج بي سنڌيون]

– **بي سنگ:** [ظرف] وزن کان سواءِ، بي وزنو
* بي اهميت، خسيس

– **بي سنگو ج بي سنگا:** [صفت - مذ] جنهن جو سنگتي ساٿي نہ هجي، بي يارو مددگار، اڪيلو گذاريندڙ، گوشہ نشين

* جيڪو زلفو ملفو نہ هجي، رکو روح

* ڪنهن جو لحاظ يا سانگو نہ ڪندڙ

* بيپرواهہ، لاغرض

– **بي سنوتِ/بي سنوتو:** [صفت] ڏنگو، جيڪو سنوت يا سڌائيءَ ۾ نہ هجي

* سنوت نہ ڏيندڙ، چيو نہ مڃيندڙ

– **بي سوادُ/بي سوادو:** [صفت] ڪنهن بہ سواد کان سواءِ، بي لذت، بي مزي، بي ذائقي، ڦڪو، آلوڻو

* بي علم، اڻ پڙهيل، جنهن کي ادبي ذوق نہ هجي

– **بي سوال:** [صفت] سوال نہ ڪندڙ، نہ گهرندڙ

* خوددار

– **بي سوڀُ/بي سوڀو:** [صفت-مذ] جنهن کي سوڀ حاصل نہ ٿئي ناڪام، ناڪامياب، نامراد

* چندو، نياڳو، ندورو

– **بي سوڀائي:** [ا- مث] ناڪاميابي، ناڪامي

* نياڳائي، چندائي، اياڳائي

– **بي سوچ:** [صفت] سوچ نہ ڪندڙ، ڳڻَ نہ ڪندڙ

– **بيسودُ/بيسودو:** [صفت_مذ] جنهن مان ڪو فائدو نہ ٿئي، بيفائدو، بي نتيجي، اجايو، فضول

– **بيسودائي:** [ا_مث] نقصان، بي نتيجائي، اجائپ

– **بي سهارو:** [صفت] سهاري کانسواءِ، نڌڻڪو، پريشان حال

– **بي سيرت:** [صفت] بي اخلاق، بد اخلاق، بدڪردار

– **بي سيل:** [صفت] بي لڄو، بي سيرت، بي عصمت

* بيحيا، بيشرم

– **بي سيڻو/بي سيڻيو:** [صفت] يار دوست کان سواءِ

* جنهن جي سڃاڻپ يا ڏيٺ ويٺ نہ هجي

– **بي شاهد:** [صفت] شاهد يا گواهہ کان سواءِ

– **بي شائبہ:** [ظرف] بلاشڪ، بي گمان

– **بي شبو ج بي شبا:** [صفت] بي سوڻو، بي سيهو، لاخبر

* بي فيض

* [ف: بي + سن شبھ (= سن. فال) > شبو]

– **بي شُبہ/بي شُبهو:** [ظرف] بنا شڪ شبهي، پڪ، يقيناً

* تحقيق، سچ پچ

* [ف: بي + ع: شبہ]

– **بي شرطو:** [صفت] ڪنهن بہ شرط کان سواءِ، غير مشروط

– **بي شرف:** [صفت] بي عزت، بيمانو

– **بي شرم/بي شرمو:** [صفت] بيحيا، نرلڄو، بي نڪو

* بي ادب، گستاخ

– **بي شرمائي/ بي شرمي:** [ا-مث] بيحيائي، نرلڄائي

* بي ادبي، گستاخي

– **بي شعورُ:** [صفت] بي سمجهہ، بيعقل، بي سرت

* جاهل

– **بي شعوري:** [ا_مث] جهالت، بي سمجهي، بيعقلي

– **بي شغلو:** [صفت] بنا ڪنهن شغل جي، بيڪار، نڪمو

– **بي شفقت:** [صفت] بي مهر، نامهربان

– **بيشڪ:** [ظرف] شڪ کان سواءِ، پڪ، يقيني ضور، ضرور

*تحقيق

*[ف: بي + ع: شڪ]

– **بي شُڪر/بي شُڪرو:** [صفت] نعمت جو انڪاري، سڀڪجهہ هوندي شڪايت ڪندڙ، نا شُڪرو

– **بي شُڪري:** [ا-مث] هوندي سوندي شڪايت واري حالت، ڪفران نعمت، نعمتن جو انڪار، ناشُڪري

– **بيشُمار:** [ظرف] ڳڻڻ کان ٻاهر، اڪيچار، بي انداز، بيحساب، اڻميو

– **بي شُناس:** [صفت] بد تميز، بي لحاظ، بي مُروت، بي مراد

– **بي شھ:** [صفت] بيڪار، نڪمو، اوباش

* [س/ڪوھ]

– **بي شيو:** [صفت] جيڪو احسان يا ٿورو نہ ڪري
* رکو، بي وڙو، بي ڳڻو
– **بي صبر/بي صبرو:** [صفت] جنهن کي ڌيرج نہ هجي، بي تحمل، اتاولو
* بيقرار، بيچين، بي آرام
– **بي صبرائي:** [ا – مث] صبر يا تحمل نہ ڪرڻ جي حالت
* بيقراري، بي آرامي
– **بي صِدق:** [صفت] سچ کان سواءِ، ڪوڙو
– **بي صرفہ:** [صفت] لاحاصل، فضول، بي نتيجي
* لا يعني، مهمل
– **بي صلاح / بي صلاحو:** [صفت] جيڪو صلاح نہ وٺي، خودسر، هٺيلو
– **بي صولتُ:** [صفت] بدصورت
* [ف: بي + صلت < (عامي اچار) صورت]
– **بي ضابطگي:** [ا – مث] قاعدي جي برخلاف هلت، بي قاعدگي، بدانتظامي
* چڙواڳي
– **بي ضابِطو/بي ضابِطہ:** [صفت] ضابطي يا نظرداريءَ کان ٻاهر، بي قاعدي، چڙواڳ
* رواج يا دستور جي خلاف
– **بي ضابطي:** [ظرف] ضابطي کان سواءِ، ڪنٽرول کان ٻاهر
* [صفت] چڙواڳ
– **بي ضرر:** [صفت] نقصان نہ رسائيندڙ، غير هاڃيڪار
– **بي ضرورُ:** [ظرف] ضرورت کان سواءِ، اجايو
– **بي ضرورت:** [ظرف] گهرج کان سواءِ، بي گهرج
– **بي طاقت:** [صفت] ڪمزور، ضعيف، نحيف
– **بي طالِع:** [صفت] بد ـخت، نياڳو، چنڊو، بد نصيب، بدقسمت
* ڪبوٽ
– **بي طالِعي** [ا – مث] بدبختي، نياڳ، چنڊائي
– **بي طراوت:** [صفت] اپوڳو، خشڪ
– **بي طراوتي:** [ا – مث] بي تازگي
* اپوڳائي، خشڪي
– **بي طرح:** [صفت] حد کان وڌيڪ، تمام گهڻو، ڪيترن طريقن سان
* بي ڍنگ، بي ترتيب، اصول يا مرضيءَ جي خلاف (ڪم وغيره)، بگڙيل
* مصرع طرح جي خلاف، طرحي مشاعريءَ ۾ بي طرح غزل پڙهڻ (شاعريءَ جو اصطلاح)
– **بي طرفدار:** [صفت] غيرجانبدار، بي رياءُ
– **بي طرفداري:** [ا – مث] غير جانبداري، بي ريائي
* عدل، انصاف
– **بي طلب:** [صفت] خواهش کان سواءِ، بنا گهر
– **بي طمع / بي طمعو:** [صفت] جنهن کي ڪابہ لالچ نہ هجي
* لاأُبالي
– **بي طور:** [صفت] بي ترتيب
* بي طرح
* اڏنگو
– **بي عادتو ج بي عادتا:** [صفت – مذ] بي لڇڻو، بدافعالو
* [مث: بي عادتي ج بي عادتيون]
– **بي عدد:** [ظرف] ڳاڻيٽي کان ٻاهر، بيشمار، اڻ ڳڻ، اڻ ڳڻيو، بيحد، بيحساب، اڻ ميو
– **بي عدل:** [صفت] بي انصاف
* ظالم
* [ف: بي + ع: عدل]
– **بي عُذر:** [صفت] خوشيءَ سان، بنا حيلي حجت
* صابر، بي زبان
– **بيعِزت:** [صفت] بي آبرو، بي مانو
* بدنام، خوار، رسوا
* ذليل، رذيل، بيغيرت

- **بيعزتي:** [ا - مث] بي آبروئي، بيمانائي، ذلت، رسوائي، خواري، بدنامي
  ٭ بيحرمتي، توهين
- **بي عقل:** [صفت] بي سمجهه، بيوقوف، نادان، اڻجاڻ، احمق، مورک
  ٭ چسو، گهيلو
  ٭ [ف: بي + ع: عقل]
- **بي عقلائپ/ بي عقلائي:** [ا - مث] بي سمجهي، ناداني، بيوقوفي، حماقت، موڪائي
- **بي عقلي:** [ا - مث] بي سمجهي، ناداني، بيوقوفي، حماقت، موڪائي
- **بي علاج:** [صفت] جنهن جو ڪو علاج ٿي نہ سگهي، لاعلاج، لادوا
  ٭ نہ چٽڻ جهڙو (مرض)
- **بي علم/ بي علمو:** [صفت] اڻ پڙهيل، جاهل، جٽ
  ٭ بيخبر، اڻجاڻ
- **بي علمي:** [ا - مث] جهالت، گنوارپ، اڻ ڄاڻائي، بيخبري
- **بي عيب/ بي عيبو:** [صفت] جنهن ۾ ڪابہ وڏ نہ هجي، بي نقص، بي داغ،
  ٭ لاريب، معصوم
  ٭ سالم
- **بي غايت:** [صفت] بي مقصد
  ٭ [ظرف] ازحد، بي پايان، بي نهايت
- **بي غبار:** [صفت] بي داغ
- **بي غرض:** [صفت] بي مطلب، بي طمع، بي لالچ
  ٭ لاپرواهہ
- **بي غرضانہ:** [ظرف] سواءِ ڪنهن مطلب جي، اخلاص ۽ سچائيءَ سان
- **بي غرضو ج بي غرضا:** [صفت ـ مذ] بي غرض
- **بي غرضي:** [ا - مث] لاطمعي، بي مطلبي
- **بي غم/ بي غمو:** [صفت] جنهن کي ڪو ڏک يا ڳڻتي نہ هجي، بيفڪر
- **بي غمي:** [ا - مث] اگهونڊرائي، بي فڪري
- **بي غور:** [ظرف] ويچار کان سواءِ، توجهہ کانسواءِ
- **بيغيرت:** [صفت] جنهن کي عزت جي بچاءَ لاءِ ڪوبہ جوش نہ اچي، بي لڄو لوٺيو، بيشرم، بيحيا
- **بيغيرتي:** [ا - مث] بيشرمي، بيحيائي، نرلڄائي
- **بي فائدو:** [صفت - مذ] بيسود، بيڪار، نڪمو
  ٭ خواهہ مخواهہ، اجايو
- **بي فائدي:** [صفت] اجايو
- **بي فرمان:** [صفت] نافرمان، بي چيو
- **بي فڪر:** [صفت] بنا ڳڻتيءَ، اڻچنت، بي غم
  ٭ بيپرواهہ، بالم، لا ابالي، آزاد
- **بي فڪرائي:** [ا - مث] ڳڻتي نہ هئڻ واري حالت، اڻچنتائي
  ٭ بيپرواهي، بيخيالي
- **بي فڪرو ج بي فڪرا:** [صفت - مذ] بي فڪر، اگهونڊرو
- **بي فڪري:** [ا - مث] ڳڻتي نہ هئڻ واري حالت، اڻچنتا
  ٭ بيپرواهي، بيخيالي
- **بي فلڪ:** [صفت] بي ڊپو، بيپرواهہ، Bold
- **بي فلڪو:** [صفت - مذ] بي غم، بي الڪو
  ٭ [س/ات]
- **بي فهم:** [صفت] بي سمجهہ، بيعقل، بي شعور
  ٭ بي فضيلت
- **بي فهمي:** [ا - مث] بي سمجهي، بيعقلي، اڻڄاڻائي
- **بي فيض/بي فيضو:** [صفت] جنهن مان ڪوبہ فائدو نہ پهچي
- **بي قرو ج بي قرا:** [صفت - مذ] جيڪو قرُ نہ جهلي، ميوي ڪان سواءِ، نِسڦل
  ٭ پرڻ يا قرن ڪان سواءِ (تير)
- **بي قابو:** [صفت] اڻ جهل، چڙواڪ، بي ضابطي، ڪنٽرول ڪان ٻاهر

- **بي قاعدگي:** [ا -مث] بي اصولي، ڪريت، قاعدي يا دستور جي خلاف هئڻ جي حالت
  * بي انتظامي، بي ضابطگي، بي ترتيبي
- **بي قاعدو:** [ظرف] خلاف قانون
  * اجايو
  * تمام گهڻو بي انداز
- **بي قاعدي:** [ظرف] قانون جي خلاف، خلاف دستور، اصول جي خلاف ('باقاعده' جو ضد)
  * بي ترتيبو، خراب نموني ۾، غلط طريقي سان
  * [ف: بي + ع: قاعده]
- **بي قانون:** [صفت] قانون جي خلاف، بيقاعدي، قانون جي پڃڪڙي ڪندڙ
- **بي قانوني:** [ا -مث] لا قانونيت
- **بي قدُر/بي قدرو:** [صفت] قدر قيمت نه ڪندڙ، جيڪو قدر نه سڃاڻي، ڳڻُ چور، ناشناس
  * پورو معاوضو نه ڏيندڙ
  * بي وفا
  * [ف: بي + ع: قدر]
- **بي قدر و قيمت:** [صفت - مذ] بي قيمت، قيمت ڪانسواءِ، بي مُلهه
  * بي مانائي (اصطلاحاً)
- **بي قدري:** [ا - مث] قدر نه سڃاڻڻ جي حالت، ناشناسي
  * بي انصافي
  * بيعزتي
- **بيقرار:** [صفت] بي آرام، بيچين، بيتاب، مضطرب
  * [ف: بي + ع: قرار]
- **بيقراري:** [ا_مث] بي آرامي، بيچيني، بيتابي، پريشاني، اڻ تڻ، لوري، لوچ پوچ، لڇ پڇ، آنڌ مانڌ، چور اڪورا
- **بي قرب/بي قربو:** [صفت - مذ] جنهن ۾ قرب نه هجي، مُنهن رکو
  * ناشناس، ناديدو
  * شوخ طبع
- **بي قرينو:** [صفت] بي ترتيبو، بي رٿو، بي سليقو
- **بي قصد:** [صفت] ارادي کان سواءِ
- **بي قصور:** [صفت] بي ڏوهه، بيگناهه
- **بي قوت:** [صفت - مذ] بي طاقت، ڪم همت، ڪمزور، نستو
- **بي قياس/ بي قياسو:** [صفت] بيرحم، ڪٺور
  * ظالم، سنگدل،
- **بي قياسائي:** [ا - مث] بيرحمي، سنگدلي
- **بي قياسي:** [ا - مث] بيرحمي، سنگدلي
- **بي قيد:** [صفت] اڻ ٻڌل، اڻ جڪڙيل، آجو، بند کان ٻاهر
  * جيڪو ڪنهن جو پابند نه هجي، شتر بي مهار، بي لغام
  * آزاد
- **بي قيمت:** [صفت] املهه، اَملُهه، جنهن جي قيمت ڪٿي نه سگهجي
  * بي ملهه
- **بي ڪاٿو:** [صفت - مذ] ڪٿ کان سواءِ
  * گماني، ظني، شڪي
- **بي ڪاج:** [صفت] اڪاج، بيڪار، نڪمو، بيڪمو
- **بيڪارِ:** [ا_مث] ڪم ڪار نه هئڻ جي حالت، نڪمائي، بيڪاري 'بيڪار کان بيگار ڀلي آهي' (چوڻي)
  * بيروزگاري
  * [ف]
- **بيڪارُ ج بيڪارَ:** [صفت] جنهن مان ڪوبه ڪم نڪري نه سگهي، بي ڪمو، ردي، نِڪمو، واندو، بيروزگار، سُست، ٽوٽي
  * خراب، اجايو، فضول
  * [ف]
- **بيڪاري:** [ا_مث] ڪم ڪار نه هئڻ جي حالت، نڪمائي، بيڪاري
  * واندڪائي، فرصت
  * بيروزگاري
  * [ف]
- **بيڪاريو:** [صفت_مذ] بيڪار، واندو، بي ڪميو
- **بي ڪام:** [صفت] نااميد، مايوس
  * بيفائدي، بيڪار

– **بي ڪاٽو/بي ڪاٽيو:** [صفت - مذ] جنهن کي ڪنهن جي ڪاڻ نہ هجي. بيپرواهہ. بي نياز. لاپرواهہ

٭ لاغرض. لاطمع

– **بي ڪِران:** [صفت] جنهن جو ڪنارو نہ هجي. لاحد. بيحد

٭ گهڻو

٭ [ف: بي = بنا + ڪِران = ڪنارو]

– **بي ڪڙمو ج بي ڪڙما:** [صفت - مذ] جنهن کي ڪڙم قبيلو نہ هجي. بي مائٽو. بي آڪاهيو

٭ جيڪو خانداني نہ هجي

٭ گهٽ ذات وارو. بد ذات

– **بيڪس:** [صفت] بيوس. بي يار و مددگار. اڪيلو. تنها

٭ مجبور. غريب

– **بيڪسي:** [ا - مث] مجبوري. بيوسي

– **بي ڪفش:** [صفت] جتيءَ کان سواءِ. اگهاڙن پيرن سان. اپراڻو

٭ [س/ٿ]

– **بي ڪفن:** [صفت] جنهن کي ڪفن بہ نصيب نہ ٿئي

– **بي ڪفنو ج بي ڪفنا:** [صفت - مذ] بي ڪفن

– **بي ڪفنو ٿي مرڻ:** [اصطلاح] نهايت مسڪيني يا بيوسيءَ جي حالت ۾ مرڻ

٭ گهرتڙ کان بري رلي مرڻ

– **بي ڪمو ج بي ڪما:** [صفت-مذ] بيڪار. نڪمو. نڪمٿو

٭ ڪنهن نہ ڪم جو. اجايو. وڌواند

– **بي ڪم و ڪاست:** [صفت] بنا ڪمي بيشيءَ جي. بنا گهٽ وڌائيءَ جي. ٺيڪ ٺيڪ. صحيح صحيح

– **بيڪنار:** [صفت] ڪناري کان سواءِ. گوناگون. اُڻهون

– **بي ڪيٽُ/بي ڪيٽو:** [صفت] بي قيد

٭ [ف: بي = نا + ع: قيد]

٭ جنهن لاءِ ڪو قاعدو. قانون يا رواج نہ هجي. بيقاعدي. ڪنيمو

٭ بي ڪاٽو

٭ بي ريتو. بي رسمو. ڪريتو

٭ ارادي جو ڪچو. ٻچتو. ڳڻتي خور. شڪي. ڦرندڙ گهرندڙ. اوقاتي. گهوجائي

٭ مبهم

٭ نامقرر

– **بي ڪيتائي:** [ا - مث] شڪي حالت. ٻچتائي. ڪچائي

– **بي ڪيتي:** [ا - مث] بي ڪيتائي

– **بي ڪيف:** [صفت] خمار کان سواءِ

'طالب ڪر ڪر ترڪ تعين. ڳل بي ڪيف دي ڦاهي' (بيدل)

–

'بي ڪيف ڪيف واريون دلدار جون اکيون' (دادن فقير)

– **بي ڪتڪي:** [ظرف] بنا اون جي. ڳڻتيءَ کان سواءِ. بنا ڏپ ڏاءِ

– **بي ڪنپ/ بي ڪنپو:** [صفت - مذ] جنهن کي ڪنپ نہ هجي. بي پر. ڪنبين ڪتل (پکي)

– **بي گتيو:** [صفت - مذ] جنهن کي ڪنهن جي گتي نہ هجي. بي غرض. بيپرواهہ

٭ جنهن جي ڪا چال چلت نہ هجي. اڏنگو

٭ بي دولو

٭ جنهن جي ڳالهہ تي ڀروسو نہ ڪري سگهجي. ڦرٽو گهرٽو

– **بي گُرو:** [صفت - مذ] بي تار. گر تار کانسواءِ. ڍولڪ يا طبلي جي لئہ کان هٽي ڳائيندڙ

– **بي گُرُو:** [صفت - مذ] جنهن جو ڪو پير مرشد نہ هجي. بي پير. نگرو. ڪنهن کي بہ نہ مڃيندڙ

٭ خود خيال. هنيلو

– **بي گَمر:** [صفت] جنهن جي گمر يا ڄاڻ نہ پوي. جنهن جي پروڙ نہ پوي

٭ غير محسوس. اڻ لکو

– **بي گُمانُ:** [ظرف] بنا شڪ شبهي، پڪ، يقيناً

– **بي گُماني:** [ا-مث] پڪ

– **بي گُناهہ/ گناهو:** [صفت] بيڏوهہ، بي قصور

٭ هروڀرو، خالي پيلي، حقون ناحق

– **بي گُناهي:** [ا-مث] بي قصوري، نردوشي، بي ڏوهائي

– **بي گُنو ج بي گُنا:** [صفت-مذ] بي ڳڻو، بي وڙو ڳڻچور، احسان فراموش

٭ بي هنر، بي ڪرو

– **بي گُني:** [صفت] بي گُنو (مرد)

٭ بي گُني (عورت)

– **بي گُڻي ج بي گُڻي:** [صفت-مذ] بي گُني، اوگڻي

– **بي گورو ڪفن:** [صفت] ڪفن دفن کان سواءِ، بيدرديءَ سان ماريل

٭ [ا_خاص] امام حسين عليه السلام جو لقب (جنهن کي ڪربلا ۾ بيدرديءَ سان شهيد ڪيو ويو ۽ ڪيترائي ڏينهن ڪيس دفن بہ نہ ڪيو ويو)

– **بي گُوندرُ:** [صفت] بي گُوندرو

– **بي گُوندرائِي:** [ا-مث] بي غمي، بي فڪري، بيپرواهي

– **بي گُوندرو ج بي گُوندرا:** [صفت-مذ] بي غمو، بيفڪرو، بي اُلڪي

– **بي ڳاڻُ:** [ا_مذ] اڻ ڳڻيا، بي شمار، لاتعداد

'درد خوشيون بي ڳاڻ بخاري،
رئڻ کلڻ جو هرڪو خانُ' (استاد بخاري)

– **بي ڳڻت:** [صفت] اڻ ڳڻيا، بيشمار، لاتعداد، اڻميا

– **بي ڳُڻو ج بي ڳُڻا:** [صفت-مذ] بي گُنو

– **بي گهر:** [صفت] جنهن کي گهر نہ هجي، بي گهرو

'راهہ خدا ۾ ٿي ويو بي گهر حسين آ' (قائل سرشاري)

– **بي گهرو ج بي گهرا:** [صفت] جنهن کي گهر گهاٽ نہ هجي

٭ رولاڪ، آواره

٭ بي بُڻو، بي بنيادو

– **بي لاگ:** [صفت] بي غرض، بي لوث، پر خلوص

٭ بي تڪلف، بي جهجهڪ

– **بي لاڳُ:** [صفت] جيڪو ڪنهن جي پاسخاطري نہ ڪري، بي طرفدار، غير جانبدار، بي رياءُ

٭ بنا انعام

٭ بنا اجوري

٭ جيڪو پورو نہ لڳي سگهي، جيڪو سوگهو نہ جهلي سگهي

– **بي لاڳي انبُوري:** [ا - مث] لوهہ ڪي سوگهو نہ جهلي سگهندڙ انبوري

– **بي لِباس:** [صفت] لباس کان سِواءِ، اگهاڙو، عريان

٭ بي رياءُ

– **بي لباسائي/بي لباسِي:** [ا_مث] اُگهاڙپ، عرياني

٭ بي ريائي

– **بي لڄ:** [صفت] جنهن کي ڪوبہ شرم نہ هجي، بي لڄو، بيحياءُ

– **بي لڄائي ج بي لڄائيون:** [ا-مث] نرلڄائي، بيشرمي، بيحيائي

٭ بي لحاظائي، بر مروتي

٭ بي ننگائي

– **بي لڄو ج بي لڄا:** [صفت-مذ] بي لڄ

– **بي لڇڻُ، بي لڇڻو:** [صفت - مذ] ڪلڇڻو، بد فضيلت، بدافعال، بدخصال

– **بي لِحاظ:** [صفت] بي مروت بي ادب، گستاخ

٭ منهن رکو

٭ بيحياءُ

– **بي لِحاظائِي:** [ا-مث] بي مروتي

– **بي لِحاظو ج بي لِحاظا:** [صفت-مذ] بي لحاظ، بي مروت

– **بي لِحاظِي:** [ا-مث] بي مروتي، بي ادبي

– **بي لذت:** [صفت] مزي ۽ سواد کان سواءِ، بي ذائقي

٭ اڻ وڻندڙ

– **بي لذتائي:** [ا-مث] بي سوادائي

٭ الوڻائي، بي لطفي

– **بي لذتو/بي لذتيو:** [صفت-مذ] بي لذت، ڦڪو، سواد کانسواءِ

– **بي لذتي:** [ا_مث] بي لذتائي، بي سوادي

٭ بي لطفي

— **بي لطف:** [صفت] بي مزي
* بي لذت، بي ذائقي

— **بي لغام:** [صفت] لغام کان سواءِ (گهوڙو)
* آزاد، چڙواڳ
* بنان قبضي، بنان ضابطي
* گستاخ
* شوخ، سرڪش
* وات ڦاٽوڙو، گهڻ ڳالهائو

— **بي لغامو ج بي لغاما:** [صفت - مذ] بي لغام
* آزاد، چڙواڳ

— **بي لگامُ ج بي لگامَ:** [صفت - مذ] بي لغام
* آزاد، چڙواڳ

— **بي للائي:** [ا - مث] بي هنري
* بي لڇڻائي
* بي همتي

— **بي للو:** [صفت ـ مذ] جنهن ۾ ڪو للُ يا لڇڻ نہ هجي، بي افعالو، بيڪار
* بي هنرو، بي همت

— **بي للهو ج بي للها:** [صفت - مذ] بي للو

— **بي لوث:** [صفت] بي غرض، مخلص، خالص
* غيرجانبدار، بي تعصب
* بي داغ، پاڪ صاف، شفاف

— **بي لِهو/بي لِيهو:** [صفت - مذ] بي لڄو، بيشرم

— **بي ماڙو:** [صفت - مذ] جنهن کي ڪا ماڙ يا مدد نہ هجي، بي سهارو، بيڪس، بيوس، نڌر، ويچارو

— **بي ماڳو:** [صفت - مذ] جنهن جو ڪو ماڳ مڪان نہ هجي، بي گهر، بي وطن
* پرديسي، جلاوطن
* رولاڪ، آواره

— **بي مان:** [صفت] بيعزت، بي آبرو، خوار خراب، رسوا

— **بي مانائي:** [ا - مث] بيعزتي، بي آبروئي، خواري، ذلت

— **بي مانِڪو ج بي مانِڪا:** [صفت - مذ] بي قيمتو، بي ملهو
"صبر سان موتي ٿئي سپ ۾ ڦڙو، مانڪن بي مانڪا پالهيءَ ٿي ڪرڙ" (ڳل)

— **بي مانو:** [صفت - مذ] ڪنگل، محتاج
* اڻڄاڻ، بي علم
* [ف: بي مايہ]

— **بي مِثالُ:** [صفت] لاثاني، بينظير

— **بي مِثلِ:** [صفت] بي مثال

— **بي مِثل بي چُون:** [ا - ذات] رب تعاليٰ جي حقيقي ذات
* [صفت] لاثاني، جنهن جو ڪو بدل نہ هجي، جنهن جو ڪو مثال نہ ملي

— **بي مجال:** [صفت] بي طاقت

— **بي محابُ:** [صفت - مذ] بي محابو

— **بي محابائي:** [ا - مث] بي مروتي، بي لحاظي، بي منهائي

— **بي محابو ج بي محابا:** [صفت - مذ] بي لحاظ، بيمروت، بي ديدو، منهن رکو
* [ف: بي + محابا]

— **بي محل:** [ظرف] بي موقعي، بيجاءِ، بي مهل

— **بي مدار:** [صفت] ٽيڪ کان سواءِ

— **بي مدد:** [صفت] بي همراهہ، اڪيلو

— **بي مراد/بي مرادو:** [صفت - مذ] جنهن کي ڪنهن ۾ مراد يا عقيدو نہ هجي، نا اميد، بي آسري، جنهن جي مراد يا آس پوري نہ ٿي هجي، نامراد، ناڪام
* جنهن وٽان ڪنهن جي اميد پوري نہ ٿئي، بي اميدو

— **بي مُروت:** [صفت] بي لحاظ، بي ديد
* نامهربان
* شوخ، سخت دل، بي قياس

— **بي مُروتائي:** [ا - مث] بيمروتي

— **بي مروتي:** [ا - مث] بي لحاظائي
* شوخي
* بي قياسي

— **بي مزائِي**: [ا - مث] بيماري، ناخوشي، اگهائي، ناچاقائي
☼ ڪلفت، ڦڪائي
☼ ڪيٽو، ڪروڌ
☼ فساد، جهيڙو

— **بي مزائِي**: [ا - مث] بيماري، ناخوشي، اگهائي، ناچاقائي
☼ ڪلفت، ڦڪائي
☼ ڪيٽو، ڪروڌ
☼ فساد، جهيڙو

— **بي مزگِي**: [ا - مث] بي مزائي

— **بي مزي**: [صفت] ڦِڪو، بيسواد
☼ بي ڪيف، بيزار، بد دل، خفي
☼ اگهو، بيمار، ناچاق، ناساز، عليل

— **بي مطلب**: [صفت] بي معنيٰ، بي مقصد
☼ فضول، اجايو
☼ بي غرض، لاطمع

— **بي مطلبو**: [صفت - مذ] بنا ڪنهن مطلب جي، بي غرضو

— **بي معلومُ**: [صفت - مذ] اڻ لکو، غير محسوس
☼ لڪل، مخفي
☼ نا معلوم، اڻ واقف

— **بي معنيٰ**: [صفت] بي مقصد
☼ اجايو، فضول

— **بي مغز/بي مغزو**: [صفت - مذ] بي دماغ، بيعقل، ڪُند ذهن، ڪم فهم، نادان، بيوقوف
☼ سطحي، مٿاڇرو، خالي، کوکلو

— **بي مقال**: [صفت] خاموش، چپ

— **بي مِقدار**: [صفت] بي وزن
☼ ننڍڙي جسم وارو
☼ خسيس

— **بي مقدور**: [صفت] اختياريءَ کان سواءِ
☼ محتاج، اڌين
☼ مسڪين

— **بي مُک**: [صفت] منهن موڙيندڙ، بي رخو
☼ مک يا سردار کان سواءِ
☼ بي ويساهه
☼ واعدي خلاف، بيوفا

— **بي مُک ٽِيڻ**: [اصطلاح] بي سردار (مکي، مکيه) ٽيڻ
☼ ڪنهن جماعت مان ڇڇي ڌار ٿيڻ
☼ نيات مان نڪرڻ

— **بي مُلاڪو ج بي ملاڪا**: [صفت - مذ] منحوس، نڀاڳو، چندبو

— **بي مناسب**: [صفت] نامناسب، اجوڳ، غيرواجبي، اڻ سهائيندڙ

— **بي مناسبت**: [ا - مث] اڻ سهندائي، اجوڳائي

— **بي مناسبو**: [صفت - مذ] بي مناسب

— **بي مناسبِي**: [ا - مث] بي مناسبت

— **بي مِنت**: [صفت] ڪنهن جو ٿورو نه کڻندڙ، خوددار

— **بي منڍو**: [صفت - مذ] منڍ يا سِريءَ کان سواءِ (ذبح ٿيل جانور وغيره)
☼ بي بنياد، بي اصل

— **بي منهائِي**: [ا - مث] بي مروتي، بي لحاظي
☼ غير واقفيت

— **بي موت**: [صفت] موت کانسواءِ، بي مقصد، اجايو، فضول (اصطلاحي معنيٰ)
'بي موت مٿا، تولاءِ ڪٽا، انسان هزارين مان نه رکو' (شيخ اياز)

— **بي موت مرڻ**: [اصطلاح] اَجايو مرڻ، بنا مقصد مرڻ

— **بي موسم**: [صفت] موسم کان سواءِ، اڻ منداٺو (سبزي يا ميوو وغيره)
☼ موسم کان اڳ يا پوءِ
☼ بي وقت

— **بي موسمو**: [صفت - مذ] بي موسم
☼ بيوقتو، ڪمهلو

— **بيتوائي:** [ا_مث] مفلسي، سڃائي
— **بي نور:** [صفت] معذور، نابينا
* تاريڪ
— **بي نهايت:** [صفت] بيحد، بي غايت
— **بي نياز:** [صفت] غير محتاج
* بي احتياج، بيپرواهه، لاپرواهه
— **بي نيمو:** [صفت - مذ] بي اصول، نيم ڪانسواءِ
* بيوقتو، ڪمهلو
— **بي واٽو ج بي واٽا:** [صفت - مذ] رستي منجهيل، رستي کان ٿڙيل
* گمراهه
— **بي واراٽيتو:** [ظرف] زور سان، زوراٽتو، ڏاڍو (ڏڪ)
* [س/ل]
— **بي وارث:** [صفت] جنهن جو ڪو وصي وارث نه هجي، لاوارث، نڌڻڪو
— **بي وارثو:** [صفت - مذ] بي وارث
— **بي واسطو:** [صفت - مذ] بي وسيلي، بي ذريعي
* خواهه مخواهه، اجايو
* غير جانبدار
— **بي واسطي:** [صفت] بي واسطو
— **بي واڪ:** [صفت - مذ] ڪمزور، نبل، ضعيف
* پوڙهو، ڪراڙو
* پوڙو، گهرو
* [س/ڪوهه]
— **بي والي:** [صفت] بنا حاڪم جي، مربّيءَ ڪان سواءِ
— **بي واهه:** [صفت] جنهن جو ڪو واهه وسليو نه هجي، لاچار، بيوس، اڏين، بي واٽو، ڏتڙيل
* [صفت - مث] بيوهه (بيواهه)، رن زال، رنڙ
— **بي واهر:** [صفت] جنهن جو ڪو وسيلو يا مددگار نه هجي، بيڪس، بيوس، لاچار

— **بي واهو:** [صفت_ مذ] بي واهه، لاچار
* [ مث: بي واهي ج بي واهيون]
— **بي وجود:** [صفت] وجود نه رکندڙ، عدم پيدا
— **بي وجه:** [ظرف] ڪنهن به سبب کان سواءِ، بنا سبب جي
* خواهه مخواهه، خالي پيلي، هروڀرو، اجايو
— **بي وحدت:** [صفت] توحيد جو منڪر، توحيد کان خالي
* بي حيا، بي ادب، گستاخ، بي مروت
— **بي وڙائتو:** [صفت - مذ] بي وڙو، بي ننگو
* ڪميڻو، احسان فراموش
— **بي وڙائي:** [ا - مث] بي ننگائي، بي محابائي
* اڏنگائي، ڪميڻپ
— **بي وڙو:** [صفت - مذ] جيڪو ڪنهن سان وڙ يا لائق نه ڪري، بي محابو، بي لحاظ، بي مروت، احسان فراموش، گڻ چور
* بي ننگو، ڪميڻو
* بي قربو
* نالائق
— **بي وس/بيوس:** [صفت] جنهن جو وس يا اختيار نه هلي، لاچار، مجبور
* معذور
* [ا _ خاص] سنڌي ٻوليءَ جي ٻن ناليوارن شاعرن ڪشنچند 'بيوس' ۽ تاجل 'بيوس' جو تخلص
— **بي وسي:** [ا - مث] لاچاريءَ جي حالت، لاچاري، مجبوري
— **بي وضع:** [صفت] اڏنگو، بي ادب
— **بي وطن:** [صفت] جنهن جو ڪو وطن نه هجي، مسافر، لاوطن
* رولاڪ، آواره
* پرديسي
* جلاوطن، ملڪ نيڪالي مليل
— **بي وطني:** [ا - مث] جلاوطني
* شهر نيڪالي، ڏولاٽو

— **بيوفا:** [صفت] انجام نہ پاڙيندڙ. غير وفادار. دوستي نہ نڀائيندڙ. نباهہ نہ ڪندڙ
☼ نامهربان
☼ مشڪل وقت ۾ ساٿ نہ ڏيندڙ دوست
'بيوفا سان وفا ڪري ڏسبي' (مخدوم امين فهيم)
— **بيوفائِي:** [ا - مث] انجام جي اڻپورائي. واعدي فراموشي
☼ سنگت ۾ ڪوڙائي
— **بي وقار:** [صفت] بيعزت. بي آبرو
— **بي وقاري:** [ا - مث] بيعزتي. بي ماناڻي
— **بي وقت:** [ظرف] ڪمهلو. اويلو. بي موقعي. اوچتو. اچانڪ
— **بي وقتو ج بي وقتا:** [صفت - مذ] ڪمهلو. پوري وقت کان گهٽ اڳ يا پوءِ آيل
— **بي وقتو راڳ:** [ا - مذ] بي وقتو ڪم يا ڳالهہ
— **بي وقتِي پيروي:** [ا - مث] بي وقت راڳ (بي وقتي ڳالهہ)
— **بي وقتي راڳڻي:** [ا - مث] اجائي ڳالهہ. بي واتي ڳالهہ
— **بي وقعت:** [صفت] بي وزن
☼ بيعزت. ذليل. بي تعظيم
— **بيوقوفُ ج بيوقوف:** [صفت] بيعقل. نادان. احمق
☼ ابوجهہ. اجاڻ. بي سمجهہ
☼ [ف: بي + ع: وقوف]
— **بيوقوفاڻو:** [صفت] ناداني‌ءَ جو. احمقاڻو
— **بيوقوفائِي:** [ا - مث] بيوقوفي
— **بيوقوفِي:** [ا - مث] ڪم عقلي. چريائي. ناداني. حماقت
☼ نا اهلي
— **بي ويرم/بي ويرمو:** [صفت - مذ] بي وقتائتو ڪم ڪندڙ. جلدباز
— **بي ويساهہ:** [صفت] جنهن تي اعتبار يا ڀروسو نہ ڪجي. بي اعتبار. بي ڀروسي
☼ نامعتبر
☼ ڪنهن تي بہ ويساهہ يا اعتبار نہ ڪندڙ. شڪي
— **بي ويساهو:** [صفت - مذ] بي ويساهہ

— **بي ويساهِي:** [ا - مث] ويساهہ نہ هئڻ واري حالت. بي اعتباري. بي پتيائي. بي ڀروسائي
— **بي ويسهہ/بي ويسهو:** [صفت ـ مذ] بي ويساهہ
— **بي وِيڪو:** [صفت - مذ] جنهن ۾ ڪا ويڪ يا وِڍ نہ هجي. بي عيب
☼ بي داغ
— **بي هٿيار/بي هٿيارو:** [صفت] جنهن کي ڪو هٿيار پنوهار نہ هجي. غير مسلح. هٿين خالي
☼ بي ڀهج
— **بي هِراس:** [صفت] بيخوف. بيباڪ. بيڊپو. نڊر
— **بي هِمت:** [صفت] ڪانئر. گيدي. بزدل
☼ ڪاهل. سست
— **بي همتا:** [صفت] بيمثال. لاثاني
— **بي همراهہ:** [صفت] جنهن جو ڪو سنگتي ساٿي نہ هجي. جنهن جو ڪو ٻانهن ٻيلي نہ هجي. بي مددگار. اڪيلو
☼ بيوس. لاچار
— **بي هَمراهو:** [صفت - مذ] بي همراهہ. اڪيلو
— **بي هنر:** [صفت - مذ] جيڪو ڪوبہ هنر يا ڪاريگري نہ ڄاڻي. جيڪو ڪنهن بہ فن ۾ ماهر نہ هجي
☼ بي گُڻو
'هنر واري جو هٿ بي هنر جي جند' (چوڻي)
— **بي هُنري:** [ا - مث] ڄٽپائي. جهالت. اڻ سگهڙائپ
— **بي هنگام/بي هنگم:** [صفت] بي وقت. بي موقعي
☼ بي ڍولي. بي ڍنگ
☼ [ف]
— **بيهوش:** [صفت] غش. هوش حواس کان ٻاهر
☼ غافل. بدحواس
☼ بي سمجهہ. بيخبر
— **بيهوشِي:** [ا - مث] غشي. بي سُرتائي. غنودگي
☼ بدحواسي
☼ بيخبري. غفلت
— **بي يار:** [صفت] بي مددگار. بي همراهہ. اڪيلو

– **بي يارومددگار:** [صفت] بي مددگار، بي همراهه، اڪيلو

• **ٻي:** [ا - مث] انگريزي الفابيٽ جو ٻيو اکر: B

☼ [انگ: B]

– **ٻي. اي:** [ا ـ خاص] ٻارهين ڪلاس کانپوءِ يونيورسٽيءَ جو ٻن سالن جو ڪورس. ('بيچلر آف آرٽس' (Bachelor of Art's) جو مخفف)

☼ [انگ: B.A]

– **ٻي. اِي:** [ا ـ خاص] انجنيئرنگ جو علم. انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي هڪ تصديق شده ڊگري. ('بيچلر آف انجنيئرنگ' (Bachelor of Engneering) جو مخفف)

☼ [انگ: B.E]

– **ٻي. ايڊ:** [ا ـ خاص] تعليمي ۽ تدريسي سکيا جي هڪ ڊگري ('بيچلر آف ايجوڪيشن' (Bachelor of education) جو مخفف)

☼ [انگ: B. Ed]

– **ٻي. ايس. سِي:** [ا ـ خاص] ٻارهين ڪلاس کانپوءِ يونيورسٽيءَ جو ٻن سالن جو ڪورس. جيڪو سائنسي مضمونن جو ٿيندو آهي ('بيچلر آف سائنس' (Bachelor of Science) جو مخفف)

☼ [انگ: B.sec]

– **ٻي. ٻي. سِي:** [ا – خاص] برطانيه جو اهم خابرو ادارو 'برٽش براڊ ڪاسٽنگ' (مخفف)

☼ [انگ: Birtish Broadcasting]

– **ٻي. ٻي. سِي ٻڌائڻ:** [اصطلاح] هتان هتان جون خبرون ٻڌائڻ

☼ ڪنهن جو راز سرِعام فاش ڪرڻ

☼ افواهه ڦهلائڻ. خبر عام ڪرڻ

– **ٻي. ٻي:** [ا – مذ] بلڊ پريشر. رت جو دٻاءُ ('بلڊ پريشر' (Blood pressure) جو مخفف)

☼ فحش. عريان فلم يا تصوير ('بلوپرنٽ' (Blue print) جو مخفف)

☼ [انگ: B.P]

– **ٻي. ٻي ڏسڻ:** [اصطلاح] بلڊ پريشر تپاسڻ

☼ فاحشي فلمون يا تصويرون ڏسڻ

– **ٻي. ٻي لو ٿيڻ:** [اصطلاح] بلڊ پريشر گهٽجي وڃڻ. مناسب سطح کان رت جي دٻاءُ جو گهٽجڻ

☼ [انگ: B.P low]

– **ٻي. ٻي هاءِ ٿيڻ:** [اصطلاح] بلڊ پريشر وڌي وڃڻ. رت جي دٻاءُ جو وڌي وڃڻ

☼ [انگ: B.P high]

– **ٻي. ڊِي:** [ا – مث] بنيادي جمهوريت. انگريزي جي لفظ 'Basic Democracy' جو مخفف (پاڪستان جي اڳوڻي صدر فيلڊ مارشل ايوب خان جي وقت ۾ 'B.D' 'بنيادي جمهوريت' جو نظام رائج هو)

– **ٻي. فارميسِي:** [ا ـ خاص] دوا سازيءَ جو علم. دواسازيءَ جي شعبي سان لاڳو يونيورسٽيءَ جي هڪ ڊگري ('بيچلر آف فارميسي' (Bacheor of Pharmacy) جو مخفف)

☼ [انگ: B. Pharmacy]

– **ٻي. ڪام:** [ا ـ خاص] ٻارهين ڪلاس کانپوءِ يونيورسٽيءَ جو ڪامرس (Commerce : اقتصاديات) جو ٻن سالن جو ڪورس ('بيچلر آف ڪامرس' (Bachelor of Commerce) جو مخفف)

☼ [انگ: B.com]

• **بَيابانُ:** [ا - مذ] بر، صحرا، رڻپٽ، برپٽ، ريگستان

☼ اهڙو علائقو، جتي پاڻي ۽ گاهه نه جي. ويرانو

☼ [ف: بيابان < بي آبان = (بي = سواءِ + آب = پاڻي) بنان پاڻيءَ جي]

– **بَيابانِي:** [ا - مث] ويراني، سڃ

☼ [صفت] صحرائي، بَري

• **بَيادُ ج بَيادَ:** [صفت] گهڻو، بيحد

☼ [س/ات]

• **ٻِياڙو:** [ا – مذ] رات جي ماني

• **بِياسِ:** [ا - خاص] اوير پنجاب جي هڪ نديءَ جو نالو. پنجاب جي پنجن ندين [ستلج، جهلم، بياس، راوي ۽ چناب] مان هڪ نديءَ جو نالو (جيڪا سنڌو درياهه جي ٻرتي ڪندڙ ندين (Tributaries) مان هڪ آهي)

☼ ويدن ۽ پُرائڻ (Purans) جو ليکڪ 'ويد وياس'. ويدانت فلسفي جو باني

- **بيدڪ:** [ا-مذ] ويد ڄاڻندڙ اهو شخص، جيڪو ويد پڙهي، برهمڻ جيڪو ويد جو ماهر ۽ عالم هجي
※ [سن: ويديڪ]
- **بيدِي:** [صفت] ويدن جو ڄاڻو، ويد پڙهيل برهمڻ، ودياوان
※ [ا-خاص] سکن جو هڪ فرقو (گروپوتا)
• **بيدار:** [صفت] سجاڳ، سچيت، جاڳيل
※ خبردار، هوشيار
※ [ف]
- **بيدار بخت:** [صفت] ڀلي ڀاڳ وارو، خوش نصيب، سڀاڳو، اقبال مند
- **بيدار بختي:** [ا-مث] خوش بختي، اقبال مندي، سڀاڳائي
- **بيدار دل:** [صفت] زنده دل، روشن ضمير
※ هوشيار، عاقل
- **بيدار دلي:** [ا-مث] هوشياري، روشن ضميري
- **بيدار ڪرڻ:** [اصطلاح] سجاڳ ڪرڻ، جاڳائڻ
- **بيدار مغز:** [صفت] ڪليل دماغ وارو، هوشيار، سمجهو، عاقل، فهيم، عالي دماغ
- **بيدار مغزي:** [ا-مث] هوشياري، سمجهه، فهم
- **بيداري:** [ا-مث] سجاڳي، جاڳرتا، سُچيتائي
※ خبرداري، هوشياري
※ سمجهه، عقل
※ سنڌيءَ جا مشهور رسالا: (i) 'بيداري' (ميرپور خاص مان ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ جي ايڊيٽريءَ ۾ شايع ٿيندڙ رسالو جيڪو اڳتي هلي ضبط ٿيو)، (ii) 'بيداري' (لطيف آباد، حيدرآباد مان نڪرندڙ ماهوار رسالو جنهن جو ايڊيٽر مولانا محمد موسيٰ ڀٽو آهي)
- **بيدانتُ:** [ا - مذ] ويدانت، مڪمل ويد، هند جي فلسفه تصوف جي علم جي هڪ شاخ
※ [سن: ويدانت = ڄاڻ يا گيان، جنهن کان پوءِ ٻيو ڪوبه وڌيڪ گيان ڪونهي]
- **بيدانتِي:** [صفت] ويدانتي، ويدانت کي مڃيندڙ، ويدانت جو پوئلڳ، ويدانتي مت وارو

• **بيدرج بيدرون:** [ا-مث] مزوري، خدمت
※ [س/ل]
• **بيدو ج بيدا:** [ا-مذ] ٻڪي (خاص ڪري ڪڪڙ) جو آنو، بيضو
※ [ع: بَيضہ]
• **بيدي ج بيديون:** [ا-مث] بيابان، رڻ پٽ
※ سج
※ [ع: 'بيداءُ' مان بگڙيل لفظ]
**'بيدي ٿيو پنهين حشر ڪري هليا' (شاهه)**
※ هندو عبادت خانو، مندر، ٽڪاڻو
※ حرفت، اٽڪل
※ [ف: 'بازي' مان بگڙيل لفظ]
※ حرڪت
※ چيڙ
※ روڪ، اٽڪ
- **بيديون ڪيڏڻ:** [اصطلاح] حرفتون ڪرڻ، اٽڪلون هلائڻ، چالبازيون ڪرڻ
• **بيڌُ ج بيڌَ:** [ا-مذ] ڳجهه، راز
※ [س/ات—سن: ڀيد = راز]
• **بيڌڻُ:** [مص—فعل متعدي] ونڌڻ، سوراخ ڪرڻ، تنگ ڪڍڻ، سلڻ
※ وڍڻ، ڪوٽڻ
※ [سن: ويڌن]
※ [مص] بيڌڻ
- **بيڌي:** [صفت] ونڌيندڙ
• **بيڊُ ج بيڊَ:** [ا-مذ] کٽ، پلنگ، وڇائو، بسترو
※ [انگ: Bed]
- **بيڊ روم:** [ا-مذ] سمهڻ جو ڪمرو، خواب گاهه
※ [انگ: Bed room]
- **بيڊ ريسٽ:** [ا-مث] بستري تي آرام (ڊاڪٽر پاران بيمار لاءِ تجويز ڪيل)، بستري پيڙو ٿيڻ (بيمار جو)، مڪمل آرام
※ [انگ: Bed rest]
• **بيڊڪ ج بيڊڪون:** [ا-مث] ننڍڙي هڙ، پنارڪ، ٻڌ، ٻڌڙي
※ [سن: ڀانڊڪ = ننڍڙو ٿانءُ، ڀيالو صندوقڙي]

• **بيگِمانچي**: [اـخاص] خيرپور ۽ روهڙيءَ جي وچ تي هڪ ڳوٺ. ريلوي اسٽيشن ۽ ديهه جو نالو

• **بيگَنُ ج بيگَنَ**: [اـمذ] ڪجيءَ جو هڪ قسم (ڏرڪو ڳاڙهو ڇڙين مضبوط، سوٽا ڊگها، ڪاہر مضبوط ۽ ڳوشا ڇدا ٿين)
  ⁂ [س/ات]

• **بيگو ج بيگا**: [ا ـ مذ] بيگهو، زمين جو هڪ ٽڪرو، جنهن جي ماپ ٽي هزار پنجويهه چورس وال ٿيندي آهي (ڪن هنڌن تي لن ماپ جي ٽئين حصي ۽ ڪن هنڌن تي لن جي چوٿين حصي کي به بيگو چوندا آهن. پهريون پڪو ۽ بيو ڪچو بيگو سڏبو آهي)
  ⁂ [حوالو: اردو لغت تاريخي اصول پر: ص 1560]
  ⁂ [سن: وِگره. هند: بيگها؛ هندي لفظ 'بيگهو' جي بگڙيل صورت]

– **بيگوٽي /بيگهوٽي**: [ا ـ مث] زمين جي ماپ (جيڪا بيگن پٽاندر ماپيل هجي ۽ جنهن جي ڍل به بيگن موجب مقرر ڪيل هجي)

– **بيگوٽي /بيگهوٽي ماپ**: [ا ـ مث] زنجيرن سان ڪيل ماپ. وڏي ايراضي يا وڏن سروي نمبرن مان جيترو ٽڪر آباد ڪيل هجي، فقط ان آباديءَ جي ماپ (ڍل مقرر ڪرڻ خاطر)
  ⁂ [هند: بيگهوٽي]

• **بيل**: [اـمث] وَلِ (جيئن: امربيل/آڪاش بيل (ٻي ٻاڙي وَلِ)، گدري، چانهين/هندالي، تره وغيره جي ول، موتئي جي گلن جي ول 'بيلا')
  ⁂ ڪپڙي وغيره تي گلڪاري (ڀريل، ڇاپيل)
  ⁂ هڪ قسم جو ميوو، بيل ڦل
  ⁂ [سن: ولِي، ملي، وِلو]

– **بيلائتُون/بيلائُون**: [صفت] اها شيءِ جنهن تي گلڪاري نڪتل هجي

• **بيلَ**: [اـمث] ڪوهه مان مٽيءَ ڪڍڻ لاءِ وڏي ڪوڏر، ڪوڏر
  ⁂ [ف]

– **بيلدارُ ج بيلدارَ**: [اـمذ] واهن ۽ رستن جي ٿوري گهڻي مرمت ۽ سنڀال ڪندڙ ملازم
  ⁂ ڪوڏر بردار

• **بيلُ**: [اـمذ] گهنڊ
  ⁂ [انگ: Bell]

• **بيل**: [ا ـ مث] ضمانت، ضامن
  ⁂ [انگ: Bail]

– **بيل ابل**: [صفت] ضمانت جوڳو
  ⁂ [انگ: Bailable]

– **بيل بفور اريسٽ**: [ا ـ مث] گرفتاري /حراست کان اڳ ضمانت
  ⁂ [انگ: Bail before arrest]

• **بيلُ**: [اـمذ] ڍڳو، ڏاند
  ⁂ [سن: بَليورد، پرا: بئلا]
  ⁂ [صفت] (مجازاً) طاقتور
  ⁂ (طنزاً) بيوقوف
  ⁂ (طنزاً) گهڻ کائڪ، گهڻ کائو، گهڻ ڦونو

– **بيل گاڏي**: [اـمث] ڍڳي گاڏي، ڏاند گاڏي

• **ٻيلَ**: [اـمث] پٽ ۾ نهيل جارو (جنهن ۾ سونهن لاءِ ٽانو رکجن)
  ⁂ [س/ٽ]

• **بيلا**: [ا - مذ] موتيو، هڪ قسم جو اڇو خوشبودار گل، جيڪو چنبيليءَ جي گل کان وڏو ۽ موتئي جهڙو ٿيندو آهي
  ⁂ ڪٽورو، پيالو
  ⁂ هڪ قسم جو باجو، جيڪو سارنگيءَ جهڙو ٿيندو آهي، وائلن
  ⁂ [هند: بيلا]

• **بيلاڪُ/بلاڪُ**: [ا ـ مذ] زمين جي ايراضيءَ جو هڪ حصو (16 ايڪڙ)، بلاڪ
  ⁂ بيلي جو اهو پاڳو، جنهن ۾ مال چارڻ جي منع هجي
  ⁂ [س/ات - انگ: Block]

– **بيلاڪ پيلائڻ**: [اصطلاح] رک وارو بيلو زيان ڪرائڻ، سخت نقصان ڪرائڻ

• **بيل باٽم**: [ا - مذ] ويڪرن پانچن وارو پاجامو
  ⁂ [انگ: Bell-bottom]

• **بيلٽ**: [ا –مذ] مخصوص علائقو، ليڪو (جيئن: سرائيڪي بيلٽ)
  ⁂ [انگ: Belt]

# ٻ

●ٻ: [ا _ مث] [سنڌي] سنڌي الف _ بي' جو ٽيون اکر. ابجد موجب عدد 'ب' جي برابر. عددي قيمت 2، تلفظ 'ٻي'

※ ڳالهه ٻولهه ۾ ڪنهن ٻه لفظ سان گڏ 'ٻ' سان شروع ٿيندڙ، اڳئين لفظ جو هم قافيه جاڙو لفظ (جيڪو ٻين لفظن ۾ 'وغيره' جي معنیٰ ڏيکاريندو آهي. جيئن: 'ماني ٻاني'، 'ڪُرسي ٻرسي' ۽ 'ڪتاب ٻتاب' وغيره)

●ٻه: [ا_صفت] هڪ واڌو هڪ. هڪ جو عدد ٻه پيرا، ڏون، ٻه، هڪ جي ٻيڻ

'ٻه ٽه ٻارهن' (چوڻي)

※ [ٻيا: ٻه]

– ٻه اکر: [محاورو] ٻه حرف، ٿورا لفظ، ڪجهه بيان، مختصر ذڪر، ٿورو احوال، ٻه ٽي ٻول (خاص ڪري ڪنهن ڪتاب جا)

– ٻه اکر پڙهيل: [صفت] ٿورو گهٽو پڙهيل، ٿوري گهٽي سمجهه رکندڙ

– ٻه اکر چوڻ: [اصطلاح] ٿوري ۾ ذڪر ڪرڻ، ڪجهه احوال ٻڌائڻ، مختصر طرح ٻڌائڻ

※ سفارش ڪرڻ

– ٻه اکيون ڪرڻ: [اصطلاح] ساڳي حيثيت وارن مان هڪڙي کي گهٽ ۽ ٻئي کي وڌ سمجهڻ، رياءُ ڪرڻ، بي انصافي ڪرڻ

※ مُنجهي پوڻ

– ٻه ٻه وڃڻ ڇهه ٻه وڃڻ: [اصطلاح] سڀ ڪجهه ضايع ٿيڻ

※ واڙو ٿي وڃڻ، مُنجهي پوڻ

– ٻه ٻه: [صفت] جوڙو جوڙو، جوڙي جوڙي

– ٻه ٻه ڇٽڻ: [اصطلاح] جاڙن ٻارن کي جنم ڏيڻ

※ دل اداس ٿيڻ، اُڪيرجڻ

※ پشيمان ٿيڻ

– ٻه ٻه ڳوڙها روئڻ: [اصطلاح] تمام گهڻو روئڻ، ٻِنا ٻِنا لڙڪ وهائڻ

※ [س /ات]

– ٻه ٻول ٻولڻ: [اصطلاح] مختصر ڳالهه ڪرڻ، ڪجهه ڳالهائڻ

※ نڪاح پڙهڻ

※ رضامندي ڏيکارڻ (ڪنوار ٻارن نڪاح ويل)

– ٻه ٽه ٻارهن: [محاورو] ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي، جيئن گهڻا ماڻهو تيئن فائدو

– ٻه ٽي: [صفت] ٻن کان وڌيڪ (ٽيون)، مختصر ڪجهه

– ٻه ٽي ڏينهن: [ا _ مذ] ٿورو عرصو، گهٽ وقت، ٿورا ڏينهن

– ٻه ٽِڪر ٽَمڪڻ: [اصطلاح] ٿوري گهَڻي ٿيڻ، ڪِلڪِل ٿيندي رهڻ

– ٻه پاٽي ڪرڻ: [اصطلاح] مقابلو ڪرڻ (ڪڪڙن جا خفتي ڪڪڙن کي ويڙهائڻ لاءِ پاٽيءَ جا ٺونگارا هڻندا آهن. ٻه دفعا ٺونگارا هڻڻ کي 'ٻه پاٽي ڪرڻ' چوندا آهن)

※ وڙهي حق وٺڻ

– ٻه پهَرَ: [ا_مذ] ڇهن ڪلاڪن جو عرصو، اڌ ڏينهن يا اڌ رات

– ٻه پهَرَ وهڻ: [اصطلاح] وقت تي همدردي ڪرڻ

※ انجام موجب اڌ ڏينهن يا اڌ رات تائين ڪم ۾ مدد ڪرڻ

※ ميار لاهڻ

– ٻه پيرَ ڀرڻ: [اصطلاح] اڳتي وڌي اچڻ، سٺي هلت هلڻ

– ٻه پيرَ وهڻ: [اصطلاح] ڏکئي وقت ۾ ڪم اچڻ، همدردي ڪرڻ

※ ميار لاهڻ

– ٻه ڇپُون رکڻ: [اصطلاح] هڪ ڳالهه تي نه بيهڻ، ٻچاپڙائي ڪرڻ

– ٻه چار: [صفت] ٻن کان وڌيڪ (ٽيون)، ٿورا، ڪجهه

'هر ڪم ڪار ۾ ٻه چار مجبوريون، هڪڙي پيار ۾ هزار مجبوريون'

(استاد بخاري)

– ٻه ڇنبا: [ا _ مذ] معمولي سيڪت، گهٽ سزا

– ٻه ڇنبا پاڻ کي هڻڻ: [اصطلاح] پنهنجي غلطي محسوس ڪرڻ، پنهنجو احتساب ڪرڻ

※ غلطيءَ باوجود اڳئين کي ڪجهه نه چئي سگهڻ، ڪاوڙ پي وڃڻ

※ ٻين جي غلطيءَ تي پاڻ کي برو ڀلو چوڻ، پاڻ کي جوابدار سمجهڻ

●**ٻاڏائڻ:** [مص_ فعل لازمي] ليلائڻ، رڙڻ، ٻاڪارڻ، سڏ ڪرڻ، وِرلاپ ڪرڻ، رحم پِنڻ

※ [سن: وندن = وينتي ڪرڻ]

'ٻانهڻ ٻاڏائي، حبشان واريو هوت ڪي' (شاهه/سسئي آبري)

※ نماڻو ٿي نهارڻ (احسان ۽ ڪرم واري ڏانهن)، واجهائڻ

※ عاجزي ڪرڻ

※ [ٻاڏايو ٻاڏائيندو ٻاڏايل]

●**ٻاڏو ج ٻاڏا:** [صفت_مذ] ٽيڏو (اکين کان)

※ [مث: ٻاڏي ج ٻاڏيون]

●**ٻارِ ج ٻاريون:** [ا _مث] اونهون، اوڙاهه، درياهه يا سمنڊ جو اهڙو هنڌ، جتي پاڻي ڦيرو کائي، تمام گهڻو اونهون ٿي ويو هجي

※ [سن: 1. وار = پاڻي 2. پرم = ڪن]

'مون کي مون ٻرين، ٻڏي وڏو ٻارِ ۾' (شاهه/آسا)

※ پاڻيءَ جي نارِ، سِير (پاڻيءَ جي)

※ ڪوٽي ڪڌ، نارِ، ڪاري

- **ٻارِ ۾ ٻُڏڻ:** [اصطلاح] لهرين ۾ لڙهڻ

※ سخت مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ، تمام گهڻا ڏک ڏاڪڙا رسڻ

● **ٻارِ ج ٻاريون:** [ا _ مث] راهه، ڪَرو، صاف ڪيل اَنَ جو ڍِڳ، سنگن جو ڍِڳ، ديرو، ڦيڙهو (ول جو)

'راهه تان ترون ڪڍين ٻارِ، اکٽ انهيءَ اناج جي' (سامي)

- **ٻارِ ٻَٽِڻي ڪرڻ:** [اصطلاح] ڪري جو ان ورهائڻ

- **ٻارِ پيچڻ:** [اصطلاح] ٻار مان ان ڪٽي وجڻ، ڪرو ڪولڻ

※ رَڪَ پيچڻ

※ [س/ل]

- **ٻارِ ڦاهڻ:** [اصطلاح] سنگن رکڻ لاءِ زمين صفا ڪرڻ

- **ٻارِ ڪَٽڻ:** [اصطلاح] ڪرو ڪٽڻ، اَنَ گهر آڻڻ

●**ٻارُ ج ٻارَ:** [ا _ مذ] ٻچو، ٻالڪ، ننڍڙو ڇوڪر يا ڇوڪري، اَبهم، نابالغ ڇوڪرو

※ بي عقل، بي سمجهه، مُورک، نادان

※ [سن: ٻال]

- **ٻاراڻو ج ٻاراڻا:** [صفت _ مذ] ٻارن جو، ڇوڪراڻو

※ [ا _ مذ] ٻاراڻي وهي، ٻالپڻو

※ نئين چاول ٻار لاءِ ناناڻن طرفان سوڪڙيءَ طور ڏنل ڪپڙا ۽ رلڪا، ٻاراڻو

※ ٻارن جي هڪ خاص بيماري (جنهن ۾ ڪاڪوڙ ڪري پوندو آهي)، سَٽَ

※ ڪچو پهريون ڪتاب

- **ٻاراڻي ج ٻاراڻيون:** [صفت _ مث] ٻارن جي، ٻارن جهڙي، ڇوڪراڻي، ننڍي هوندي واري

'ٻاراڻي ٻوتي، ڪنهن نه ڌوتي' (چوڻي)

※ شروعاتي، اِبتدائي

※ [ا _ مث] ٻارن جي هڪ خاص بيماري

※ ٻاراڻي، بيعقلي، بيوقوفي، ناداني، هلڪڙائي، سِفلائي

- **ٻاراڻي شاعري:** [ا _ مث] ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعري (جنهن ۾ ٻارن لاءِ دلچسپ ڳالهين سان گڏ نصيحتون پڻ شامل هجن)

- **ٻارائي:** [ا _مث] ٻالپڻو، ٻاراڻي هلت، ڪيچلپائي

- **ٻارُ ٻچو ج ٻارُ ٻچا:** [ا _مذ] عيال، اولاد، سنتان، ڪٽنب، آڪهه

- **ٻارُ ترڪڻ:** [اصطلاح] عورت جو ڪچو ٻار ڪِرڻ، حمل ضايع ٿيڻ

※ ڪنهن شيءِ هٿ ڪرڻ لاءِ تکڙ ڪرڻ، تکڙ لڳڻ

- **ٻارَ ٻاڙهڻ:** [اصطلاح] ٻارن کي پڙهائڻ (لفظي معني) ڪنهن تي پنهنجي هوشياريءَ جو اثر ويهارڻ (اصطلاحاً)

※ برغلائڻ، پِنوِلائڻ

- **ٻارُ پڻو:** [ا _ مذ] ٻاراڻي وهي، ننڍپڻ، ٻالائپ، ٻاروتڻ، ٻاراڻي هلت، ٻاراڻي عادت، حرڪت

- **ٻارُ پوڻ:** [اصطلاح] ڪسُهائي ٿيڻ، ڳرڀ ڪِرڻ، وقت کان اڳ حمل ضايع ٿيڻ، ڪسانجو ٿيڻ، ڇڪي پوڻ

※ [س/ل]

- **ٻارُ ڪِرڻ:** [اصطلاح] ڪسُهائي ٿيڻ، ڳرڀ ڪِرڻ، وقت کان اڳ حمل ضايع ٿيڻ، ڪسانجو ٿيڻ، ڇڪي پوڻ

※ تکڙ لڳڻ

●**ٻاروتو ج ٻاروتا:** [اِ ـ مذ] ڪارو ڏاڳو (جيڪو ننڍڙي ٻار کي ڇٽيءَ رات ٻڌبو آهي)

●**ٻارو پارَ:** [اِ ـ خاص] مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو

❊ [س/ٿ]

●**ٻارو ڇَلُ:** [اِ ـ مذ] پيارو ٻروچ، ٻاروچو

❊ [اِ ـ خاص] پنهونءَ جو نالو/لقب

'سا آڳ اُڄهامي ڪين ڪي، جا ٻاروچل تو ٻاري هئي' (ڪبير شاهه)

- **ٻاروچَلَ ٻانهِي:** [اِ ـ مث] پنهونءَ جي ٻانهي، پنهونءَ جي نوڪرياڻي، خدمتگار (شاهه سائين جي ڪلام موجب سسئي پاڻ کي 'ٻاروچل ٻانهي' يعني پنهونءَ جي نوڪرياڻي سڏرائي ٿي)

'ٻاروچل ٻانهي، ڇوري ڇڏ مَ ڇپرين، الا' (شاهه/ديسي)

●**ٻاروچو ج ٻاروچا:** [صفت ـ مذ] ٻروچ ذات جو، ٻروچڪو

❊ [ڪنايہ] پنهون (جيڪو ٻروچ هو)

'لِڪو ڪين لطيف چئي، 'ٻاروچو' ٻئي ٻار' (شاهه/سسئي آبري)

●**ٻارُوڏو/ ٻاڙُوڏو:** [اِ ـ مذ] ڪوهاڙي تي چڙهيل اهو هرلو يا نار جنهن جي مالهه، ٻاٽڙ (ٻانڊي) سان لڳو لڳ ٻڌل هجي، ٻاٽڙٻڌو، هيڪاندو گهڙو، ٻيڙو، 'چاڙهو' يا 'ترنگڻ'

'آيل اوهان، ٻاڙوڏو ٻوڙوهي' (شاهه/سسئي)

●**ٻاروٽو ج ٻاروٽا:** [اِ ـ مذ] ٻاروتو، ننجڻ

●**ٻاروهِي:** [ظرف] ٻارهن ئي مهينا، ٻارهوئي

❊ هميشہ، سدائين

●**ٻارهَن:** [اِ ـ صفت] ٻہ واڌو ڏهہ، يارنهن واڌو هڪ، هڪ عدد، ٻن ايڪن ۽ هڪ ڏهاڪي وارو انگ (12)

❊ گهڻا، جهجها

❊ [ٻہ ڏهہ > ٻاڏهن > ٻارهن]

'ٻہ ڏہ ٻارهن' (چوڻي)

—**ٻارهَن اِمام:** [اِ ـ خاص] خاص (ع) 1. حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام، 2. امام حسنؑ، 3. امام حسينؑ، 4. امام زين العابدينؑ، 5. امام محمد باقرؑ، 6. امام جعفر صادقؑ، 6. امام موسيٰ ڪاظمؑ، 8. امام علي رضا ؑ، 9. امام محمد تقي ؑ، 10. امام علي نقيؑ، 11. امام حسن عسڪري ؑ ۽ 12 امام محمد مهدي ؑ

– **ٻارهَن خانوادا:** [اِ ـ خاص] ٻارهن امام

❊ صوفين جا ٻارهن طريقا [1. قادريہ، 2. نقشبنديہ، 3. صوفيہ، 4. عيدروسيہ، 5. نوريہ، 6. شطاريہ، 7. صوسفيہ، 8. انصاريہ، 9. زاهديہ، 10. حضرويہ، 11. قلندريہ ۽ 12. حسينيہ] (انهن ڪان سواءِ صوفين جا ٻہ طريقا 'چشتيہ' ۽ 'باطنيہ' بہ آهن)

—**ٻارهَن سُرَ:** [اِ ـ مذ] موسيقيءَ جا سُرَ (موسيقيءَ جا بنيادي ست سُر آهن. انهن مان 'سا' ۽ 'پا' شڌ سُر آهن. جڏهن تہ باقي پنجن سُرن جا 'ڪومل' ۽ 'تيور' جوڙا آهن. مطلب تہ ستن سرن مان 'سا' ۽ 'پا' اڪيلا سر آهن ۽ باقي پنجن سرن جا ٻہ حصا 'ڪومل' ۽ 'تيور' آهن. جيڪي ملي ڪري، موسيقيءَ جا ڪل ٻارهن سُر ٿيندا آهن)

– **ٻارهَن سِڱو ج ٻارهَن سِڱا:** [اِ ـ مذ] ڦاڙهو، ڏِگهن سڱن وارو برفاني مَرُڱ

—**ٻارهَن ڪُنَ:** [اِ ـ مذ] گهڻا ڪُنَ (پاڻيءَ جا، درياهہ جا)

'ٻارهن ڪُن، ٻڌيهہ ڏَوَ، ترتر مڱي نانگ' (شاهه/سهڻي)

—**ٻارهَن ڪوهِي سُڄَ ٿيڻ:** [اصطلاح] چوڏاري سڄ ٿيڻ، بلڪل پينگ ٿيڻ

—**ٻارهَن ماسِي ج ٻارهَن ماسِيُون:** [اِ ـ مث] ٻارهون مهينو

❊ ٻارهين مهيني جون هوائون

❊ موت کان پوءِ ٻارهون مهينو ورسي، گذاري ويل ماڻهوءَ جي پهرين ورسي

—**ٻارهَن ماهو/ ٻارهن ماهون:** [صفت ـ ظرف] ساليانو، ورهيارو، ٻاراهو، سال بسال ايندڙ

❊ [اِ ـ مذ] سال جو وڏو ڏينهن

❊ مرشدن پاران مريدن تي مقرر ٿيل ساليانو ڏَنُ

❊ ساليانو پگهار

❊ سال بسال ايندڙ خوشيءَ جو ڏينهن

—**ٻارهَن ماهون ڏينهن:** [اِ ـ مذ] وڏو ڏينهن، ڏڻ، تهوار

**—ٻاوَن وِيرُ ج ٻاوَن وِيرَ:** [صفت _ مذ] ٻاونجاھ ڄڻن کي جهليندڙ، ٻاونجاھ جو مٽ

※ ٻاونجاھ اکرن جو ڄاڻو

※ پتن جي راند ۾ 'ٻاونجاھ' (ٻاون) پتن جو داءُ کٽيندڙ

※ وڏو داناءُ، تمام سياڻو

※ چالاڪ، حرفتي 'ٻاونگير چور'

**– ٻاوَن هَٿُ:** [اصطلاح] پتي راند ۾ ٻاونجاھ ٿي هٿ ساندھ کٽي وڃڻ، تيرهيو ڏيڻ

**– ٻاوَنجاھَ:** [عددي_صفت] ٻن ايڪن ۽ پنجن ڏهاڪن وارو انگ (52)

※ [ٻه + پنجاھ]

**– ٻاوَنجاهُون:** [عدد قطاري] قطار يا سلسلي ۾ ٻاونجاھ نمبر وارو

**– ٻاوَنجاهُون پتو:** [ا _ مذ] تاس جي ٻاونجاھ پتن مان آخري 'جوڪر' وارو پتو

**– ٻاوَنجاهِي:** [ا _ مث] اٽڪل روءِ ٻاونجاھ، ٻاونجاھ کن

**• ٻاوَنڄِرو/ ٻاوَنڄيرو:** [ا _ مذ] ٻاسيرو، ڪنڊائتو، ڏنگائيءَ تي مائل

※ [طرف] ٿورو ٽيڏو

**• ٻاوَنڊُ:** [ا_ مذ] ٻاونجاھ جو مٽ، ٻاونگير، بهادر، ٻانڪو

※ سياڻو، عاقل، هوشيار

※ [هند: ٻاون> ٻاون> ٻاونڊ]

**•ٻاوو:** [صفت_ مذ] اوڳو، حيران

※ [ا—خاص] هڪ ذات جو نالو

※ مندر جو ٻاٻو

**•ٻاوِيهَہ:** [ا _ صفت] هڪ عدد. ٻه ۽ ويھ (22)

※ [سن: دوانِشت]

**•ٻاهَہ:** [ا _ مث] پيچش ۽ سوريءَ جي حالت ۾ پيٽ مان نڪرندڙ لڳلڳدار غلاظت، سوريءَ جي بيماريءَ ۾ پاخاني نه اچڻ جي حالت ۾ زور ڏيڻ، ٻاٽ، ٻاهي، قبضي، مروٽ

**•ٻاهَتَرِ:** [ا _ صفت] هڪ عدد جو نالو. ٻن ايڪن ستن ڏهاڪن وارو انگ (72)

※ [سن: دوسپتتي]

**—ٻاهَتَرجَڻُ:** [فعل مجهول] پلجڻ، وقلجڻ، ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪرڻ

※ [ٻاهتريو ٻاهتريو ٻاهتريل]

**—ٻاهَتَر شَهِيدَ:** [ا_خاص] ڪربلا جي معرڪي جا شهيد (جيڪي تعداد ۾ ٻاهتر هئا)

**—ٻاهَتَر ۾ اچڻ/ پوڻ:** [اصطلاح] ٻاهتر ورهين جي عمر جو ٿيڻ، پيرمرد ٿيڻ

※ بڍاپي ڪري عقل وڃڻ

※ چريو ٿي وڃڻ، بي سمجهه ٿي وڃڻ، هوش وڃائڻ، عقل کان ٻاهر نڪرڻ

**—ٻاهَتِري/ ٻاهَتِريائي:** [ا _ مث] تمام بڍاپڻ، ٻيري

※ چريائي، بيوقوفي

**—ٻاهَتِريو ج ٻاهَتِريا:** [صفت _ مذ] سخت ٻوڙهو

※ فرتوت، ڪنڙيل، بيوقوف

**—ٻاهَتِريو هئڻ:** [اصطلاح] مت موڙهيو هئڻ، بيوقوف هئڻ

**•ٻاهَٺِ:** [ا_صفت] هڪ عدد جو نالو، ٻن ايڪن ۽ ڇهن ڏهاڪن وارو انگ (62)

**•ٻاهِر/ ٻاهَر:** [ظرف] ٻاهرئين پاسي، ٻاهران

'اندر ڪارو ڪانڌ، ٻاهر ٻولي هنجهه جي' (شاھ)

※ پري، دور، مسافريءَ تي، پرديس ڏي

※ [ا _ مث] شهر جي پسگردائي، ٻهراڙي

※ درياھ جو اونهي پاڻيءَ وارو پاسو

※ اڻ ڍڪيل حصو (گهرجو)، آڳر، اڱڻ

**—ٻاهَرُ:** [ا_ مذ] ٻاهريون پاسو، پسگردائي، گردونواح

**-ٻائِڙ ڦِرَڻ:** [اصطلاح] بيزار ٿيڻ، ٿڪجڻ، سست ٿيڻ

❊ [س/اٽ]

**-ٻائِڙ هٽڻ:** [اصطلاح] وڏيون وڪون هڻڻ، تکو پنڌ ڪرڻ

❊[س/اٽ]

**●ٻائِڙو ج ٻائِڙا:** [ا_مذ] گهر وارو، مڙس

❊ مرد

❊ يار، سينڌو

❊ [س/ٿ]

❊[مث: ٻائِڙي ج ٻائِڙيون]

**-ٻائِڙي ج ٻائِڙيون:** [ا_مث] پرڻيل عورت، گهر واري

**●ٻائِلَ:** [ا_خاص] تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو

**●ٻائُلَ ج ٻائُلون:** [صفت _ مث] اسونهين، اپونئين، اڻ واقف، ٻائڙي، نينگري

**●ٻائو ج ٻاوا:** [ا_مذ] ٽڪاڻي جو سنڀاليندڙ، مندر جو رکوال، ٽڪاڻائي

❊ پروهت، گُرو، مهنت (هندو فقيرن جو لقب)

❊ [س: گ. باوو؛ مر. باوا؛ هند: باپ؛ ترڪي: بابا]

❊[مث: ٻائي ج ٻائيون]

**●ٻائُو ج ٻائُو:** [ا _مذ] ٻڙ، ڏِپ، ڏِچ، ڪابه ڊيڄاريندڙ شيءِ ٻائُو

❊ [سن: ڀِي]

'واهِ وڏائي هائُو هائُو ٻاٽ ٻجائي ٻائُو ٻائُو' (استاد بخاري)

**●ٻائُورِي ج ٻائُورِيُون:** [ا_مث] ٻير جي وڻ جو هڪ قسم، ٻائري، وڻ جو هڪ قسم (ٻيرجهڙو ننڍو ۽ گهاٽي ڇانوَ وارو، ڪانيون سنهيون ۽ ٻارڻ جي ڪم اچن. اُن جو قسر صرف ٻڪريون ۽ اُٺ کائين. اُن جي ٻاڙ مان جهيرڻا ٺهن ۽ اُن جو ڪونردوا طور ڪم اچي)

❊ [س/ٿ/ڪوهه _ سن: ورون، ورور = ٻير]

**●ٻائُوريا:** [ا_مذ] پرت جو هڪ قسم

❊ [س/ٿ]

**●ٻائُون:** [صفت] منجهيل، اُداس، پريشان

❊ موڳو، حواس باختہ، ڪِڪو وڪو

**-ٻائُون ٻائُون:** [ا_صفت] اُداس، بي دليو، حواس باختہ

**●ٻائِي:** [ا _ خاص] تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو

**●ٻائِي ج ٻائِيُون / ٻايُون:** [ا _ مث] مائي، سڪرزال

❊ هندو عورتن جو عزت وارو لقب ('ڪانتي ٻائي'، 'ڪيسو ٻائي'، 'سليمت ٻائي'، 'راڌا ٻائي' وغيره)

❊ وڏي ڀيڻ

❊ رئيسياڻي، سانئڻ

❊ [س/ل/ٿ _ مر: ٻايڪو، وايڪو]

'دايون درمانديون ٿيون، ٻائين ٻاڏايو' (سورٺ)

**- ٻائِي ٻاگهي:** [ا –مث] سانئڻ، سينياڻي، مالڪياڻي، وڏيري

**-ٻائِي ٻُتي:** [ا – مث] اها عورت، جنهن کي ڪو به زيور پاتل نہ هجي، ڪنن ٻُٽي عورت

❊ ننڍي وڏي، غريب امير، هرڪا عورت

**-ٻائيلو ج ٻائيلا:** [صفت_مذ] زالن جهڙو، ڪڏڙو.

❊ [س/ل/ٿ]

**●ٻائيتالُ ج ٻائيتالَ:** [ا_مذ] گوڙ شور، هل ٻڪيڙو، جهيڙو، تڪرار، واويلا

❊ ظلم، انڌير

❊ ٻائيتاليهه سيرو مڻ (اناج جي تور جو هڪ نمونو جنهن ۾ چاليهن سيرن بدران مڻ ۾ ٻائيتاليهه سير ڪنيا وڃن)

❊ ['ٻائيتاليهه' جو مخفف]

❊ [سن: ويتالڪ < وِ = نہ + تال = تال ڏنڪ. س جيڪو بي سرو ڳائي]

**-ٻائيتالَ ۾ پَوَڻ:** [اصطلاح] ٻيل ۾ پوڻ، آزار ۾ پوڻ، مصيبت ۾ پوڻ، مشڪل ۾ ڦاسڻ، رولي ۾ اچڻ

**●ٻائيتالِيهَ:** [عددي صفت] هڪ عدد، ٻن ايڪن ۽ چئن ڏهاڪن وارو انگ (42)

❊ [ٻہ > ٻائي + چاليهه > ٽاليهه]

**●ٻائيچي:** [ا_مث] سَسُ

❊ [س/ٿ]

-**ٻَٽ ڏيڻ:** [اصطلاح] راند ۾ زور سان ٺيلهو ڏيڻ، ڌڪو ڏيڻ
* روڪڻ، مات ڪرائڻ
* ٻـَل ڏيڻ
* سَوڙ ڏيڻ، حقي کي زور سان ڇڪ ڏيڻ
* تڪڙو ڊوڙڻ، تڪو ڀڄي غائب ٿيڻ
* [س/ڪوھ]

-**ٻَٽ ۾ پوڻ:** [اصطلاح] بيهوشيءَ ۾ پوڻ، ٻوڙاھ ۾ پوڻ، گهڻو وقت بيمار هجڻ (بيهوشيءَ ۾)

•**ٻَٽ ج ٻَٽُون:** [ا_مث] ڍڪ، پردو، چاڙيءَ جي چوڌاري ٻڌل ڪپڙو ('ٻٽ' ٻڌڻ لڪائڻ خاطر يا سردي کان بچاءَ خاطر ٻڌبي آهي، جنهن ۾ منهن جو گهڻو حصو وات سميت لڪي ويندو آهي ۽ ماڻهو سڃاڻپ ۾ نه ايندو آهي)
* لونگيءَ يا چوٽي ٻر وارو سنهو ڪپڙو (جيڪو ٺهر شاديءَ يا ونگار تي حجام ۽ مڱڻهار ڪي مٿي تي ٻڌائيندا آهن).
* ڏِڳي جي اکين تي اکيا چاڙهي ان جي مٿان ٻڌل ڪپڙو
* [س/ات]

-**ٻَٽ ٻڌائڻ:** [اصطلاح] پٽڪو يا پڳ ٻڌائڻ (لنگهي يا حجام کي شاديءَ جي موقعي تي)

-**ٻَٽ ٻڌڻ:** [اصطلاح] ڪنن ۽ ڪاڌيءَ کي ڪپڙو ويڙهڻ

-**ٻَٽ هڻڻ:** [اصطلاح] ٻٽ ٻڌڻ

•**ٻِٽ:** [ظرف] اصل، ٻٽيءَ، هرگز، مورهين، بِست، يڪ ساهي
* سراسر، برابر
* پڪ، ضرور، بلڪل
* آخرڪار، نيٺ
* هروڀرو
* سڌو، آرپار
* جلدي، اوچتو

•**ٻُٽ ج ٻُٽَ:** [ا_مذ] ڌڪ، ايذاءُ
* صدمو
* ٺيلهو
* جانور کي ڪن ۾ وڍل ڪِڪر (سڃاڻپ لاءِ)، نشان، وِڍ
* ڪير يا پاٿيءَ جو ٻٽو، سرڪ، ڳـُرڙي
* تمام گهٽو نشو
* [س/ل/ڪوھ]

-**ٻُٽ ڏيڻ:** [اصطلاح] سڀ ڪجهه کڻي وڃڻ، ڪجهه به نه بچائڻ، ڦٻائڻ
* ڌڪ ڏيڻ
* تڪڙو ڊوڙڻ، ڀڄي وڃڻ
* [س/ات]
* لِڪي وڃڻ
* بيپرواھ ٿيڻ

•**ٻِٽا:** [ا_مذ] ٽانگي جو هڪ حصو (ٻه ڏگهيون ڪاٺيون، جن سان سرانئيءَ ڪمان کي بند ڪندا آهن)

•**ٻِٽارو:** [ا_مذ] ٻن حصن ۾ ورهجي وهندڙ پاڻي

•**ٻِٽاڪ ج ٻِٽاڪون:** [ا_مث] ڏاڙ، لباڙ، لاف، وڏاءَ واري ڳالهه، ڪوڙ

-**ٻِٽاڪ لڳڻ:** [اصطلاح] لاف لڳڻ، ڏاڙ هڻڻ
'فلاڻي جي ٻٽاڪ ٻٽي لڳي'

-**ٻِٽاڪ هڻڻ:** [اصطلاح] ڏاڙ هڻڻ، لاف هڻڻ، ڪوڙ هڻڻ

-**ٻِٽاڪي ج ٻِٽاڪِي:** [صفت_مذ] ڏاڙي، لباڙي، لاف هڻندڙ، ڳالهه ۾ وڏاءُ ڪندڙ، ڪوڙو

•**ٻِٽا ڪلهوڙا:** [ا_خاص] تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو

•**ٻِٽالو:** [ا_مذ] ٻتاٽا، آلو

- **ٻِٽالن تي گذارو ڪرڻ:** [اصطلاح] هر حال ۾ راضي رهڻ، غربت تي گذران ڪرڻ

•**ٻِٽانگ ج ٻِٽانگون:** [ا_مث] ٻٽاڪ، لباڙ، ڏاڙ
* [س/ل]

• **ٻگهِلو/ ٻگهِلَو ج ٻگهِلا/ ٻگهِلَو:** [صفت] بيوقوف، سادو سودو، پورڙو، مت موڙ هل، ٻگهنُ

• **ٻگهو ج ٻگها:** [ا ـمذ] آبي پکيءَ جو هڪ قسم، ٻگو، ٻگهه
☼ [سن: ٻَڪ، وڪ]

• **ٻگهُو:** [اـخاص] هڪ ذات جو نالو

• **ٻگهِئي ج ٻگهِئيون:** [ا ـ مث] جيت جو هڪ قسم (جيڪو مڪ جهڙو ٿئي)، ڪتي مڪ، ٻگئي

• **ٻگهِي ج ٻگهِيُون:** [ا ـ مث] جيت جو هڪ قسم (جيڪو مڪ جهڙو ٿئي)، ڪتي مڪ، ٻگئي
☼ [هند: ٻِگهي = گهوڙي جي مکِ]
☼ ٽانگو، ٻگي

• **ٻگهِيا:** [اـخاص] هڪ ذات جو نالو

• **ٻگهيرو ٻگهيڙو:** [ا ـ مذ] زناني ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن کي لاڙ ۾ 'ڏونرسار' به چون)

• **ٻِگا:** [ا ـ خاص] هڪ ذات جو نالو

• **ٻِلِ:** [ا ـ مث] قرباني، صدقو
☼ [سن: ٻَلِ]

– **ٻلِ چاڙهڻ:** [اصطلاح] قرباني ڪرڻ، صدقو ڪرڻ (هندن ۾ بين ڪن مذهبي گروهن جي ڪريا ڪرم موجب ڪنهن ساهواري کي، ڪنهن ديوتا جي مٽ اڳيان ڪهڻ).

– **ٻلِدانُ ج ٻلِدانَ:** [ا ـ مذ] ٻلِ، قرباني، ڀيٽا
☼ [سن: ٻَلِدان]

– **ٻلِستانُ:** [ا ـ مذ] ٻليءَ جي جاءِ، قرباني ڪرڻ جي جاءِ، صدقي گاهه

• **ٻلُ ج ٻلَ:** [ا ـ مذ] زور، طاقت، سگهه
'جوڌ اچا ڏاٿين تون پنهنجي ٻانهن ۾ ٻل ڀائين' (آڪاش انصاري)
☼ ڏِءُ، قوت
☼ ڏِڍ، دلاسو، آسرو، ٽيڪ، پٺ، پشتي
☼ ٻارڻ (ڪوري لاءِ ڪاٺين جو)
☼ [سن: ٻَل]

– **ٻلوانُ ج ٻلوانَ:** [صفت ـ مذ] ٻل وارو، طاقتور، سگهارو، پهلوان

– **ٻِلَ:** [ا ـ مث] ڳِئون يا ڄوڙي ٿي مادي (جيڪا فقط ٻه ٿڻ ڏهائي)، ٻِلهه، ٻِٽ، جوڙي
☼ [سن: دو = ٻه]

• **ٻِلُ ج ٻِلَ:** [ا ـ مذ] ٻِلو (آفرين طور مليل)، تمغو، ميڊل
☼ تاجني، ڪانٽو
☼ [ظرف] سوگهو، مضبوط، سَڪ

– **ٻِلُ ڪرڻ:** [اصطلاح] سوگهو ڪرڻ، قابو ڪرڻ، سڪ ڪرڻ

– **ٻِلُ ڪَٽڻ:** [اصطلاح] ملاکڙي ۾ مقرر ٿيل انعام کٽڻ، ميلُ مارڻ

• **ٻُلَ ج ٻُلُون:** [ا ـ مث] کير لاهڻ لاءِ مينهن کي سار (مخصوص عضوي) ۾ ڏنل ڦوڪ، کير نه ڏهائيندڙ چوپائيءَ کي (علاج طور) سار ۾ ڏنل ڦوڪ (يا ٻانهن وجهڻ جو عمل)
☼ ڪَنج، تل، سوٽو (ڀيڙيءَ جو)
☼ سزا، مار، ڇينڀ

– **ٻُلَ ڏيڻ، ڪرڻ:** [اصطلاح] ڏڳيءَ يا مينهن کي سار ۾ ڦوڪ ڏيڻ
☼ ڪَنج ڪرڻ، تل ڏيڻ
☼ دٻ ڪڍڻ، سزا ڏيڻ، مار ڏيڻ

• **ٻِلاٽو ج ٻِلاٽا:** [صفت ـ مذ] ٻِن لاٽن وارو، ٻن طرفن کان روشني ڏيندڙ
☼ [ا ـ مذ] روشن منارو (جيڪو درياهه يا سمنڊ ۾ جهازن لاءِ روشني ڪري)، (light-house)

• **ٻِلاٽِي ج ٻِلاٽِيُون:** [ا ـ مث] ننڍڙو ٻيٽ، ٻيٽاري، ٻيلاٽي
'ڪارا ٻانڊ، ٻلاٽيون، ٻيو ڪيرن جا ڪوڪا' (حمل)

• **ٻُلاٽِي ج ٻُلاٽِيُون:** [ا ـ مث] محنت، تڪليف، پورهيو

• **ٻِلارَ ج ٻِلارُون:** [ا ـ مث] ٻن لارن واري چڙي
☼ پڙڪار، ماڻهن جو آواز، گوڙ، گهمسان، ٻلڪار

– **ٻُلارو ج ٻُلارا:** [ا ـ مذ] ٻلار، ٻلڪار

• **ٻنگارِي ج ٻنگارِيُون:** [ا ـ مث] ڏاتوءَ جو هڪ قسم (جنهن مان ٿانو ٺهن)

※ ڪنجهي مان ٺهيل ٿالهي

※ [سن: 1. وگـگَ = شيهو قلعي؛ 2. ونگار = هڙتال، زرني آٿرش. ٻن = ٽامو]

• **ٻنگِڙِي ج ٻنگِڙِيُون:** [ا ـ مث] شيشي جي چوڙي

※ [س/ٿ ـ هند: ٻنگڙي]

• **ٻنگَڻُ:** [مص ـ فعل متعدي] ڏٽڻ، پرڻ، تار ڪرڻ

※ [س/ل]

• **ٻنگهُ ج ٻنگهَ:** [ا ـ مذ] وجهہ، موقعو

※ ٻنڌڻو، ونگ

※ [س/ات]

※ وأهڙ (درياءَ جو)، درياءَ جو ورَ

※ گهيڙ، گهٽ

• **ٻنگُهٽو ج ٻنگُهٽا:** [ا ـ مذ] لوٽي، دکيءَ وغيره ٿانو کي سهولت سان کڻڻ لاءِ ٿانو جي منهن مٿان ٻڌل نوڙي (منهن جي مٿان گول وريل ۽ هيٺ ٿانو جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل)

※ [سن: ونڪ > ٻنگ > ٻنگهٽو]

• **ٻنو ج ٻنا:** [ا ـ مذ] زمين جي ٻاري کي ڏنل ننڍڙو بندَ، ننڍي ڪَڙ

'ٻڌيءَ کي ٻنا، ڪوهہ سنباهين سـُـئيا' (شاهہ)

※ ڪنڌ جي ڪِنار، ٻنوڙو، سنڌو، حد، ڪِنارو، ڏني، ڪني، ودو، دڙب، نيل، ڏنو، مٽيءَ جي ننڍڙي ڀِت

※ [س/ات]

※ تلوار جو هڪ قسم (جنهن جي ڀت يعني اڌ ويندڙ ڀاسو موڪرو هجي)

※ جهل، آڏ، ٻچاءُ

'ڏنو ٻنو آهي' (چوڻي)

※ ڪوهستان ۾ ڪاڇي جي ٻني (جيڪا مينهن جي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ ٻنا ٻڌي ٺاهي ويئي هجي)

– **ٻنا اَگاڙڻ:** [اصطلاح] ٻوڪ لهڻ تي هارين کان ٻڌل لوازمو وصول ڪرڻ، هارين کان سنگن جي خيرات وٺڻ، نذرانو اگاڙڻ، ڏن وٺڻ، ٻنڌاڻ وٺڻ

– **ٻنا ٻڌڻ:** [اصطلاح] ننڍا بند تيار ڪرڻ، ٻنا ٺاهڻ، ٻنا ڏيڻ، ٻنا ڪڍڻ

※ ناتو ڳنڍڻ

※ خوشامد ڪرڻ

※ حيلا هلائڻ

– **ٻنا ٻوڙُ:** [ظرف] تمام گهڻو (پاڻي)، تمام گهڻو (مينهن)

– **ٻنا ٽَپڻ:** [اصطلاح] حدون اورانگهڻ، زيادتي ڪرڻ

※ پرائي ڀت ٽپڻ (چوريءَ جي خيال کان)

– **ٻنا ٺاهڻ:** [اصطلاح] ٻنا ٻڌڻ، بندَ ٺاهڻ

– **ٻنا ٿَپڻ:** [اصطلاح] ٻنن کي ڪوڏر سان ڌڪي مضبوط ۽ سڌو ڪرڻ

– **ٻنا ڀِڃڻ:** [اصطلاح] لاباري وقت هاريءَ کان سنگ ڀڃڻ

※ خيرات وٺڻ، نذرانو وٺڻ

– **ٻنا ڏيڻ:** [اصطلاح] ٻنا ٻڌڻ، ٻنا ٺاهڻ

※ ڪڪ رکڻ، بيجا حمايت ڪرڻ

– **ٻنا ڏيئي ٻَچڻ:** [اصطلاح] زوريءَ چنائي ٻچڻ، اڪو ٻچي وڃڻ

– **ٻنا ڏيئي وَڃڻ:** [اصطلاح] پاڻيءَ جو لهڻ وقت بند تي ڪرون ڏيئي وڃڻ، پاڻيءَ جو لهي وڃڻ، ڪٽي وڃڻ

'درياهہ ٻنا ڏيئي ويو آهي' (جملو)

– **ٻنا ڍِڪڻ:** [اصطلاح] ٻوڪ جي سلن جو وڌي ٻنن کي ڍڪي ڇڏڻ

– **ٻنا ڪَڍڻ:** [اصطلاح] ٻج ڇٽي هر ڏيڻ بعد ڏاندار سان ٻنا ٺاهڻ، ٻنا ٻڌڻ

– **ٻنا وٺڻ:** [اصطلاح] لاباري جي ڏينهن ۾ ڪڙمين کان (ٻوڪ جي) خيرات وٺڻ، نذرانو وٺڻ

※ ٻاهريان پاسا وٺڻ، نتائڻ

• **ٻوڙٿو ج ٻوڙٿا:** [ا ـ مذ] وڏي ٻيڙي (سمنڊ جي). واڻ
※ [صفت] ٺلهو. ٺوٺانگ. ڏنبو
※ بي ڊولو. بد زيبو. بدشڪل
※ موڳو. غائب دماغ. بيعقل. ٻوگهلو

• **ٻُوڙَرُ. ٻُوڙِڙُ:** [ا ـ مذ] ڊانڊي پکيءَ جو هڪ قسم. ٻوهڙ

• **ٻُوڙَلَ:** [ا ـ مث] صبح جا ماڪ وارا ڪڪر (جيڪي ڏڌيءَ هير مان گڏ ڏکڻ کان اڀر وڃن). ماڪ جون ڪڻيون. ڪڻين جي داڻ داڻ. ٻوند

• **ٻُوڙو:** [ا ـ خاص] تعلقي فيض گنج ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو

• **ٻوڙيلو:** [ا ـ خاص] تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٻَهَ:** [صفت] ٻهون. گهڻو. جهجهو
※ [سن: بَهه = گهڻا]

- **ٻَهَ وَچَنَ:** [ا ـ مذ] گهڻا وچن. گهڻا ٻول

• **ٻَهِ:** [مصدر 'ٻهڻ' (= ويهڻ) مان 'بستي' يا 'بيٺڪ' جي معنيٰ ۾ ايندڙ اسمي پڇاڙي] (ٿرپارڪر ۾ 'سونل ٻهه'. 'آسا ٻهه' ۽ 'گــَرڙا ٻهه' نالي ڳوٺ)
※ [س/ٿ]

• **ٻُهُ ج ٻُهَ:** [ا ـ مذ] ٻوهه. تهه
※ [سن: بس = ٻهه]

• **ٻَهارِ:** [ظرف] ٻاهر
'سوٽي رهيو روح ۾. سوٽي اکڻان ٻهار' (شاهه).

• **ٻِهارَ:** [ظرف] ٻيو پيرو. ٻيهر. ٻيهار
※ ٻئي ويرَ واري ڇوپائي
※ [س/ ات ـ ٻه + وار = گهمرو]

• **ٻُهارا:** [ا ـ خاص] تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو

• **ٻُهارِڙي:** [ا ـ خاص] تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو

• **ٻُهارَڻُ:** [مص ـ فعل متعدي] ٻهاري ڏيڻ. ڦريو گهمائڻ. صفائي ڪرڻ. ميڙڻ
※ [سن: ٻهڪري = ٻهاري]
※ [مص] ٻُهارڻ
※ [امر] ٻُهارِ
※ [مضارع] ٻُهاريان (ج) ٻُهاريون. ٻُهارِين (ج) ٻُهاريو. ٻُهاري (ج) ٻُهارين.
※ [زمان حال ناهڻ لاءِ معاون فعل 'ٿو' ۽ زمان حال استمراريءَ لاءِ 'پيو' جا مذڪر مونث جمع جا صيغا ڳنڍبا آهن ]
※ [حال] ٻُهاري ٿو (ج) ٻُهارين ٿا
※ [حال مث] ٻُهاري ٿي (ج) ٻُهارين ٿيون
※ [ماضي] ٻُهاريو (ج) ٻُهاريا
※ [ماضي مث] ٻُهاري (ج) ٻُهاريون
※ [مستقبل] ٻُهاريندو (ج) ٻُهاريندا
※ [مستقبل مث] ٻُهاريندي (ج) ٻُهاريندِيون
※ [اسم مفعول] ٻُهاريلُ

– **ٻُهارُ:** [ا ـ مذ] ٻهرُ. ڪچرو. گند

– **ٻُهارائِي ج ٻُهارائِيُون:** [ا ـ مث] ٻهاري پارائڻ جو عيوضو. صفائي ڪرائڻ جو محنتاڻو

– **ٻُهارائِڻُ:** [مصدر 'ٻهارڻ' مان فعل متعدي بالواسطہ] ٻهاري ڏيارڻ. ميڙائڻ. صفا ڪرائڻ
※ [ٻهاريو ٻهاريندو ٻهاريل ]

– **ٻُهارِڻِي ج ٻُهارِڻِيُون:** [ا ـ مث] ٻهاري ڏيڻ جي اجرت. صفائي ڪرڻ جو محنتاڻو
※ ٻهاري ڏيڻ جو ڪم
※ ٻهاري ڏيڻ جو نمونو

– **ٻُهارو ج ٻُهارا:** [ا ـ مذ] گند ڪچري کي ميڙڻ ۽ صفائي ڪرڻ لاءِ کجيءَ، ڪانهن. کپ. سَر. مُڃ. گاهه وغيره مان ٺهيل ڦريو

- **ٻيهَڻُ**: [ا ـ مذ] ٻجُ
  - ٭ [سن: ٻيج]
- **ٻيٺَرُ**: [ا ـ مذ] هڪ نہ ٻئي ڏينهن ايندڙ تپ
  - ٭ ٻہ ڳنڍيل تندون، تاڃيءَ جي ٻنهي ڪنين ۾ ٻهريون ٻهريون ڌاڳو (ڪورين جو اصطلاح)
  - ٭ ڪاٻاڙ يا ٽيڻو رسو
  - ٭ [س/ٿ]
- **ٻيٺي**: [صفت] هيٺ ٻہ ۽ هو ٻہ. هردو، ٻئي
  - ٭ [س/ٿ]

❑

# Mufasil Sindhi Lughat

Vol- II (ب - ٻ)

Chief Editor

**Sarfraz Rajar**

ISBN 978-9-6962506-9-2

Sindhi Language Authority, Sindh